# روميءَ جون رهاڻيون

[مثنوي روميءَ ۾ بيان ڪيل مڪمل ڪهاڻيون جن جي هڪ هڪ سٽ تصوف جي رازن جي سمجهاڻي ۽ اخلاقي هدايتن جي پنڊار آهي.]


سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار

**احمد خان "آصف" مصراڻي**

ڪمپوزنگ ۽ موڪليندڙ:

**سيد اريب شاهه** (بدين)



**ڇپائيندڙ**

**سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي**

**وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر**

# فهرست


- پبلشر نوٽ
- سوناري ۽ بيوفا ٻانهيءَ جو عشق
- بي فرمان پُٽ
- خدا تي توڪل
- جهاز جي تباهي ۽ هڪ ڇوڪر تي فضل الاهي
- حسنِ يوسف عليہ السلام
- موت کان ڀڄندڙ موت جي منهن ۾
- هوا تي مڇرن جو فرياد
- حضرت موسىٰ عليہ السلام جي ولادت ۽ فرعون جي هلاڪت
- حيوانن جون ٻوليون سکندڙ نوجوان
- ٻڪرار ۽ حضرت موسىٰ عليہ السلام
- حضرت عيسىٰ عليہ السلام ۽ هڪ احمق
- شينهن جو زنده ٿيڻ ۽ انسان جو مرڻ
- يهودي وزير جو عيسائين کي مڪر سان تباهه ڪرڻ
- آقا کي خون ڪندڙ غلام ۽ سندس تباهي
- ايماندار پٽ ۽ ماءُ باهه ۾
- خدا جي غضب کان بچڻ جي تدبير
- امام حسن جو غلام تي احسان
- صديق جي صداقت ۽ ابوجهل جي جهالت
- محمدﷺ جي نام جي پنج وقتي نوبت
- بدنصيب ابوجهل
- آنحضرت صہ ۽ صديق اڪبر رضہ جي راست گوئي
- بي ادبيءَ جو خراب نتيجو
- الله تعالىٰ جي رسول ڪريم ڏانهن امت جي بخشش گهرڻ لاءِ تاڪيد
- سڪل بُند جي رسول صلي الله عليہ وسلم سان محبت
- حضرت انس ﷺ عنہ جو دستر خوان

- رسول ڪري صلي الله عليہ وسلم جن وٽ ڪافر مهمان
- حضرت عمر ﷺ عنہ ۽ ايلچي
- نظر جو دوکو
- گويي تي الله جو لطف
- سکڻي توڪل رکندڙ کي حضرت عمر ﷺ عنہ جي تنبيهہ
- حضرت عثمان ﷺ عنہ رسول صہ جي منبر تي
- حضرت علي ﷺ عنہ سان مشرڪ جي گفتگو
- بي ادبي تي حضرت علي ﷺ عنہ جي مهرباني
- جنس ڏانهن لاڙو
- جنس ۽ ماڪوڙيون
- جبر و قدر جو مسئلو
- شيطان جو حسد
- ڪوڙا ماتمي
- مسلمان جو خواب
- پنهنجي ڪمال تي نازان نہ ٿجي
- اياز ۽ ان جي اصلوڪي پوستين
- حڪم غزنوي ۽ تعميل اياز
- باهہ کان بچڻ جو علاج
- چور عدالت فاروقي ۾
- محمود ۽ هندو غلام
- سلطان محمود ۽ پنج چور
- ابراهيم ادهم ۽ اٺ وارا
- حضرت ابراهيم ادهم ۽ فرمانبدار مڇيون
- مطلبي صوفي ۽ جهاد
- جهاد اڪبر
- نصوح جي توبهہ
- بادشاهہ ۽ بہ غلام
- مسلمان ۽ هڪ گبر

- بچڙي آواز وارو ٻانگو
- حضرت لقمان ۽ ڪوڙو گدرو
- حضرت بايزيد ۽ نامراد مريد
- وفا جو امتحان
- شيخ احمد جي سخاوت
- مفلس جو شڪوو
- صابرين عورت
- دشمن جو مشورو
- بيوقوف جو اجايو اعتراض
- نحوي ۽ ملاح
- ظاهر ۽ باطن هڪ رڪڻ
- خوني ترڪ
- پوڙهي بيمار ۽ طبيب جي گفتگو
- قبر جو حال
- انسان جي تلاش
- بخيل ۽ سندس ڪتو
- استاد ۽ ٽيڏو شاگرد
- زندگي جو وڻ
- وهم
- پوڙهو مڙس ۽ سندس چسيري بي بي
- چار دوست ۽ انگور
- بيوقوف
- درزي ۽ سپاهي
- نانگ جو چور
- جج جي مشڪلات
- مٺي ڪائيندڙ بيوقوف
- نقاشن جو مقابلو
- چور ۽ غافل گهر ڌڻي

- ماءُ کي قتل ڪندڙ
- مفلس امير
- ينگي عطر جي بازار ۾
- صوفي ۽ سندس گڏهه
- حريض ڳئون
- ٻوڙو ۽ بيمار
- اعرابي ۽ عالم
- انسان ۽ رڇ جي دوستي
- سپاهي ۽ واٽ ۾ ستل مسافر
- ”مان“ رکندڙ عاشق
- چور ۽ مالهي
- ٽي چور ۽ هڪ باغائي
- سونارو ۽ پوڙهي
- ٿرڙو پهلوان
- بزدل هٿياربند نوجوان
- مسافر ۽ هاٿي
- طوطو ۽ دڪاندار
- جهرڪي ۽ ماري
- سياڻو سَهو
- موقعو سجاڻجي
- نفعو نقصان نہ ڏسندڙ
- نمازي غلام
- چور ۽ سندس سنگتي
- چور ۽ دنبي وارو
- هاٿي ۽ تماشبين
- مڪان جي تلاش ۾
- اجايو خوف
- ڪنڀ پٽيندڙ مور

- ڪُئو ۽ ڏيڏر
- گڏھ، گھوڙن ۾
- لومڙي ۽ نادان گڏھ
- گاھ ۽ اٺ، ڏاند ۽ دنبو
- احسان فراموش دھقاني

# پبلشر نوٽ

”مثنوي رومي“ تصوف جي رمزن ۽ اخلاقي هدايتن جو هڪ اهڙو پندار آهي جنهن مان مسلمان توڙي ٻيا ايامن ڪان وٺي ڪري علمي ۽ عملي طرح سيراب ٿيندا رهيا آهن. ان جو معروف آڪاڻين جي صورت ۾ سمجهائڻ وارو طريقو ايترو ته موثر مجيو ويو آهي جو صدين گذرڻ پڄاڻان به انهيءَ جو استفادو جيئن پوءِ تيئن سگهارو مجيو پيو وڃي.

اسان سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي پاران مثنوي روميءَ جي ڪل ڇهن دفترن مان ٽن دفترن جو ترجمون پڌرو ڪيو ته سنڌ ۾ ان کي بيحد مقبوليت حاصل ٿي. هينئر مثنوي روميءَ ۾ شامل ڇهن ئي دفترن جون مڪمل آڪاڻيون پڙهندڙن تائين پڄائيندي اسان کي بيحد خوشي حاصل ٿي رهي آهي. هي آڪاڻيون نامياري ليکڪ ۽ شاعر محترم احمد آصف خان مصراڻي جون ترجمون ڪيل آهن. سندس لائق نياڻي محترمہ گلبدن جاويد مرزا سنڌي ادبي بورڊ ۾ ماهوار سرتيون رسالي جي ايڊيٽر آهي، سا پنهنجي والد جي ڪتابن جي اشاعت لاءِ هميشہ ڪوشان پئي رهي آهي. سندس ئي ڪوششن سان اسان پهريائين محترم آصف خان مصراڻي جي ٻارن لاءِ جمع ڪيل شاعري جا ڇهہ حصا ”ٻاراڻا ٻول“ ڇپايا هئا. هن ڪتاب جو اوريجنل مسودو بہ ڪانئس ئي اسان کي حاصل ٿيو آهي ۽ اهڙي طرح ههڙو اهم علمي ذخيرو پڙهندڙن تائين رسيو آهي.

اميد آهي ته هي ڪتاب به پڙهندڙ وٽ مثنوي روميءَ جي اڳ شايع ٿيل ڪتاب وانگر بيحد مقبوليت ماڻيندو ۽ اسان جي ماڻهن جي اخلاقي سڌاري جي هڪ وڏي وِٽ ثابت ٿيندو.

**نور احمد ميمڻ**

**چيئرمين**

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

# سوناري ۽ بيوفا ٻانهيءَ جو عشق

هڪ بادشاهه، عاليجاهه، تي گهوڙي تي سوار، ڪرڻ ويو شڪار، هن دل ۾ چيو تي، ته گهڻائي آهو ماريندس، هٿ ڪي ناريندس، مگر هو ٻاڻ، نه ڄاڻ هڪ نازنين مهه جبين، آهو چشم جي نظر جي تير جو شڪار ٿي پيو. ڏسڻ سان دل قُرائي وينو، نازنين ڪنيزڪ اڳيان سڀ ڪجهه لٽائي وينو. آخر حيلا هلائي، اٽڪلون ويڙهائي، ڪنيزڪ هٿ ڪيائين، ان سان نڪاح وڏائين ۽ کيس محلات ۾ آندائين. مگر ٻن ٽن ڏينهن بعد ٻانهي تي پيئي بيمار، ڪيس ڪونه هو قرار، رني تي زارو زار، نه کائڻ نه پيئڻ، نه خوشي نه کلڻ رڳو هوس رڙڻ ۽ روئڻ. بادشاهه گهڻائي حڪيم طبيب گهرايا، جن حڪمت جا وڏا حيلا هلايا، نسخا مٿايا، سٺايا مگر اُهي سڀ ٿيا اجايا، ٻانهي ڏينهون ڏينهن وئي ٿي نجهرندي سڀ ڪنهن چيو ٿي ته اڄ نه مرندي سڀان مرندي.

بادشاهه سندس اها حالت ڏسي، دل جو دل ۾ پيو مُسي، ڄڻ ته ٻاڻ بيمار هو، کيس صبر هو نه قرار هو. آخر طبيبن کي نااميد ڏٺائين. تڏهن ٻاڻ کي رب ڏانهن رجوع ڪيائين. مسجد ڏانهن وک وڌايائين، سر سجدي ۾ رکيائين، روئي رب کي ٻاڏايائين، ته "اي شافين جا شافي! ڏي منهنجي محبوب کي درد کان معافي، تنهنجي هٿ آهي شفا، تنهنجو نام ئي آهي دردن جي دوا." آزاري ڪندي بادشاهه جي اک لڳي وئي خواب ۾ ڏٺائين هڪ مرد مٺيا وارو، جنهن کيس اشارو، ته نه ڪر غم رب ڪندو تنهنجا سٺاوا ڪم.....بادشاهه بيدار ٿي موٽي پنهنجي جاءِ تي آيو. هن پنهنجو هنڌ مٿاهين وڇارايو جتان هڪ رستو ٿي آيو. بادشاهه رستي ڏانهن پئي واجهايو نيٺ کيس هڪ بزرگ ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي خواب ۾ ڪئي هئائين زيارت ۽ جنهن کيس ڏني هئي آٿت، ڏسندي بزرگ وٽ حاضر ٿيو. ساڻس سمورو حال ڪيو. کيس وٺي بيمار وٽ آيو. بزرگ بيمار (ٻانهي) کي ڏسڻ سان چيو ته:

جن طبيبن ڪيو سندس دارون دوا،
تن پلائي جي بجا آندي بلا.

بي خبر ها سي دلي آزار کان،
تن جي ڪوڙن کان خدايا ڏي امان!

عشق پڌرو ٿيو منجهان زاريءَ دل،
ناه ڪو غم مثل بيماريءَ دل.

سڀ ڏکن کان عاشقن جو ڏک جدا،
عشق اضطراب اسرار خدا

پوءِ بزرگ حڪيم، بادشاهه کي چيو، تہ مون کي خلاصگيءَ جو موقعو ڏيو، جيئن آئون بيمار کان وڌيڪ حال احوال پڇان ۽ سندس دلي آزار جو دارون ڪيان....بادشاهه سندس حڪم جي تعميل ڪئي. بس محلات ۾ بيمار ٻانهي ۽ اهو بزرگ حڪيم رهيا. حڪيم ٻانهيءَ جي نبض تي هٿ رکي، ڪانئس پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن جي نالا لڳو پڇڻ. سندس مقصد اهو هو تہ جيئن تہ هيءَ ٻانهي، ڪنهن جي عشق جي چوٽ کان بيمار آهي، تنهن ڪري جڏهن هن جو نالو وٺبو تہ نبض ۾ جنبش ايندي ۽ سندس رفتار تيز ٿيندي. بزرگ نالا وٺندو رهيو، مگر نبض ۾ ڪابہ جنبش نہ ٿي. آخر جڏهن سمرقند شهر جو نالو ورتائين، تڏهن ٻانهيءَ سرد آهہ ڀري، سندس نبض بہ تيز ٿيڻ لڳي ۽ زور سان ٽپڻ لڳي، ڇاڪاڻ تہ اتي سندس دلبر زرگر (سونارو) هو. جنهن وٽ ٿي مهينا رهي هُئي ۽ ساڻس محبت ڪئي هئائين.

بس حڪيم احوال ان جو هي ٻڌو،
درد هن جي کان صفا واقف ٿيو.

پوءِ چيو ان کي حڪيم باصواب،
هاڻ تنهنجو درد ٿيندو سڀ عذاب.

شاهه وٽ ويو ان کان پوءِ حازق حڪيم،
۽ ٻڌايائين شاهه کي حالِ مقيم.

شاهه چيو هاڻي ڪيو تدبير ڪا،
اهڙي ڪم ۾ ڪجهہ نہ ڪيو تاخير ڪا.

ان چيو تدبير ان جي ٿي صفا،
آهہ ”سونارو“ انهي جي بس دوا.

حڪيم جو چوڻ مڃي بادشاهه سوناري کي ڳهن ناهڻ جي بهاني سان پاڻ وٽ گهرايو. ٻن ٽن ڏينهن بعد بيمار (ٻانهي) کي سندس حوالي ڪرايو.....وڇڙيل هڪ ٻئي سان مليا، سندن روح رليا، ڪجهہ رُنا ۽ گهڻو کليا. پوءِ روح رهاڻيون ڪندا رهيا ۽ مزا ۽ موجون وٺندا رهيا. ٻانهي اڳئين کان اڳري ۽ چاق ٿي وئي. ڇهن مهينن کان پوءِ حڪيم هڪ شربت سوناري کي ڏنو جنهن کان ترت بگڙي ٿيو ڪوجهو ڪنو.

سونهن سوناري جي جيئن برباد ٿي،
ٻانهي جي عشق کان آزاد ٿي.

ان جو چهرو بدنما ۽ زرد ٿيو،
عشق ٻانهيءَ جو انهي کان سرد ٿيو.

جنهن سان اڳ ۾ هيتري محبت هيس،
تنهن کان هاڻ خاص ٿي نفرت ٿيس.

ٻانهي سوناري کي ڌڪارن لڳي ۽ هن کان پري ٿي پئي پڄي، سونارو بيماري ۾ ڳري جهري ويو ۽ آخر ويچارو مري ويو. ٻانهي، بادشاهه پنهنجي هٿ ڪئي، جنهن سان رلي ملي نهي وئي.

**نصيحت:**

ظاهري صورت تي عاشق ٿيڻ نہ گهرجي. وڏن جو چوڻ آهي سهڻي صورت کان سهڻي سيرت ڀلي آهي فاني شيءِ سان عشق نٿو جُڳائي پنهنجي حقيقي محبوب سان لنو لڳائجي. مجازيءَ کان دامن کي بچائجي. عورت ذات بيوفا آهي ان سان اک نہ اٽڪائجي.

## شعر

عورت جي بيوفائي دنيا ۾ مشتهر آ
هن جي پيار ۾ خود آزار آهہ پنهان

## بيت

بخاري موهي ڪڏهن ويندءِ نڪري،
اکڙيون توهي وجي وجهنديون مامري.
گلي ۾ ڪٽي نانگ پائڻ چڱو،
وچونءَ کي بہ مُٺ ۾ دٻائڻ چڱو،
ڀروسو نہ عورت تي پائڻ چڱو.

# بي فرمان پُٽُ

جڏهن حضرت نوح عليہ السلام جي صدها سالن جي تبليغ کان پوءِ بہ سندس امت تي کو اثر نہ ٿيو، رهندو ڪافر ڪيس تڪليفون ڏيڻ لڳا تڏهن انهن جي هلاڪت لاءِ دعا گهريائين. بارگاه ايزديءَ مان ڪيس حڪم ٿيو، تہ ڪشتي بناءِ. ان ۾ مومنن کي سوار ٿيڻ جو حڪم ڪر جيڪو تنهنجي ڪشتي ۾ نہ ٿيندو سوار، اُهو مرڻ لئي رهي تيار. حضرت نوح عليہ السلام ڪشتي تيار ڪئي، سندس پٽ ڪنعان بہ دين جي دشمنن سان شامل ٿيو. محبت پدري جوش ۾ آئي، حضرت نوح عليہ السلام پنهنجي پٽ کي گهڻو سمجهايو تہ، اچي ڪشتيءَ ۾ سوار ٿيءُ اجايو خراب ۽ خوار نہ ٿيءُ ايندڙ الهیٰ طوفان کان ڊپ ڪر، مفت ۾ نہ مر، هن چيو تہ آءٌ تمام تارو آهيان. ٻڏي نہ سگهندس. آءٌ جبل جي چوٽيءَ تي بيٺو آهيان، هتي مون کي طوفان جون لهرون ٻوڙي نہ سگهنديون.

حضرت نوح چيو اڄ هن پاڻي اڳيان هيءُ ڪوه (جبل) بہ ڪاه (گاه) مثل آهي. اڄ اُهوئي بچندو، جو خدا جو حبيب هوندو.

ڪنعان چيو بابا! ره خاموش، ڏار پنهنجو هوش، مون اڄ تائين مڃي آهي تنهنجي نصحيت، نہ ونندس اڳتي تنهنجي هدايت، مان ٻنهي جهانن ۾ توکان آهيان بيزار، آءٌ پنهنجي مرضي جو آهيان مختار.

حضرت نوح چيو تہ، فرزند، دلبند! هيءَ موقعو ناز جو نہ آهي، مگر وقت نازڪ آهي، هن وقت ناز ڇڏي ڏي، الله سان دل گڏي ڏي. هن وقت هن جي قهر جو بحر موجزن آهي، هن وقت هن کي پيغمبر زادگي نہ البتہ بندگي پسند آهي.

جز خضوع و بندگي و اضطرار،
اندرين حضرت ندارد اعتبار

ڪنعان چيو تہ، بابا! نصيحتون ڪندي ڪندي پوڙهو ٿي ويو آهين، مگر قائل تنهنجو ڪوئي ڪونہ ٿيو، مان بہ سمجهي ويو آهيان تہ تنهنجون اِهي ڳالهيون اجايون آهن. حضرت نوح چيس تہ اي جان پدر! اي لخت جگر!! انهيءَ ۾ توکي ڪهڙي تڪليف آهي، جو منهنجي نصيحت مڃي، دين ودنيا جو ڇوٽڪارو حاصل ڪرين، حضرت نوح ع جي نصيحت جو ڪنعان تي ڪو اثر نہ ٿيو، هن کي ڪو بہ حذر نہ ٿيو، سچ چيو اٿن تہ:

”نصيحت نادان تي ڪندي ڪانہ اثر“

ايتري ۾ فوراً هڪ تيز لهر آئي، جا ڪنعان کي گهلي وئي......

اندرين گفتن بدند و موج تيز
برسر ڪنعان زدوشد ريز ريز.

حضرت نوح عرض ڪيو تہ ياالله، هي چا ٿيو، تنهنجو وعدو هو تہ تنهنجي اهل ۽ عيال کي طوفان کان بچائيندس. ۽ تون تہ سڀ کان زوراور حاڪم آهين! هاڻي نہ منهنجو گهر رهيو نہ اسباب.

گفت اواز اهل و خويشانت نہ بود
خود نہ ديدي تو سفيد از ڪبود
چونکہ دندادِ ترا ڪرم فتاد
نيست دنداد برڪنش اي اوستاد

اي نوح جيئن تہ اهو تنهنجو پٽ نافرمان هو، تنهن ڪري تون هن کي پنهنجي اهل مان نہ سمجهہ، جيڪو ڏند ڪيڙي کاڌل ٿئي ٿو، ان کي يڪدم ڪڍي ڇڏجي متان ٻين کي بہ لهس ڏئي ۽ آزار جو باعث بڻجي......!

حضرت نوح عہ چيو تہ، ياالله! مان پٽ کان بيزار آهيان، مان تنهنجو بندو آهيان ۽ تنهنجي تقدير اڳيان سرافگنده آهيان جيڪڏهن مون کي غرق ڪرڻ چاهين، تہ بہ تون مرضي جو مالڪ آهين، مون تي بخشش ڪر ۽ مون تي رحم ڪر!

**نصيحت:**

”سنگ پسي سرهي مَر تيءُ متان پرين نہ پنهنجو ڪن،
لکين لوڏائي ڇڏيون ٻانهيون ٻاروچن،
رئنديون رت وتن، جي در متي هُيون دادليون.“

# خدا تي توڪل

حضرت جبرائيل عہ هڪ ڏينهن حضرت خليل الله جي خدمت سڳوريءَ ۾ آيو وحي پهچائڻ بعد پنهنجي طرفان، حضرت خليل الله کي چوڻ لڳو تہ، جيڪڏهن منهنجي لائق ڪا ڪار خدمت هجي تہ حڪم فرمايو، ڪا حاجت هجي تہ مون کي ٻڌايو تہ وس پڄندي پوري ڪريان. حضرت خليل فرمايو تہ، مون کي ڪيئي حاجتون آهن، مگر خدا کان سواءِ ٻئي کي ڇو ٻڌايان.؟" اي جبرائيل عہ ٻڌاءِ تہ بندي جي اُها ڪهڙي حاجت آهي جا مولىٰ سائين کي معلوم ناهي؟، جڏهن هُو منهنجي هر ضرورت کان واقف آهي، تڏهن مون کي ڪهڙي ضرورت آهي، جو توکي ٻڌايان.

جو ماسوا الله کان، ناتا ٽوڙي ٿو ۽ الله سان ناتا جوڙي ٿو، تنهن کي ڪنهنجي پرواهہ نہ آهي.

**نصحيت:**

"سڀئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم و وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاج تو."

# جهاز جي تباهي ۽ هڪ ڇوڪر تي فضل الاهي

هڪ دفعي خدا تعاليٰ، ملڪ الموت (عزرائيل عہ) کي فرمايو تہ، توکي ڪڏهن ساهہ وٺندي ڪنهن تي رحم بہ آيو، ملڪ الموت چيو تہ، دل کي بار بار ترس اچي ٿو، پر مون کي ڪهڙي مجال آهي، جو مالڪ جو حڪم نہ مڃان. غلام کي ڪهڙي طاقت آهي جو سائينءَ سان سينو ساهي. هائو هڪ واقعو اڄ تائين ياد اٿم. اُهو واقعو هن طرح آهي تہ، هڪ جهاز سمنڊ ۾ تيزيءَ سان تري رهيو هو، مون کي حڪم ٿيو تہ جهاز کي ڪُن ۾ ڦاسائي سندس تختو تختي کان جدا ڪر. . . . حڪم جي تعميل ڪيم، ان ۾ ڏاڍي تيزي ۽ تعجيل ڪيم، سڀ جهاز وارا ٻڏي ويا فقط هڪ تختي تي هڪ عورت، خوبصورت ۽ ان کي تازو ڄاول ٻارڙو جو چنڊ جهڙو سهڻو ۽ من مُهڻو هو وڃي رهيا، تختو لهرن ۾ لڙهندو رهيو "رکي رب تہ ماري ڪير!" آخر تختو اچي ڪناري سان لڳو مون کي مائي ۽ سندس ٻچڙي جي بچڻ ۽ صحيح سلامت ڪناري تي اچڻ کان ڏاڍي خوشي رسي، مگر ايتري ۾ وري حڪم مليو تہ مائيءَ جي روح قبض ڪر، مون حڪم بجا آندو. مائيءَ جو روح قبض ڪيم مگر ان معصوم نينگر جو ڏاڍو ڏک ٿيم، اڄ بہ جڏهن اهو واقعو ياد ٿو اچي، تہ دل جو زخم تازو ٿي ٿو پوي. الله تعاليٰ فرمايو تہ، واقعي اهو داستان پُر الم آهي، مگر پوءِ جي خبر اٿئي تہ، يا الله تون ئي عالم الغيب آهين. . . .ظاهر و باطن تنهنجي اڳيان ئي عيان آهي. الله چيوتہ، مون هڪ لهر کي حڪم ڪيو تہ فلاڻي هنڌ ڪناري تي ڇوڪر کي رسائي، جتي پاڻيءَ جا نہ رڳو منا چشما موجود هئا پر تازا گل ۽ ٻوٽا بہ موجود هئا، چنبيليءَ کي حڪم ڪيم تہ هن معصوم جي هيٺان پنهنجي گلن جي سيج وڇائي، سج کي حڪم ڪيم تہ روشني اهڙي طرح ڦهلائي جيئن ڇوڪر کي نقصان نہ رسائي، هوا کي تاڪيد ڪيم تہ ديمي ديمي اهڙي طرح گُهلي جيئن معصوم نينگر کي تازگي رسي، درختن کي اشارو ڏنم تہ هو، پنهنجي ڦلن عمدن ميون جون ٽاريون هيٺ ڪري اهڙي طرحَ ٻيهن جيئن منن ميون جي رس چوسي نينگر ڍوءُ ڪري. اُتي تازو هڪ شينهڻ ويائي هئي، ان جي روح ۾ رحم وڌم تہ پنهنجي ٻچڙن سان گڏ هن ٻچڙي کي بہ کير پياري انهيءَ جي خوف کان ٻيو ڪوبہ جهنگلي جانور، ڇوڪرڙي جي ويجهو نہ ايندو هو. اهڙي طرح هو ڇوڪرو پلجي رهيو هو تہ اوچتو هڪ بادشاهہ هرڻن جو شڪار ڪندو انهيءَ جاءِ تي اچي پهتو. ڇوڪر کي ڏسي نهايت خوش ٿيو ۽ کيس کڻي پنهنجي بيگم وٽ ويو. بادشاهہ کي اولاد ڪونہ هو، تنهن ڪري انهي کي پٽيلو ڪري پاليائون، جو وڏي جوڌو جوان ٿيو ۽ بادشاهت جو وارث بڻيو. بادشاهہ جي مرڻ بعد تخت تي وينو ايترو زور ورتائين، جو پاڻ کي خود خدا سڏايائين ۽ ماڻهن کي پاڻ کي سجدا ڪرايائين، جنهن سجدو نٽي ڪيو، ان کي باهہ ۾ جلايائين. عوام الناس تہ نهيو پر منهنجي پياري نبي ۽ خليل (ابراهيم) کي بہ آڙاهہ ۾ اڇلايائين، مگر مون نار کي نور، آڙاهہ کي گلزار ڪري، پنهنجي خليل کي بچايو.

عزرائيل! هاڻي ٻڌاءِ تہ، جنهن ڇوڪر تي توکي رحم ٿي آيو تنهن سام مون ڪهڙو بُرو سلوڪ ڪيو، جو خاڪ جو پتلو منهنجي شريڪ بڻجي وينو. عزرائيل چيو، اي خالق اڪبر' غيب جو علم تون

ئي ڄاڻڻ هار آهين، توڪان سواءِ ٻيو ڪير آهي جو بندن، گنُدن تي مهربان رهي، مون جو خيال پنهنجي دل ۾ ڏريو هو سو سراسر خام آهي، تنهنجو سَچو نام آهي، انسان ڪيترو به ڪمال حاصل ڪري ته به واجب اٿس، ته غرور ۽ تڪبر نه ڪري ڇاڪاڻ جو ڪيس ڪابه هستي ڪانه آهي، فقط پاڻيءَ جو ڦوٽو آهي.

فاني ڙي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو،
ڏريندءِ نيئي ڏوڙ ۾ جوڙي اي جاني!
ڪوڙر ۽ ڪاني آهي سڀ ڪنهن جي سر تي

# حسن يوسف عليہ السلام

حضرت يوسف عليہ السلام جو هڪڙو دل گهريو دوست، گهڻي مدت کان پوءِ حضرت سان ملاقاتي ٿيو. هو ڪيترن ئي ملڪن جا سير سفر ڪري آيو هو، هن وڏو تجربو پرايو هو. حضرت يوسف عليہ السلام اڳيان بر و بحر جا عجيب غريب بيان ڪري رهيو هو. جڏهن ڳالهيون ختم ٿي چڪيون، تڏهن حضرت يوسف عہ چيس تہ اي دوست منهنجي لاءِ ڪهڙي سوغات آندي اٿئي؟

چو تہ يارن وٽ هٿين خالي وڃڻ ائين آهي جڻ اَنَ کان سواءِ جند تي وهڻ. . . . اهو ٻڌي دوست چيو تہ توهان دين دنيا جا بادشاهہ آهيو، مان اوهان لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيان ها، قطرو دريا کي، يا ذرو، صحرا کي ڇا هديہ پيش ڪري سگهندو. اي منهنجا سهڻا دوست! توهان جو حسن جواني، آهي لاثاني، اوهان جي حسن کي ڏسي جهان بهره مند ٿئي ٿو. مگر تون پنهنجي حسن جي ڪمال ۽ جلوي ۽ جمال کي نٿو ڏسي سگهين تنهنڪري مون اهڙي شي آندي آهي، جنهن سان پنهنجو نظارو ڏسي سگهندين.

آئينہ آور دمت اي روءِ سني
تاکہ بيني روءِ خود ياد کني.

ايئن چئي، آئينو ڪڍي حضرت يوسف عليہ السلام کي ڏنائين، جيئن جو آئيني ۾ حضرت يوسف پنهنجو حسن ڏٺو، تيئن بيهوش ٿي ويو ۽ ڪري پيو اها خبر جڏهن بيبي زليخا کي پئي تڏهن:

پيو پتو هوندءِ تہ هاڻي بي خبر،
حسن جو ٿئي ٿو دلين تي ڇا اثر.
حسن وارا عاشقن کي ٿا رنجائن روز شب،
منهن مٽائن، ڏک ڏين سک ۾ سکائن روز شب.

# موت کان ڀڄندڙ موت جي منهن ۾

حضرت سليمان عليہ السلام وٽ هڪ ماڻهو تڪڙو تڪڙو ڀڄندو، ڏڪندو ڏهندو اچي پهتو، خوف کان ان جو چهرو زرد هو سندس چپ سُڪي ويا هئا. حضرت سليمان عہ کيس چيو تہ، چو تنهنجو منهن سُسي ۽ سُڪي ويو آهي، تو کي ڪنهن ڏيڄاريو ۽ ماريو آهي؟ هن عرض ڪيو تہ يا حضرت! مون کي اڄ ملڪ الموت ڏيکاري ڏني، هن جي مهيب صورت ڏسي، هيبت وٺي وئي اٿم، جنهن کان ڏپ ۾ ههڙا حال ٿيا اٿم. سائينجن جي هٿ ۾ جنات ديو ۽ هوا آهي انهن تي اوهان جو فرمان هلي ٿو، براهہ ڪرم مون کي هتان بلڪل پري هندستان جي ملڪ ۾ ڪنهن طرح پهچايو، مونکي موت کان بچايو اهو منهنجو عرض اگهايو. . .

حضرت سليمان عہ هوا کي حڪم ڏنو، اُهو شخص انهيءَ ڏينهن ئي هندستان ۾ وڃي پهتو. ٻئي ڏينهن حضرت سليمان عہ دربار ۾ وينو هو، تہ ملڪ عزرائيل کي بہ اُتي ڏنائين، ۽ هُن شخص بابت پڇيائين ملڪ الموت عرض ڪيو تہ الله تعاليٰ جي طرف کان انهيءَ شخص جو موت هندستان ۾ ٿيڻو هو، کيس اُتي مرڻو هو سندس خاتمو بہ ڪالهہ ٿيڻو هو، مون جڏهن ڪالهہ پهريائين هن کي هتي ڏٺو تڏهن تعجب ۾ پيس تہ هي تہ هتي ٿو رهي ۽ کيس مرڻو آهي هندستان ۾. مون سمجهيو تہ شايد غلط فهمي ۾ پيو آهيان، مون غور سان هن ڏانهن نهاريو، تہ هن وري اوهان ڏانهن پاڻ پڌاريو هن مون کان (موت) بچڻ لاءِ هندستان وڃڻ جي ڪئي تدبير، مگر سندس هئي اُتي مرڻ جي تدبير. بس مون هندستان ۾ کيس ڏسي، سندس روح قبض ڪيو.

توڙي هلين تڪڙو توڙي ڪٽي وک،
لکئي منجهان لِک لهي ڪانہ لطيف چئي.

# هوا تي مڇرن جو فرياد

مڇرن هڪ باغ ۾ جمع ٿي، مشورو ڪرڻ لڳا، پاڻ ۾ ملي دم پرڻ لڳا ته هوا اسان کي ڏاڍو آهي ستايو، اسان کي هنڌ هنڌ اٿس رُلايو، هڪ هنڌ رهڻ نٿي ڏئي، هڪ جڳهه ۾ ٽڪڻ نٿي ڏئي. اسان جيڪڏهن ٻاهر نڪري، پاڻ ۾ پنج ست مڙي رقص ڪريون ٿا يا محفل رکون ٿا، ته هيءَ بيرحم هوا، هڪ ئي جهوٽي سان اسان کي پراگنده ڪري ڇڏي ٿي. . . آخر گهڻي بحث مباحثه کان پوءِ يڪراءِ هي فيصلو ڪيائون، ته هلو ته هلي حضرت سليمان عليه السلام وٽ ڪريون فرياد، اُهو صاحب پاڻهي ڪندو اسان جو داد. الغرض مڇر دربار ۾ ٿيا حاضر، جيڪو منجهن هو عقل جو ماهر، تنهن چيو ته، حضور فيض گنجور و پرنور! هوا جو ظلم اسان سان حد کان وڌي ويو آهي، هن اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. اوهان جي هٿ ۾ آهي اسان جي جان، اوهان آهيو اسان جا عادل سلطان! اسان جي دشمن يعني هوا تي بہ هلي ٿو فرمان. بس اسان جو داد ڪيو، اسان ناشادن کي شاد ڪيو، اسان جي دشمنن کي برباد ڪيو. . . حضرت سليمان عليه السلام غور ڪري فرمايو ته منهنجو هي دستور آهي، ته مدعي ۽ مدعا عليه کي گهرائي، ٻنهي کي روبرو ڪرائي، پوءِ فيصلو ڪندو آهيان. . . تنهن ڪري توهان ترسو ته هوا کي گهرايان، توهان جو فيصلو ڪريان . . . حضرت سليمان هوا کي حڪم ڏنو ته، اي هوا تون جلدي آ، مڇرن جي دعوىٰ جو جواب ڏي، هوا حڪم ٻڌڻ سان اچڻ شروع ڪيو. هوا جو گهلڻ ۽ مڇرن جو ڀڄڻ. . . . حضرتﷺ چيو، اي مڇرو! بيهو ته هوا سان ڪجهه ته سوال جواب ڪيو، ته آءٌ اوهان جو فيصلو ڪريان ۽ اوهان جي اميد جي دامن مقصد جي گلن سان ڀريان. . . مڇرن چيو ته جضرتا! بس ايڏانهن هوا آئي ۽ هيڏانهن اسان هوا ٿياسين. اسان جا پير هن اڳيان ڪُپي نٿا سگهن، انهي جي هستي اسان جي نيستي آهي. هيءَ حڪايت بيان ڪري مولانا رومي ٿو فرمائي:

هم چنين جويائي درگاهہ خدا
چون خدا آيد شود جوينده
گرچہ آن وصلت بقا اندر بقا است
ليک از اول بقا اندر فنا است

جڏهن بندو خدا کي عبادتن، رياضتن سان حاصل ڪري ٿو ته، خود ان جي ذات ۾ فنا ٿي وڃي ٿو، فنا کان پوءِ ئي بقا حاصل ٿيندو.

### بيت

جان جان پسين پاڻ کي تان تان ناهه سجود
وڃائي وجود، حاصل ڪر تون حق کي.

# حضرت موسىٰ عليہ السلام جي ولادت ۽ فرعون جي هلاڪت

فرعون هزارين نجومي رکيا هئا، جي پنهنجي علم جي زور تي وقت بوقت نيڪ و بد جون خبرون ٻڌائيندا هيس. هڪ رات فرعون هڪ وحشت ناڪ خواب لڌو، جنهن ڪيس فڪرات ۾ وڌو، نجومين کي چيائين ته، ڪولي ڪتاب ۽ تفسير، ڪري ٻڌايو خواب جي تعبير، انهن حساب ڪري ڏار ڏاري، منتر اچاري، ٻڌايو ته، هڪ شخص پيدا ٿيندو جو توکي نهوڙي نيندو، فرعون فرمايو ته اهو ڪٿي پيدا ٿيندو؟ جواب ڏنائون ته، خود تنهنجي شهر مصر ۾. انهيءَ تي هن کي ڏاڍو غم ٿيو چيائين ته ڀلا ڪو آهي اهڙو حيلو ۽ ڪجهي ڪو اهڙو وسيلو، جو انهي آفت کان ملي آزادي ۽ انهيءَ دشمن جي ٿئي بربادي، نجومين چيو ته اي بادشاه عاليجاه! اسان انهيءَ جي تدبير سوچي آهي. فلاڻي رات تنهنجو دشمن ڪنهن نه ڪنهن جي گهر ڪنهن ماءُ جي پيٽ ۾ سنجرندو، تنهن ڪري حڪم ڪر ته سڀئي مرد ماڻهو، فلاڻي هنڌ اچي گڏ ٿين. تون به پنهنجو تخت ڪٽي ميدان تي رکاءِ ۽ اتي دربار مچاءِ. ماڻهن ۾ انعام اڪرام ورهاءِ. مگر هرڪو اِهو هلاءِ ته ڪنهن به گهر ۾ اها رات نه رهي. جيڪو مرد اُها رات گهر ۾ رهندو، سو ڦاسيءَ جي سزا لهندو. بس اِهو حڪم اچي ويو مرد ماڻهو جوق در جوق هڪ ميدان تي ڪٺا ٿيا. هونءَ جو بادشاهه جي منهن ڏسڻ جي منع هُين جڏهن به بادشاهه نڪرندو هو، ته حڪم اُهو هوندو ته بادشاهه جي سواري ڏسي هڪدم پٽين ۾ منهن هٽي بيهو. . . .

مگر هاڻي بادشاهه پنهنجي مطلب خاطر، ماڻهن اڳيان ڪليو ڪلايو جلوه گر ٿي، مٺن ڏاڍيون مهربانيون ڪرڻ لڳو ۽ ساڻس پلائي جا پير پرڻ لڳو، ڪين انعام اڪرام ڏيڻ لڳو ۽ ڪين چوڻ لڳو ته هيءُ ڳالهه منهنجي خوشي جي باعث بڻي آهي، جو اوهان سڀ هت جمع ٿيا آهيو، اجوڪي رات ڪٽي تڪليف سَهو سڀيئي مرد هت رهو، ڪوبه پنهنجي گهر ڏانهن نه وڃي. سڀ ڪوئي منهنجو هيءُ حڪم مڃي. . . . ماڻهن چيو ته اسين اوهان جا غلام آهيون هڪ رات ته ڇا مهينو رات رهڻ لاءِ تيار آهيون. فرعون انهن کي ميدان ۾ رهائي پاڻ محلات ڏانهن موٽي آيو، ساڻس عمران خزانچي جو بني اسرائيلن مان هو اُهوبه آيو، فرعون جو مٿس ڏاڍو پيار هو، مٿس گهڻو ئي ويساهه ۽ اعتبار هو. پڪ هُيس ته هيءَ ڪابہ اهڙي ڳالهه نه ڪندو جا مون کي نقصان ڏيندڙ ٿئي. تاهم به احتياط طور ڪيس چيائين ته اڄ رات پنهنجي گهر نه سمجهان، پاڻ ٻين مردن تي به نظر رکجان. . . . .

عمران چيو اوهان جو حڪم، برسروچشم! ايئن چئي عمران فرعون جي بارگاهه ۾ سمهي رهيو.

ڏسو قدرت الهي! هوڏانهن عمران جي بيبي کي شوق ملاقات اهڙو بيتاب ڪيو، جو هو آڌي رات جو، عمران وٽ پهچي وئي.

گفت عمران اين زمان چون آمدي
گفت از شوق وقضائي ايزدي
در کشيدش درکنار از بوس مرد
بر نيامد باخود آن دم در نبود
جفت شد نا او امانت را سپرد
پس بگفت اين زن نہ اين کارست خرد

عمران، حضرت موسىٰ عہ جي امانت پنهنجي بيبي کي سپرد ڪري ڇڏي، جنهن ڳالهہ کان فرعون خائف هو، سا پوري ٿي چُڪي. ان کان پوءِ ميدان مان درد انگيز دانهون اچڻ لڳيون. جي ٻڌي فرعون، اگهاڙين پيرن ٻاهر نڪري آيو ۽ عمران کان پڇڻ لڳو تہ هيءُ شور وغوغا ڇا جو آهي، هن ڇيو تہ ماڻهو اوهان جي مهربانين کان خوشي مان نعرا هڻي رهيا آهن. . .حقيقتن اُهي دانهون نجومين جون هُيون، جن کي پتو پئجي ويو هو تہ حضرت موسىٰ جو ستارو اچ طلوع ٿي چڪو. . . . صبح ٿي، فرعون عمران کي حڪم ڪيو تہ، ميدان مان وڃي لهي اچ خبر چار، تہ ڇا جو اِهو شور و غوغاءُ هو. عمران ميدان ڏانهن راهي ٿيو، ڏٺائين تہ نجومي منهن مٿو پٽي رهيا هئا. پنهنجا ڪرم ڪٽي رهيا هئا.

عذر آوردند و گفتند اي امير
کرد مارا دست تقديرش اسير
اين همہ کرديم دولت تيره شد
دشمنِ شہ هست گشت و چيره شد

چوڻ لڳا اي امير! تقدير اسان جي تدبير خاڪ ۾ ملائي ڇڏي بادشاهہ جو دشمن جي پيدا ٿيڻ جو سامان ٿي چُڪو اِهو ٻڌي عمران بہ ڪوڙا سچا ڏک منهن تي هڻڻ لڳو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو، موٽي بادشاهہ وٽ آيو ۽ ڪيس شدت سان ٻڌايو تہ نجومي هڻن ٿا ڪوڙ، سندن منهن ۾ آهي ڏوڙ هنن ناحق اوهان کي تڪليف ڏني آهي، سندن ڳالهہ هر هڪ ڪوڙي ۽ ڪني آهي، هيتري انتظام هوندي بہ اهي چون ٿا تہ بادشاهہ جو دشمن سنجرجي چڪو آهي، بس مون سمجهيو آهي تہ اهو انهن جو ڏوڪو آهي، هو اوهان کي ڊيڄاري، دنيا دولت ڪمائڻ چاهين ٿا. . . اِهو ٻڌي ٽپي ٻاهہ ٿي ويو، هڪدم نجومين کي گهرايائين، ڪين ڪڙڪ ٿي چيائين تہ، اي نامرادو! اوهان مون کي خواه مخواه ڊيڄاريو ٿا، اچ رات سيئي بني اسرائيل، پنهنجي عورتن کان الڳ رهيا تاهم پوءِ بہ چئو ٿا تہ، منهنجي دشمن جو ستارو اوج فلڪ تي طلوع ٿي چڪو آهي، اِهو اوهان جو ڪوڙ ۽ سراسر ڏُوڪو آهي. هيءُ آهي اوهان جو علم نجومي، وڏا بدبخت آهيو شوم. بس مان اوهان کي ڦاسيءَ تي چاڙهيان ٿو ۽ پوءِ اوهان کي جلائي خاڪ ڪرائيندس....بدبختو! توهان مفت وينا منهنجون پگهارون کائو. . . . فرعون جي هنن لفظن کان نجومي لرزي ويا، وڏي فڪرات ۾ پيا ۽ روئي چوڻ لڳا تہ، حضور! اسان هميشہ تنهنجون بلائون ڪيون آهن دور، وقت کان اڳ توهان کي حادثن کان مطلع ڪندا رهيا آهيون، اڄا بہ اسان اوهان جا خير خواهہ نہ آهيون!! مگر هيءُ جو واقعو ظاهر ٿيو آهي، سو اسان جي عقل و فڪر کان ٻاهر ٿيو آهي. . .هاڻي بہ فڪر نہ ڪريو، اسان وڏي هوشياري سان اوهان جي دشمن جي ولادت جو ڏيان رکون ٿا. وڏيون

جنتريون لکون ٿا، بروقت ٿي اوهان کي اطلاع ڏنو ويندو. جمڻ سان ئي اوهان جو دشمن دفعه ٿيندو. . . .جيڪڏهن اسان انهيءَ ڳالھ ۾ بہ ناڪام رهياسين تہ پوءِ بيشڪ اسان کي عذاب ڏيئي مارائجو ساڙائجو يا ڦاسيءَ چاڙهائجو. فرعون وڏي بي آرامي سان نو مهينا ڳڻي ڳڻي گذاريا، ان لاءِ تہ جمڻ سان ئي دشمن کي ماريان پاڻ تان موت کي ٽاريان ۽ پنهنجا هٿ ناريان. مگر هن کي اِها خبر ئي نہ هُئي تہ، تقدير اڳيان تدبير ڇا ڪندي.

برقضا هر کو شب خون آورد
سرنگون آيد سر خودرا خورد

جڏهن نو مهينا پورا ٿيا، تڏهن فرعون وري منادي ڏياري تہ، بادشاھ هاڻي وري عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن کي اهڙي طرح ديدار ڪرائيندو ۽ ڪين نوازيندو، جهڙي طرح مردن کي نوازيو هئائين. . . . تنهن ڪري هر هڪ عورت پنهنجي انهيءَ ٻار سميت جو مهيني اندر ڄاول هجي ميدان ۾ اچي حاضر ٿئي. . .بادشاھ ننڍن ٻارن لاءِ زرين ٽوپيون نهرايون آهن، جي ميدان ۾ ٻارن کي پارايون وينديون. هي حڪم ٻڌي عورتون ننڍڙن ٻارن سميت خوشي سان ميدان ۾ وڃي گڏ ٿيون. . . ڪين ڪهڙي خبر تہ سندن جاني جگر، ڪانئن ڦريا ويندا ۽ قتل ڪيا ويندا. جڏهن عورتون گڏ ٿي ويون، تڏهن سيني ڪان معصوم ڇوڪرا ورتا ويا ۽ جلادن جي حوالي ڪيا ويا، مورين ۽ گجرن جيان سندن سر منڻ اندر جدا ڪيا ويا. . . . فرعون ملعون خوش هو، تہ سندس دشمن جو سر بہ ڪٽجي چڪو آهي، هو دنيا مان مٽجي چڪو آهي، مگر هو بيوقوف نہ پيو سمجهي تہ جنهن جي هٿان ڪيس تباھ ٿيڻو آهي، اُهو تہ جيئرو جاڳندو وينو آهي، حضرت موسىٰ ع جي والده ماجده ميدان ۾ آئي ئي ڪانہ هئي. فرعون مزيد احتياط لاءِ جاسوس عورتون مقرر ڪري ڇڏيون جي گهر گهر ۾ وڃي تلاشي وٺنديون هُيون، تہ ڪو ڇوڪرو مرڻ کان رهجي تہ ڪونہ ويو آهي. آخر ڪين پتو پئجي ويو تہ، هائو هڪ عورت جو هڪ خوبصورت ڇوڪرو زنده سلامت آهي. . . فرعون کي خبردار ڪيو ويو. هن جو حڪم پهتو تہ، هڪدم انهيءَ ڇوڪر کي منهنجي روبرو آندو وڃي ۽ سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪيو وڃي. . . سپاهي دروازي تي پهچي ويا. حضرت موسىٰ ع جي والده هراسجي وئي، مگر الله کي ياد ڪري ٻرندڙ تنور ۾ ڪٺي پٽڙي کي اُڇلايائين. . . ڪيس يقين هو تہ هيءُ معصوم حضرت خليل الله جي نسل مان آهي، سو باھ ۾ نہ سڙندو. . . .

امر آمد سوئي زن از دادگر
کہ از اصل آن خليل اين پسر
در تنور انداز موسىٰ را تو زود
تا نگہ داريم اش از هر نار و دود
زن بوحي انداخت اورا در شر
برتن موسىٰ نہ کرد آتش اثر

سپاهي گهر ۾ گهڙي آيا، گهڻو ڳوليائون، گهر جو ڪک پن ڪري ڦوليائون پر ڪٿان بہ ڇوڪر هٿ نہ آين، مايوس ٿي موٽي ويا هنن جي وڃڻ بعد، ماءُ پٽ کي تنور مان ڪڍي سيني سان لاتو، ڪيس

پيار مان پاڪر پاتو. . . ڇوڪرو گهر ۾ ڪيڏندو رهيو جاسوس عورتن بيهر رپورٽ ڪئي. . . فرعون دوباره سخت تاڪيد سان پوليس رواني ڪئي. ڪين هدايتون مليون ته نه رڳو انهيءَ گهر جي تلاش وٺو مگر پاڙي وارا گهر به جاچيو. ڪيئن به ڇوڪرو هٿ ڪري هت آڻيو. اوهان پنهنجا انعام ماڻيو، منهنجي روبرو ڇوڪري کي ماريو، مون تان مصيبت ٽاريو ۽ پنهنجا هٿ ناريو. . . جڏهن سپاهي گهر جي نزديڪ پهتا تڏهن، حضرت موسىٰ عه جي والده ماجده کي حڪم الاهي پهتو ته، موسىٰ عه کي درياءِ نيل ۾ لوڙهي ڇڏ، مون تي پورو ويساهه رک، آءٌ توکي تنهنجو ٻچو امانت سلامت ملائيندس. . . .

مادرش انداخت اندر ورد نيل

کا را گذاشت بانعم الوکيل

ماءُ پنهنجي پٽ کي درياه نيل ۾ ڦٽو ڪري، پنهنجا ڪم قادر جي حوالي ڪيا. فرعون جيڪي به حيلا هلايا، سي سندس ناڪام ۽ اجايا ٿيا، حضرت موسىٰ جي عيوض سوين معصوم بيگناهه قتل ڪرائي ڇڏيائين. انهن جي والدين کي غم ۾ گڏيائين مگر موسىٰ عه جو وار به ونگو نه ٿيو.

حضرت موسىٰ عه لڙهندو لڙهندو فرعون جي محلات جي پرسان پهتو، فرعون جي دل گهري راڻي ان کي ڪيرائي، پنهنجي جهولي ۾ وڌو قصو ڪوتاه دائي جيڪا مقرر ڪئي وئي سا حضرت موسىٰ جي سڳي والده هئي. فرعون پنهنجي قاتل کي خود پنهنجي گهر ۾ پاليو. جڏهن حضرت موسىٰ عه جوان ٿيو ته، ڪيس الله تعالىٰ نبوت سونپي حڪم ٿيو ته، پنهنجي پرورش ڪندڙ (فرعون) کي وڃي سمجهاءِ ۽ ڪيس سڌو رستو وناءِ. ڪيس معجزه عطا ڪيو ويو. حضرت موسىٰ عه فرعون وٽ ويو، ڪيس سمجهائڻ لڳو، مگر هو سندس نصحيت کان دور ٿي پيو، مقابلي لاءِ تيار ٿي جادوگر گهرايائين، جن نوڙين ۽ لنين مان نانگن جا لشڪر ڪٺي ڪنديڙيا. حضرت موسىٰ عصا اُڇلائي، جا ازدها بنجي، سيني نانگن کي وئي ڪائي. فرعون خوفزده ٿي توبه لاءِ ٿيو ڪوشان. مگر سندس وزير، بي پير هامان. ڪيس برغلايو، ڪجهه ڏينهن بعد حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجا سڀ ماڻهو وٺي مصر لاءِ روانو ٿيو پنيان هو وري مقابلي لاءِ تيار ٿي حضرت موسىٰ عه جي تعاقب ۾ لشڪر روانه ڪيائين. درياءِ نيل تي پهتا ته، حضرت موسىٰ عه کي حڪم ٿيو ته عصا درياءَ ۾ هڻ دريا وچان سُڪي پيو. مومن پار ٿيڻ لاءِ رستو وٺي روانا ٿيا ۽ وڃي پار ٿيا، فرعون به لشڪر سوڌو ڪاهي پيو، فرعون جو درياءَ جي اڌ ۾ اچڻ ۽ پاڻيءَ جو ملي ڪيس ٻوڙڻ، فرعون ۽ فرعوني غرق ٿي ويا.

نيل رابر قبطيان حق خون ڪند

سبطيان را از بلا محصون ڪند

آب بر فرعون در دم خون شود

بر ڪليمي قند ناممنون شود

نيل جو پاڻي بني اسرائيل لاءِ نعمت بڻجي ويو. مگر فرعونين لاءِ خونخوار ۽ قهر. جڏهن فرعوني پيئڻ ٿي لڳو، ته پاڻي خون ٿي ٿي پيو. مطلب ته جنهن چيز کان الله تعالىٰ ڪنهن کي محروم ٿو ڪري، ته اُها ان جي قسمت ۾ ايندي ئي نه.

# حيوانن جون ٻوليون سکندڙ نوجوان

هڪ نيڪ بخت جوان، هر وقت حضرت موسىٰ عليہ السلام جي خدمت ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ ڪليم الله کي عرض ڪيائين تہ، اي سائين! مون کي جانورن جي ٻولين سکڻ جو ڏاڍو شوق آهي، رات ڏينهن دامنگير اهو ذوق آهي، اوهان دل سان ڪريوم دعا، تہ خدا تعالىٰ مون کي اِهو علم ڪري عطا.

حضرت موسىٰ عہ ڪيترا دفعا جوان جي اِها ڳالهہ ٽاري، مگر هن جوان اِها ڳالهہ اصل نہ وساري، گهڻن انسانن جي آهي عادت، جنهن ڳالهہ کان منع ڪرڻ جي ڪبي هدايت، تنهن ڳالهہ تي زور ڏيندا آهن. آخر هڪ ڏينهن حضرت ڪليم الله بارگاهہ خداوندي ۾ ان جوان بابت دعا پيش ڪئي، جواب آيو تہ مون انسان کي ڏنو آهي عقل ۽ اختيار، هو مرضيءَ ۾ آهي مختار، ۽ آهي پنهنجي اعمال جو خود ذميدار. هن کي حيوانن جون ٻوليون پلي سيکار. بس ان شخص کي اهو علم عطا ٿيو. ٻئي ڏينهن جڏهن اهو شخص شام جي ماني کائي گهر جي اڱڻ ۾ گهمي ڦري رهيو هو ۽ سندس ٻانهي جيئن دسترخوان ڇنڊيو، تيئن ان مان هڪ ٻوٽي هيٺ ڪري پئي ڪتو ڪڻڻ لاءِ اڳتي وڌيو، پاسي ۾ ڪڪڙ بيٺو هو، جو ٻوٽي کڻي ويو. ڪتو ڪڪڙ کي چوڻ لڳو تہ هڏو ٻوٽي تي منهنجو حق آهي ۽ ان داڻو تنهنجو حق، تو منهنجو حق ماريو آهي. ڪڪڙ چيو تہ صبر ڪر، سڀاڻي اسان جي آقا جو ڏاند مرندو، پوءِ ڍوءُ پيو ڪجان.

نوجوان هيءَ ڳالهہ ٻڌنديئي ڏاند پئسن ۾ وڪڻي ڇڏيو. ڪتي ڪڪڙ کي هٿ ڦٽ ڪئي، هن چيو تہ مون جيڪي چيو هو سو سراسر سچ هو، ڏاند جنهن ورتو هن جي گهر وڃي مئو، هاڻي آقا جي گهوڙي جي خير ڪونهي، نوجوان اها ڳالهہ بہ ٻڌي ورتي ۽ گهوڙي بہ کپائي ڇڏيائين، ڪتو ڪڪڙ کي چوڻ لڳو تہ، آقا گهوڙو بہ کپائي ڇڏيو. . . ڪڪڙ چيو تہ آقا اها غلطي ڪئي آهي، پر هاڻي سڀان پرين آقا جي مرڻ جو موقعو آهي، پوءِ گهڻائي نان حلوا ۽ پت ٻاٽ ٿيندا. اميد تہ توکي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو ڏيندا پوءِ موج ونجان. اها ڳالهہ ٻڌي موت جي ڊپ کان نوجوان جا حواس خطا ٿي ويا، ۽ ڊوڙندي حضرت موسىٰ عہ جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ سائين! جانورن جي ٻولين سمجهڻ جو علم مون کان واپس وٺ، مگر موت کان بچاءِ.

حضرت موسىٰ چيو تہ، الله جي تقدير نہ ٽرندي آهي، اها آخر پرندي آهي، مون کي خبر هئي تہ جانورن جي ٻولين جو علم تو لاءِ نقصان ڪار آهي، مگر تو نہ مڃيو ۽ پاڻ پنهنجو موت تو خريد ڪيو آهي، هائو مان اها دعا گهران ٿو، تہ خدا توکي ايمان سان دنيا مان لڏائي.

اِهي ڳالهيون هلي رهيون هيون تہ تہ نوجوان کي ڦئي آئي، حالت دگر گون ٿيڻ لڳي، ماٿهو هن کي گهر تائين مس کڻي ويا. هن جو دم پرواز ڪري ويو. . . .مولانا فرمائي ٿو تہ،

پند موسیٰ نشنوي شوفي کني
خويشتن بر تيغ فولادي زني.

جو نبي جو چوڻ نٿو مڃي، سو هلاڪت ۾ پوي ٿو. انسان کي مال جي نقصان تي مغموم ٿيڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته اُهو نقصان ان جي جان جو صدقو آهي، ان سبب بلا ٽري وڃي ٿي. هر انسان کي علم وغيب جو عطا نه ٿيڻ، ان ۾ به حڪمت الاهي آهي. اگر هر هڪ انسان کي اهو علم عطا ٿئي ها ته ان تي زندگي وبال ٿي پوي ها، هر وقت غم و الم ۾ رهي ها، تنهنڪري سچ آهي ته

## بيت

الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون تي مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

# ٻڪرار ۽ حضرت موسىٰ عليہ السلام

حضرت موسىٰ عليہ السلام هڪ ڏينهن جهنگ جوسير ڪندو پئي ويو تہ هڪ ٻڪرار، مٽي پيرين اگهاڙو ايوئي اُيو بيٺو آهي ۽ دل جي شوق ۽ زباني ذوق سان پيو ٿو چوي، ياالله! مون کي ڏاڍي سڪ آهي، تہ آءٌ تنهنجو مبارڪ منهن ڏسان، تون مون سان ڳٽن پريون ڳالهيون ڪر، تون اچي منهنجي پرسان ويهہ تہ مان تنهنجي جتيءَ کي ٿوپا ڏيان، تنهنجي وارن کي ڦڻي ڏيان، تنهنجون جُون ڪڍان، تنهنجا هٿ پير ڌوان، توکي وهنجاريان، توکي صاف ڪپڙا ڍڪايان، توتان سئو سئو وار صدقو وڃان هي سر گهوري گهمايان. جيڪڏهن تون مون وٽ اچين تہ مان هي پنهنجي چادر تنهنجي هيٺان وڇايان، توکي وهاري ٻڪريءَ جو تازو تازو کير توکي پياريان، جيڪڏهن تون بيمار ٿي پوين تہ پنهنجن وانگر تنهنجي خدمت ڪريان، تنهنجي هٿڙن کي چُمان، توکي زور ڏيئي منڙي ننڊ ڪرايان صبح جو ننڊ مان جاڳين تہ توکي هٿ منهن ڌورايان، تنهنجي کائڻ لاءِ قورمہ، مکڻ ملائي. . . . تيار ڪري توکي پنهنجي هٿن سان گره ناهي توکي کارايان. . . جيڪڏهن تون مرد کي پنهنجو گهر ڏيکاري ڇڏين تہ صبح شام کير مکڻ اُتي پهچائي وجان، آءٌ ۽ منهنجيون ٻڪريون سڀ توتان قربان!

حضرت موسىٰ عہ ٻڪرار جون اِهي مستانہ خبرون ٻڌي، هن جي نزديڪ وڃي ڪيس چيو تہ، يار! اِهي ڳالهيون ڪنهن سان ٿو ڪرين، تون ڪنهن جي دعوت جهلي رهيو آهين. . .

ٻڪرار چيو تہ، مان انهيءَ سان ڳالهائي رهيو آهيان، جو منهنجو خالق ۽ مالڪ آهي، جنهن مون کي ڳالهائڻ لاءِ زبان ڏني آهي، مون کي ٻڪرين جا ڌڻ عطا ڪيا اٿس، جن جو کير منهنجي غذا ۽ جن جي پشم منهنجي پوشاڪ آهي. . . . مان انهيءَ جي دعوت ڪري رهيو آهيان، جڏهن هُو مون غريب جي غربت خانہ ۾ تشريف فرمائيندو، تہ مان خوشيءَ ۾ ڪين ماپندس، منهنجي عزت ۽ آبرو وڌي ويندي، مگر هن جي شان ۾ گهٽتائي نہ ٿيندي. . .

حضرت موسىٰ عہ چيو تہ ٻڪرار تنهنجو ڪلام سخت گستاخانہ آهي، تون خدا سان اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين. . . اهو سيني جو رازق، خالق، مالڪ آهي، هُو کائڻ پيئڻ، سمهڻ سهڙڻ کان پاڪ آهي، هن کي جسم نہ آهي، هو سيني ڳالهين کان پاڪ آهي هو بي زبان حي ۽ قيوم آهي. . . ڏس تہ فاطمہ عورتن لئي کهڙو نہ برگزيده نالو آهي، مگر جيڪڏهن تون ڪنهن مرد کي فاطمہ ڪري سڏيندين، تہ هو ڪيترو نہ توتي خار ڪائيندو بس اهڙي طرح گستاخانہ ڪلام کان توبہ ڪر. . .

حضرت موسىٰ عہ هن غريب ٻڪرار کي اهڙي تنبيهہ ڪئي جو بلڪل سُسي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ، اي موسىٰ عہ! تون منهنجي زبان بند ڪري ڇڏي، منهنجو وات سبي ڇڏيئہ، پشيماني کان منهنجي دل جلي وئي. . . بس دانهون ڪندو، ڪپڙا ڦاڙيندو جهنگل جو هڪ طرف وٺي روانو ٿيو. وقت جي نبيءَ جي تنبيهہ سان الله سان پنهنجي هم ڪلامي ڇڏي ڏنائين، پنهنجو ارمان دل جو دل ۾ سانڍي ويهي رهيو. هو ٻڪرار ويچارو اڻپڙهيل هو، پڙهيل تہ نہ هو جو سمجهي سوچي بات ڪري ها، ها هن جي دل ۾ خدا لاءِ محبت ضرور هئي، هو پنهنجي محبت جو اظهار ڪمال شوق سان ڪري رهيو هو، خدا کي

سندس ذوق شوق پريون ڳالهيون ڏاڍيون پسند هُيون، جڏهن هُو انهن کان روڪجي ويو، تڏهن خدا کي سخت ناگوار معلوم ٿيو فورن پنهنجي ڪليم (حضرت موسيٰ عہ ) ڏانهن وحي موڪليائين، تہ تو اسان جي هڪ محبوب کي مون کان جدا ڪري ڇڏيو آهي، اي موسىٰ عہ مون توکي انهيءَ لاءِ نبي ڪيو آهي تہ تون بندن کي موسان ملاءِ مگر تون پنهنجي فرض منصبي کي ڇڏي اُلٽي راهہ وٺي رهيو آهين، اي موسىٰ مان نيت کي ڏسان ٿو، عملن کي نٿو ڏسان، منهنجي نظر حال تي آهي ۽ نہ قال تي. مون کي دل سوز جو قدر آهي، لفظن جو خيال نہ آهي، وڃ ۽ مون کان جدا ڪيل هُن ٻڪرار کي وري سندس شغل ۾ مشغول رک. مون کي هو محبوب آهي، هن جون ڳالهيون پسند اٿم. . . .

حضرت موسىٰ عہ هي حڪم الاهي ٻڌي جهنگل ۾ آيو ۽ سخت تلاش بعد ٻڪرار کي ڳولي هٿ ڪيائين ۽ ڪيس چيائين تہ، پيائو تون پنهنجي مناجات ۾ مشغول رهہ، مون کي روڪيو هو، ان جو خيال نہ ڪر، مون کي معاف ڪر، تون وري انهيءَ شغل ۾ مصروف رهہ.

**بيت**

محبت رکي من ۾ رندا روڙهيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.

# هڪ ٻڪري ۽ حضرت موسىٰ عليہ السلام

حضرت موسىٰ عليہ السلام نبوت ملڻ کان اڳ ۾، ٻڪريون چاري گذران ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڌڻ کان هڪ ٻڪري ڌار ٿي پنتي رهجي وئي هئي. رات تائين جهنگل ۾ ڀٽڪندي رهي. حضرت موسىٰ عہ کي ڏاڍو ويچار ٿي پيو، تہ جيڪڏهن سڄي رات ٻڪري ٻاهر رهي تہ، ڪيس ڪونہ ڪو بگهڙ چيري ڦاڙي ڇڏيندو، ويچاري مفت ۾ مري ويندي. . .انهيءَ همدرديءَ جي جذبي کان متاثر ٿي، پاڻ سندس تلاش ۾ نڪتو، سڄي رات ڊونڊيندو رهيو، پير ڪنڊن چلي وڌس، تڪليف ۽ ٿڪ کان بدن سراپا درد بڻجي ويس، ٽنگون سڄي ويس. . . . صبح جي وقت هڪ هنڌ ٻڪري مليس. . جا پڻ ٿڪ کان هڪ هنڌ ويٺي هئي. جيڪڏهن ڪو ٻيو ڌنار هجي ها تہ ٻڪريءَ کي مار ڏئي ڦتائي ڇڏيس ها، مگر حضرت موسىٰ عہ ڪجھ بہ ناراض نہ ٿيس، بلڪ پيار سان چوڻ لڳس تہ، ٻڪري! ٻڌاءِ تہ مون کان ڪهڙي خطا ٿي جو منهنجي ڌڻ کان ڌار ٿي وئين. مان مڃان ٿو تہ تون کي منهنجي پرواهہ نہ آهي، مگر تو پنهنجي تڪليف جو بہ خيال نہ رکيو. . .پوءِ ٻڪري جا وارڙا چنبڻ لڳو، منهن تان مٽي لاٿائينس، ٻڪري ٿڪ سبب هلڻ کان لاچار هئي سو پنهنجي جهوليءَ ۾ اهڙي طرح کنيائين جهڙي طرح ماءُ پنهنجي اولاد کي کڻي. . .

هڪ بي زبان سان ايتري همدردي ڪرڻ جي ڳالھہ خدا کي ڏاڍي پسند آئي ۽ فرشتن کي فرمايائين تہ ڏسو حضرت موسىٰ عليہ السلام جو حوصلو.

سونهين ان کي قوم جي ٿي سروري،
آہ بيشڪ لائق پيغمبري.
رسول الله ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ سيدالقوم خادمهم.
نيڪ آهي قوم جو سردار سو
پاڻ کي خادم جو سمجهي قوم جو

انهيءَ ارشاد نبويءَ تي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضہ عمل ڪيو، ظاهر ۽ باطن ۾ اسلام جو ناماچار وڌايائون، جڏهن کان سنت شيخين جو عمل ڇٽو، تڏهن کان مهر ۽ عدل جو رشتو ٽٽو.

مصطفىٰ فرمود خود کہ هر نبي
کرد چوپانيش برنا يا صبي
بي شباني کردن و آن امتحان
حق ندادش پيشوائي جهان
تاشود پيدا و قار و صبر شان
کرد شان پيش از نبوت حق شبان.

رسول الله جن فرمايو ته ڪوئي اهڙو نبي ناهي، جنهن طفلي ۾ يا جواني ۾ ٻڪريون نه چاريون هجن، ڇاڪاڻ ته ٻڪرين کي چارڻ جي امتحان ۾ پاس ٿيا تڏهن نبوت جو سرٽيفڪيٽ عطا ٿين.

## شعر

رحم ڪر خلق خدا تي تان ٿيئه رحمان خوش
خلق جي خدمت ڪرڻ سان ٿو ٿئي انسان خوش.

# حضرت عيسىٰ عليہ السلام ۽ هڪ احمق

هڪ شخص ڏٺو تہ حضرت عيسىٰ عليہ السلام هڪ جهنگل مان تڪڙو تڪڙو ڊڪندو ٿو وڃي، پر رڪي رڪي پوئتي بہ اهڙي طرح ٿو ڏسي جيئن ڪو ڪنهن جي ڊپ کان پٺتي نهاريندو آهي تہ هُو اچي تہ نٿو. . . .حضرت عيسىٰ ڊڪي ڊڪي سهڪي پيو هو، ٽنگون ٿڪجي رهيون هُوس تہ بہ ڪٿي بيهي ساهي نہ پيو کڻي. . . .ان شخص رڙ ڪري چيو حضرتا! ڪهڙي ماجرا آهي؟ تہ بہ حضرت عيسىٰ عہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڊڪندو رهيو ۽ بيٺو ئي نہ، بس هن شخص بہ ور ڪڍي، حضرت عيسىٰ عہ جي پٺيان ڏم لاتي، جڏهن حضرت جي پٺيان ڊڪي ڊڪي ٿڪو، تڏهن عرض ڪرڻ لڳو تہ، يا روح الله، الله جي واسطي اتي بيهہ، حضرت عيسىٰ عليہ السلام قسم تي بيهي رهيو. ان شخص چيو تہ اي نبي خدا جا! ڪر تہ خبر، ڪو شينهن پٺيان پيو هيو يا دشمن هلان ڪئي جو ايترو تکو ڊُڪي رهيا هئا. حضرت عيسىٰ عہ اِهو ٻڌي ڪلي چوڻ لڳو تہ ادا مان واٽ سان ويس ٿي تہ هڪ احمق شخص تي نظر پيم بس پوءِ تير وانگر ڊڪ ۾ چٽي پيس. اهو شخص حيران ٿي چوڻ لڳو تہ يا روح الله! تون الله جو نبي آهين، اوهان جي دعا فوراً قبول پوندي آهي اوهان وٽ اهو اسم اعظم آهي، جنهن کان هر مصيبت ٽري وڃي ٿي اوهان جيڪڏهن قم باذني (اٿ منهنجي حڪم سان) چئو تہ مردا اُٿي پون، لنگڙا لولا، انڌا، ديوانا، ڪوڙهيا، اوهان جي هٿ لڳائڻ سان چڱا ڀلا ٿي پون، ڇا اُنهيءَ احمق جو علاج توهان نٿا ڪري سگهو؟

اِهو ٻڌي حضرت عيسىٰ ورندي ڏني، جو ڪجهہ تو چيو سو صحيح آهي، خدا مون کي مردن کي زنده ڪرڻ جي طاقت ڏني آهي، امراض دفع ڪرڻ جي قوت عطا ڪئي آهي، مگر احمق (بيوقوفي) جو علاج مون وٽ ڪونہ آهي، بيماري هڪ مصيبت آهي، جنهن کي ڏسي رب کي رحم اچي ٿو، مگر احمق خدا جو قهر آهي، مقهور شخص هميشہ خستہ حال رهندو آهي انهيءَ کي منهنجي ڇهڻ يا منهنجي دعا ڪهڙو اثر ڪندا. . .

## بيت

بيوقوف سان بازار ۾ مور نہ وڃجي ساڻ
اول ڪٿائي پاڻ، پوءِ لهي سار سنگت جي

# شينهن جو زنده ٿيڻ، انسان جو مرڻ

حضرت عيسىٰ عليہ السلام هڪ ڏينهن جهنگل ۾ وڃي رهيو هو، ساڻس هڪ شخص بہ هو، اهو عرض ڪرڻ لڳو يا حضرت مون کي مُردن کي زنده ڪرڻ جي دُعا سيکاريو، پاڻ چيائونس، معجزات عطا ڪرڻ، الله جي اختيار ۾ آهي، جنهن کي هو ڏئي

. . . .هر شخص عصا اُڇلائي ازدها بنائي نٿو سگهي. هي ٻڌي هو شخص چوڻ لڳو تہ حضرتا! جيڪڏهن هي منهنجو عرض قابل قبول نہ آهي تہ توهان ﭘﻼ منهنجي اڳيان ڪنهن مرده کي زنده ڪري ڏيکاريو. . . هي هڏيون پيون آهن، ان ۾ قم باذن الله چئي روح ڦوڪيو حضرت عيسىٰ الله کي عرض ڪيو تہ ياالله! هي شخص ڏاڍو ضديرو آهي، پنهنجو نفعو نقصان بہ نٿو ڄاڻي، تنهنجو حڪم هجي تہ آئون هن کي معجزو ڏيکاريان. جڏهن هي پنهنجي هلاڪت پاڻ ٿو خريد ڪري، تڏهن ٻئي جو ڪهڙو قصور! مطلب تہ حضرت عيسىٰ عہ انهن هڏين تي قم باذن الله پڙهيو، تہ هڪ غضبناڪ سياهہ شينهن اُٿي کڙو ٿيو ۽ انهي شخص کي اهڙو چنبو هنيائين جو اهو شخص نهہ پهہ مري ويو. حضرت عيسىٰ چيو تہ تو اٿنديئي چو هن شخص تي حملو ڪيو، شينهن چيو تہ انهيءَ لاءِ جو هو اوهان کي ناحق تڪليف ڏيئي رهيو هو. روح الله چيس تہ تون ﭘﻼ هنجو رت چو نہ پيتو. شينهن چيو تہ منهنجو رزق دنيا مان ختم ٿي چڪو هو. . . .مولانا رومي نصيحت طور فرمائي ٿو تہ:

اي بسا ڪس همچو آن شير ژژيان
صيد خود ناخورده رفتہ از جهان
جمعہ ڪرده مال ورفتہ سوئي گور
دشمنان در ماتم اوڪرده شور

دنيا ۾ گهڻائي اهڙا آهن، جي طمع کان مال گڏ ڪري رکن ٿا، مگر کين کائڻ جي نصيب نہ ٿو ٿئي.

**نصيحت:**

بزرگن جو امتحان نہ وٺجي انهيءَ مان رسوائي ۽ هلاڪت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو.

**بيت**

هاريون حجت هوت سان ڪميڻيون جي ڪن،
رئنديون رت رهن، تڙيون سي تڪبر ڪنان.

# يهودين وزير جو عيسائين کي مڪر سان تباهہ ڪرڻ

جڏهن حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي تعليم جي اشاعت ٿيڻ لڳي، تڏهن يهودين سخت مخالفت شروع ڪئي. انهن جي هڪ بادشاهہ پڪو ارادو ڪيو تہ، جيڪو بہ عيسائي نظر چڙهي ان کي قتل ڪجي. . . اهڙي طرح هن لکين عيسائي ظلم ڪري، قتل ڪرائي ڇڏيا، هنن يهودين جهالت سبب عيسىٰ عہ ۽ موسىٰ عہ کي ڌار ڌار بہ ڄڻا ڪري ڄاتو. حالانڪ هو ٻئي خدا جا نيڪ نبي هئا. بادشاهہ چشم بصيرت کان محروم هو. يهودي بادشاهہ جي انهيءَ ظلم و ستم کان ڪيترائي عيسائي پنهنجو مذهب ڇڏي رهيا هئا. بادشاهہ جو هڪ يهودي وزير، باتدبير هو، هُو وڏو مڪار هو، چالاڪ ۽ عّيار هو، هُو پنهنجي مڪر سان پاڻي کي ڳنڍ ۾ ٻڌي سگهيو ٿي. ان چيو تہ بادشاهہ سلامت! قتل ڪرڻ سان عيسىٰ جو دين گهٽجي نہ سگهندو، اٿلو وڌندو رهندو، ماڻهو باظاهر موسائي ٿيندا مگر باطن ۾ عيسائي ئي هوندا، توڪي انهيءَ ڳالهہ جو پتو ئي نہ پوندو، انسان انهيءَ مذهب تي رهي ٿو ڪاربند، جنهن کي سندس دل ڪندي پسند، زير وزبر ڪرڻ مان ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. دين جي بانس ڪا مشڪ عنبر جهڙي ناهي، جو تون سنگهي ڪنهن جو مذهب معلوم ڪري سگهندين.

سر پنهان است اندر صد غلاف

ظاهرش باتست و باطن برخلاف

بادشاهہ چيو، تہ تڏهن اي وزير، روشن ضمير! ڪهڙي ڪجي تدبير، منهنجي جند مان جان، دين موسموي تان آهي قربان وزير چيو تہ قبلا، اوهان جي مبارڪ حڪم موجب آءٌ جان جي بازي لائي بہ دين عيسوي دنيا جي تختي تان مٽائيندس. وس پڄندي ڪين گهٽائيندس. مان ظاهر طرح دين عيسوي قبول ڪريان ٿو، اوهان مون تي سخت ناراض ٿي، منهنجا ڪن ۽ هٿ ڪپي، نڪ ۽ ڪن چيري، مون کي چوراهي تي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ جو حڪم جاري ڪيو، پر ڪنهن هڪ کي سمجهائي ڇڏيو، جنهن جي سفارش ۽ ميڙ منٿ تي مون کي جيئندان ڏجو ۽ حڪم ڪجو تہ هن مرتد بدڪار وزير، بي پير کي منهنجي اکين اڳيان دور ڪيو، سندس لڱ لڱ چڪن چور ڪري. . . .پوءِ پاڻهي عيسائين جا ڪم لاهيندس.

مطلب تہ بادشاهہ، وزير کي سندس ئي چوڻ جي موجب تعدي ڪري هڪ پراهين شهر ۾ اُڇلايو.

. . .

وزير جي ههڙي بري حالت ڏسي، ويچارا عيسائي مٿس ترس ڪرڻ لڳا، ساڻس همدردانہ دم پرڻ لڳا، پرواني وانگر مٿس ڦرڻ لڳا. وزير بہ ڪين اهڙيون ڳالهيون ۽ ست سريون ٻڌايون جو هنن کيس پنهنجو پيشوا ڪٽي بنايو.

در درون، سينہ مهرش ڪاشتند
نائب عيسىٰ اش پندا شتند

وزير پر تزوير، خلوت ۾ عيسائين کي دين عيسوي جي تعليم ڏيڻ لڳو، مگر سندس تعليم ۾ شيطان وانگر مڪاري ۽ عياري هُئي.

نکتها مي گفت او آ ميختہ
در جلاب و قند زهري ريختہ

جن جي چرب زباني تي ٻارهن نصراني امير پنهنجي پنهنجي اشاعت سميت فريفتہ ٿي پيا. ڪيس حضرت عيسىٰ عليہ السلام جو نائب تسليم ڪرڻ لڳا. سندن وڏي عزت ۽ تعظيم ڪرڻ لڳا. سندس واعظ نهايت عمدو ٿيندو هو، مگر نتيجي جي خيال کان زياده گمراهہ ڪندڙ. . . ڏسو تہ چاندي ڏسڻ ۾ کهڙي نہ سفيد ايندي آهي، مگر هوءَ هٿ خواه ڪپڙي کي ڪارو ڪندي آهي، باهہ کهڙي نہ سرخ رو آهي، مگر سندس نتيجو کهڙو نہ ڏکيو آهي جو شين کي ڀسم ڪيو ڇڏي. . . بجلي کهڙو نہ روشن چمڪو ڏيندي آهي، مگر جتي ڪري اهو هنڌي ساڙي خاڪ ۽ سياهہ ڪيو وجهي.

وزير کي جڏهن نصرانين ۾ ڇهہ سال ٿي ويا تڏهن بادشاهہ هن ڏانهن مخفي طور چورائي موڪليو تہ انتظار ڪندي ڪندي ڇهہ سال ٿي ويا آهن. تو اجا ڪو ٻوٿو ڪونہ ٻاريو، جلدي سان ڪين تباهہ ڪرڻ جي ڪا تدبير ڪر! هن چوائي موڪليس تہ تون دلجاءِ ڪر، مان عيسائين ۾ هاڻي اهڙي فتنہ جي باهہ ٻاريندس، جا ڪين جلائي ڀسم ڪندي. . . . پوءِ ٻارهن ئي اميرن لاءِ ٻارهن صحيفا تيار ڪيائين مگر هر هڪ صحيفي ۾ الڳ الڳ ۾ هڪ ٻئي جي اضداد وارا احڪام لکيائين، مثلاً هڪ ۾ لکيائين تہ مجاهدي ۽ رياضت سان آدمي نجات حاصل ڪري ٿو، ٻئي ۾ ڄاڻايائين تہ بک ۽ تڪليف ڪرڻ بي سُود آهي. . . مطلب تہ ٻارهن ئي صحيفن ۾ گمراهہ ڪندڙ اضدادي مسئلا لکي ڇڏيائين. . . .

ان بعد وري ڇا ڪيائين تہ وعظ و نصحيت جو دستور بند ڪري، گوشہ نشين ٿي ويهي رهيو. اهڙي حالت ۾ جڏهن چاليهہ ڏينهن گذريس تڏهن سندس معتقدن کي، سندس زيارت فيض بشارت جو ذوق ۽ شوق جاڳيو، هو سيئي سندس خدمت ۾ حاضر ٿي زاري نيزاري ڪرڻ لڳا،تہ اسين انڌا آهيون، تون اسان جي عصا آهين، خدا جي واسطي اسان کي نور هدايت کان محروم نہ رک، مگر اسان جو تاريڪ دليون منور ڪر . . .. مگر هن مڪار سندس هڪ بہ نہ ٻڌي. . . . تڏهن هو ويچارا، محبت جا ماريا، پنهنجي اميرن ڏانهن سفارش لاءِ پيا. جن اچي سفارش ڪئي تہ الله جي واسطي انهيءَ خلوت مان ٻاهر اچي، اسان کي فيضياب ڪيو، خلقت اوهان جي پند و نصيحت جي بکي آهي، اوهان جي فراق ۾ ماهي بي آب وانگر تڙڦي رهي آهي، پنهنجي ديدار، فرحت آثار ۽ ڪلام بلاغت نظام سان، هنن محبت جي مئلن جي جان ۾ جان ويجهو. . . .

وزير چيو تہ منهنجي دل ۾ منهنجون دعائون اوهان سان شامل حال آهن، مگر خلوت مان اٿڻ لاءِ في الحال خدا جي منع آهي، مون کي معاف ڪريو.

سردارن چيوتہ حضرتا، اوهان شروعات ڪان وٺي، اسان کي پنهنجي خدمت ۾ ڪيو آهي قبول، هاڻي اسان کي داغ ڀرئي ڪلام ڪان شيطان ايئن ڀڄي ٿو، جيئن ڪانءُ ڀڄي ڪمان ڪان توهان جي

فيض سان اسان آسمان کان بہ بلنديءَ تي پهچي ويا آهيون، توهان اسان جا روح پاڪ ڪري ڇڏيا آهن، هاڻي ايئن نہ ڪريو، اسان سان ڀلائيءَ جو قدم ڀريو. . .

وزير چيو، اهڙي گفتگو کان باز اچو، منهنجي نصيحت ٻڌو جيڪڏهن مون کي اوهان سچو ٿا ڄاڻو تہ، منهنجي ڳالهہ سچي سمجهي مڃو جيڪڏهن ڪوڙي ٿا سمجهو تہ مون کان الڳ ٿي وڃو. مان گوشہ نشيني مان ڪين اٿندس، جو روحاني مشغلن ۾ مشغول آهيان، معتقد آهي، اسان توهان جي فراق کان چشم پرآب آهيون. . . اسان تي خدارا رحم ڪريو.

وزير چيو تہ مان مجبور آهيان، مون کي جناب حضرت عيسىٰ عہ کان حڪم پهتو آهي تہ، مان اڪيلائي ۾ گوشہ نشيني ۾ رهان نہ ڪنهن سان ڳالهايان نہ ڪنهن سان ملان. . .الوداع. . .الوداع مان هاڻي جلد مري ويندس ۽ چوٿين آسمان تي حضرت عيسىٰ سان وڃي ملندس. . . . .

ان کان پوءِ هن اڪيلي ڪري انهن ٻارهن ئي اميرن مان هر هڪ کي مخفي طور پاڻ وٽ گهرايو، هر هڪ کي هُن هي ٻول ٻڌايو تہ مون کان پوءِ تون منهنجي خلافت جو حقدار آهين، ٻين سڀني جو تون سردار آهين، ٻيا سڀ امير، فقير تنهنجا تابع فرمان آهن، جيڪو تنهنجو حڪم نہ مڃي، ان کي مڃائڻ لاءِ ان سان لڙ، جهيڙو ڪر، قتل ڪرڻ کان بہ دريغ نہ ڪر مگر خبردار هي روحاني راز آهن، جو صيغئہ راز ۾ رکجان. . ...

هر هڪ کي هڪ هڪ لکيل صحيفو بہ ڏنائين، تہ انهن حڪمن جي تبليغ ڪن، ٻيو ڪو بہ صحيفہ پيش ڪري تہ ان کي ڪوڙو سمجهڻ گهرجي. . . مطلب تہ پاڻ دروازو بند ڪري اندر ويهي رهيو، چاليهن ڏينهن خودڪشي ڪيائين، سندس لاش تي بي انداز عيسائي اچي مڙيا، چي ڏاڍو رنا ۽ رڙيا، آخر ڪيس دفن ڪيائون، چاليهہ ڏينهن تڏو نہ ڪنيائون، پئي منهن مٿو پٽيائون ڪٽيائون، آخر چاليهي بعد قوم چوڻ لڳي تہ روح الله (حضرت عيسىٰ) جي حواري جو ڪو تہ جانشين مقرر ٿيڻ گهرجي، جنهن کي پيرين پوڻ گهرجي ۽ ان کي فيض وٺڻ گهرجي. . . . .

چونکہ گل بگذشت گلشن شد خراب

بوئي گل را از کہ جوئيم از گلاب

(جڏهن موسم گل ختم ٿي وڃي ٿي، تہ خوشبوءِ گل گلاب جي پاڻيءَ مان حاصل ڪجي ٿي." هي ٻڌي هڪ امير نڪري ٿيو نروار، ڪرڻ لڳو گفتار، تہ مان ئي مرحوم جو خليفو آهيان ۽ سندس مسند جو حقدار، ڏسو تہ مون کي هيءُ صحيفو ڏئي ڪيو اٿس توهان جو سردار، جيڪو ٿي نہ رهندو منهنجو فرمانبردار، تنهن کي قتل ڪرڻ لاءِ آهيان تيار، هٿي تلوار ڪندو مانس سر ڌڙ کان ڌاڙ. . . اجا هن جي اها هلي پئي گفتار تہ ٻيو سردار ٿيو دعويدار، چي مان ئي حقدار خلافت آهيان، مون وٽ سندن هي صحيفو آهي، جو سراسر سچو ۽ صحيح آهي، جيڪو منهنجو جو حڪم نہ مڃيندو، سو سزا لهندو.. . . .

اهڙي طرح ٻارهن سردار، صحيفا ڪڍي دعويدار بڻجي، ميدان ۾ آيا تنازعہ وڌي ويو، آخر جدال و قتال تي نوبت پهچي وئي ايڏي تہ جنگ لڳي جو ڪنلن جا ڍير لڳي ويا. رت جون نديون وهڻ لڳيون، وزير بي پير جيڪو فتني جو ٻج ڇٽيو هو، سو وڌي وڻ ٿيو ۽ طرحين طرحين گل ڪڍيائين نصارن هڪ ٻئي جا سر پنهنجي هٿن سان لاٿا.

ڏسو تہ يهوديءَ ڪيئن نہ پنهنجي حيلي ۽ مڪر سان هزارن جا خانا خراب ڪري ڇڏيا.

## بيت

چڱا ڪن چڱايون منايون مٺن،
جو وڙ جڙي جن کي سو وڙ سيئي ڪن

# آقا کي خون ڪندڙ غلام ۽ سندس تباهي

حضرت دائود عليہ السلام جي وقت ۾، هڪ شخص روزانو درگاهہ الاهي مان هيءَ دعا گهرندو هو تہ، يا خدا! مون کي محنت ڪرڻ کان سواءِ ڪر روزي ۽ رزق عطا، تو مون کي تمام سست ۽ هيڻو، نونشي وهيڻو ڪري پيدا ڪيو آهي. تنهن ڪري مون کي روزي بہ بنا ڪمائڻ جي ڏي، ڇاڪاڻ تہ جهڙي طرح زخمي پنيءَ واري گهوڙي يا گڏهہ تي بار ڍوئڻ واجب ناهي، تهڙي طرح مون کي بہ تڪليف ڏيڻ بہ مناسب ناهي مان بہ ٿڌي ڇانو ۾ تنهنجي احسان ۽ ڪرم سان پليو آهيان، جهڙي طرح بين سست انسانن لاءِ روزي بنا محنت مهيا ڪرين ٿو تهڙي طرح منهنجي لاءِ بہ ڪر. . . . پيرن وارو پنڌ ڪري پورهيو ڪري پيٽ پالي سگهي ٿو، پر جنهن کي پير ئي نہ آهن، انهيءَ کي تہ تنهنجو ئي آسرو آهي. . . .جهڙي طرح معصوم ٻار جنهن کي روزي ڪمائڻ لاءِ ڪا طاقت ناهي، مگر هن جي ماءُ جي کير کي سندس روزيءَ جو ذريعو بنائين ٿو، منهنجي لاءِ بہ اهڙي طرح سامان مهيا ڪر. مان زبان سان تو کان گهران ٿو، مگر هٿن پيرن جي جنبش جي طاقت ڪانہ ٿو رکان.

اُهو شخص رات ڏينهن اِها دعا گهرندو رهندو هو. ماڻهو سندس دعا ٻڌي مٿس ٺوڪون ۽ چٿرون ڪندا هئا. پاڻ ۾ جهومندا هئا تہ، هي شخص وڏو حريص ۽ ڍيڍ آهي. هي شخص ٻن ڳالهين کان خالي نہ آهي، يا تہ وڏو بيوقوف آهي يا تہ ڀنگ پيو ٿو وتي . . . خدا هر ڪنهن لاءِ ڏنيو پيدا ڪيو آهي تہ، ڪم ڪري روزي ڪمائي. هيءَ دنيا عالم اسباب آهي، بنا سبب رزق نٿو ملي، ’ حيلي رزق بهاني موت‘ اسان جي نبي حضرت دائود عہ جنهن جي فرمان ۾ وحوش و طيور (جانور، پکي پکڻ) بہ آهن، روءِ زمين سندس قبضي ۾ آهي خدا تعالىٰ کيس معجزات عطا ڪيا آهن. خوش الحان اهڙو آهي، جو سندس وعظ ٻڌڻ سان هزارين آدمي واصل بالله ٿين ٿا، سندس خوش آوازي تي هرڻ ۽ چيتا بہ ٻت ٻڌجي بيهي وڃن ٿا، ايتري شان و شوڪت هوندي بہ محنت ڪري ماني ڪمائي ٿو، مگر هيءُ ذليل ۽ بيڪار شخص چاهي ٿو، تہ گهر ويني ماني ملي. . . .خزانو هٿ اچي. . . .

مطلب ماڻهو سوين ڳالهيون، ٺوڪون ۽ چٿرون ڪندا رهيا، مگر هي بہ مرد مولائي دعا ۾ مصروف ۽ مشغول رهندو هو.

کم نمي کرد از دعا و ابتهال
کرد اجا بت مستعانِ ذالجلال
گر گران و گوشنا بنده بود
عاقبت جوينده يا بنده بود

هو دعا کان ڪڪ نہ ٿيو، نتيجو هي نڪتو تہ انهيءَ مددگار و ذالجلال خدا سندس دعا قبولي وڌي، ڇاڪاڻ تہ هيءَ ڳالهہ ثابت ٿيل آهي تہ ڳوليندڙ آخر ليندڙ آهي.

رزق پکيءَ وانگر پر ڪري اُڏري پهچندو آهي. رسول مقبولﷺ جن فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ دعا گهرندڙ کي پسند ڪندو آهي. هي شخص صبح جي وقت ڏاڍي خشوع و خضوع سان دعا گهري رهيو هو تہ هڪ ڏاند سندس دروازي کي ٽڪر هنئي، ڪڙو ڪنڊو ڀجي اندر ڪاهي پيو، هن کي يقين ٿيو تہ خدا تعاليٰ منهنجي دعا قبول فرمائي هي ڏاند موڪليو اٿس. . . بس هو چالاڪي سان اٿي ڏاند جي ٽنگن ۾ رسو وجهي ڇڪي، ڪيس ڪيرائي، الله اڪبر چئي تڪبير وڌائين. هڪڙي ڪاسائي کي بہ ڪوٺي آيو، جنهن چمڙو لاهي ڏنس. . . ڏاند جو مالڪ بہ ڏاند ڳوليندو، پڇائيندو پهچي ويو، پنهنجي ڏاند کي ذبح ٿيل ڏسي، هن شخص کي خوب ڌمال ڪيائين، تہ ظالم تو منهنجو ڏاند ڇو ڪُنو آهي؟

هُن وراڻيو تہ مان مدت کان وٺي رزق لاءِ دعا گهرندو رهيو آهيان. اڄ هي ڏاند گهر ۾ گهڙي آيو، مون سمجهيو تہ موليٰ سائين منهنجي دعا قبول ڪري ڏاند جي شڪل ۾ هي رزق مون ڏانهن موڪليو آهي، بس مون خدا داد چيز سمجهي هن کي ذبح ڪيو.

ڏاند وارو هيءَ ڳالهہ ٻڌي، تپي باهہ ٿي ويو سڌو حضرت دائود عہ وٽ فرياد ڪيائين، مگر هن کي بہ پاڻ سان وٺيو ويو. واٽ ۾ ٺونشن ۽ مڪن سان بہ چڱي مرمت ڪئي هئائينس، فرياد ۾ چيائين تہ هن خائن، چوري بلڪہ زوري ڪري، منهنجو ڏاند ڪنو آهي. هن مون مسڪين کي مُنو آهي. وري دم ٿو هڻي تہ مون ڏٺيءَ در دعا گهري، جنهن مون کي هي رزق ڪري موڪليو، انصاف ڪري ڏسو تہ هي ڪهڙو نہ بدبخت آهي، جيڪڏهن ائين جائز هجي ها، تہ هر هڪ گدا، شاهوڪار جي مال تي هٿ رکي چوي ها، تہ مون دعا گهري ۽ موليٰ مون کي هي مال عطا ڪيو آهي. . . ٻڌندڙن چيو تہ بيشڪ ڏاند کهندڙ ڪوڙو آهي، دعا جي بهاني ڪنهن جي مال تي قبضو ڪرڻ جائز نہ آهي، تہ دعا گهرڻ سان سڀ ڪنهن جو مال حلال ٿي سگهي ٿو، انصاف هي آهي تہ يا ڏاند ڏي يا قيد ۾ پوڻ قبول ڪر. اِهو ٻڌي هُن شخص وري دعا لاءِ هٿ درگاهہ الاهي ۾ کنيا ۽ چوڻ لڳو تہ يا الاهي تون ئي ڄاڻين ٿو تہ مون ڪهڙي نہ خشوع و خضوع سان دعا گهري. . . دعا گهرڻ جو خيال بہ توئي منهنجي دل ۾ وڌو هو. مان فضول دعائون نہ گهريون آهن، حضرت يوسف عليہ السلام کي جهڙي طرح چاهہ و زندان ۾ پنهنجي خواب جي صداقت جو يقين هو، تہ هو هڪ ڏينهن ضرور تخت تي جلوه افروز ٿيندو، اهڙي طرح مون کي بہ يقين هو تہ منهنجي دعا قبول پوندي. مون انهيءَ آذار تي ڏاند کي ڪُنو، جيڪڏهن هو منهنجي لاءِ حلال نہ هجي ها، تہ ڇو اندر ڪاهي اچي ها. مون کي منهنجي دعا مست ڪيو. هي مدّعي مون کي هلاڪ ۽ تنگ ڪري رهيو آهي. . . آخرڪار مدّعي ۽ مدعا عليہ حضرت دائود جي سامهون ٿيا. حضرت دائود کي بہ هن شخص اِهو جواب ڏنو تہ مون دعا گهري، ڏاند منهنجي گهر آيو، مون هن کي خدا جي طرفان موڪليل عنايت ڄاڻي ذبح ڪيو. ان تي حضرت دائود عليہ السلام بہ چيس تہ هي تنهنجو جواب آهي نا صواب، تون ڪوبہ پيش نٿو ڪرين دليل تنهن ڪري تون آهين ذليل، شريعت ظاهر تي آهي، نہ هيءَ ڏاند تو خريد ڪيو آهي، نہ بطور وراثت تو کي مليو آهي. تنهن ڪري تون هن جو حقدار نہ آهين، تنهن ڪري هي فيصلو آهي تہ اجايو وڏيڪ وات نہ هڻ، ڏاند يا ڏاند جي رقم هن کي پري ڏي، حق ائين آهي. . .

هي حڪم ٻڌي هن چيو ته، يا نبي الله توهان به اها ئي ڳالهه ٿا ڪيو، جا ٻيا ڪري رهيا آهن. ايترو چئي هو وري دعا گهرڻ ۾ مشغول ٿي ويو چي، يا الاهي! تون ئي منهنجي سوز دل جو ڄاڻڻ هار آهين. جا روشني تو منهنجي دل ۾ پيدا ڪئي آهي. حضرت دائود جي دل ۾ اُها روشني وجهه ۽ ڪيس حقيقت حال کان واقف ڪر، ان کان پوءِ هن جي دل مان اهڙي آهه نڪتي، جنهن حضرت دائود جي دل تي وڏو اثر وڌو. حضرت دائود عہ چيو اي مدعي! ٿورو ترس، مون کي ٻيهر غور ڪرڻ جو موقعو ڏي، تڪڙ نه ڪر، آءٌ عالم الغيب الله کان نماز ۽ دعا بعد حڪم حاصل ڪري فيصلو ڏيندس. . .ايترو چئي حضرت دائود عہ محو عبادت ٿيو، اهڙو ته مستغرق حال رهيو جو دنيا جي خبر ئي ڪانه رهيس. آخر هڪ شخص سندس دامن کي ڇڪي، سندس ڏيان فيصلي ڏانهن ڇڪايو. پاڻ ٻيهر خلوت ۾ ويو، دروازو بند ڪري دعا گهري ته يا الاهي! تون ئي خبير آهين، مون کي هن فيصلي جي حقيقت حال کان واقف ڪر، تنهن تي خدا جي طرف کان ڪين اطلاع مليو، پاڻ ٻئي ڏينهن دربار منعقد ڪيائين، مدعي وري مدعا عليه کي مخاطب ٿي طعنا تنڪا هڻڻ لڳو، وري حضرت دائود عہ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته:

اي رسولِ حق چنين باشد روا
مِلڪِ من بود گاءٌ چون دادش خدا

اي نبي! ائين ڪيئن ٿيندو، جو منهنجي ملڪيت (ڏاند) خدا هن کي ڏيندو. . .

حضرت دائود عہ چيس ته، هتان خاموش هڪدم هليو وڃ. ڏاند جي دعوىٰ نه ڪر، دل ۾ ڪو خوف خدا جو ڏيان ڌر، جنهن صورت ۾ خدا تنهنجي اڄ تائين پرده پوشي ڪئي آهي تنهن صورت ۾ تون پاڻ کي خوار نه ڪر.بيوقوف مدعي هي ڳالهه ٻڌي شور مچائڻ لڳو، ته هيءُ ڪهڙو انصاف آهي، ڇا هاڻي وري نئين شريعت نافذ ٿي آهي ڇا، توهان جي انصاف جي شهرت ته زمين آسمان تائين پهتل آهي، مگر مون سان ته ڏنو وائنو ظلم ڪري رهيا آهيو. . . مطلب ته ڏاڍي بڪواس ڪندو رهيو. اِهو ٻڌي حضرت دائود چيس ته هاڻي هي حڪم اٿئي ته، تون پنهنجي سڄي ملڪيت، مدعا عليه جي حوالي ڪر، ورنه تنهنجو سڄو پول پڌرو ڪيو ويندو. . . اِهو حڪم ٻڌي ويتر دانهون ڪرڻ لڳو، جنهن کان آسمان ڌرڻ لڳو، حضرت دائود عليه اسلام ان تي چيس ته اي نادان گڏهه! تنهنجي قسمت ۾ اهو آهي ته تنهنجو پردوفاش ٿئي ۽ تون خلقِ خدا ۾ خوار ۽ خراب ٿين، لهذا تنهنجو ظلم بتدريج ظاهر ٿي رهيو آهي، تون وڏو نالائق آهين ۽ انهيءَ جو لائق آهين ته توکي ملڪيت مان هڪ ڪک به نه ڏجي، تو کي خلقت ۾ خوار ڪجي اِهو ٻڌي هو ويتر واويلا مچائڻ لڳو. . . حضرت دائود عليه السلام جو غصو تيز ٿيو چوڻ لڳس ته، تنهنجي جان بچي ته انهيءَ ۾ خير ڄاڻ. . . تون پنهنجو اهل و عيال به مدعا عليه جي حوالي ڪر، وڃ مون تنهنجي زال ۽ اولاد هن جي غلاميءَ ۾ ڏنو. . .

اِهو حڪم ٻڌي هو منهن مٿو پٽڻ لڳو ۽ ڪرم ڪٽڻ لڳو جيئن ته ظالم جي سڃاڻ ڏکي ٿيندي آهي، عام ماڻهو، جي حقيقت حال کان بيخبر هئا سي، خود حضرت دائود عليه السلام جي فتوىٰ ٻڌي حيران ٿي ٿيا ته هيءُ ڪهڙو ابتو فيصلو آهي. . . . خاص ڪري مدعي جا طرفداري ڪتن وانگر غوغو ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته اي نبي الله جا، ناڪرده گناهه تي هيتري سز اِهو ڪهڙو انصاف آهي. حضرت

دائود عليہ هي هنگامہ ڏسي چوڻ لڳو تہ هاڻي راز ظاهر ڪرڻ کان سواءِ مزو نہ ٿيندو، اوهان جي دلين مان شڪ شبهو نہ ويندو، اچو مون سان گڏ جهنگل ڏانهن اچو. تہ هلي ثابت ڪريون ڪوڙ ۽ سچ. . . . آخر هڪ وڻ وٽ بيهي حضرت دائود عليہ چوڻ لڳو تہ هن وڻ جي پاڙن مان بي گناهہ ٿيل خون جي بوءِ اچي رهي آهي. خون ڪنهن ڪيو؟ ۽ ڪنهن جو خون. . . ؟ خوني اٿو مدعي ۽ خون آهي. مدعا عليہ جي والده جو. هن ظالم بي گناهہ خون ڪري، وڻ جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيو، خون سان گڏ قاتل جي ڇُري، جنهن تي سندس نالو بہ اُڪريل آحي، پوريل آهي. نہ رڳو ايترو پر هن جي سموري مال متاع تي قابض بہ ٿي وينو، هن ظالم ايترو بہ نہ ڪيو جو هن جي يتيم پٽ تي رحم جو هٿ ڌري ها ۽ سندس پرورش ڪري ها، خدا تعالیٰ هن جي هيتري تائين پرده پوشي ڪئي. مگر هن ملعون پاڻ کي خوار ڪيو. جيڪڏهن ڏاند ساهي ها ۽ منهنجو چيو نہ موٽائي ها تہ ايترو بدنام نہ ٿئي ها. پاڻ بروقت هن چوڪري جي پيءُ جو غلام هو ۽ ڪيئي ڏاند ۽ اٺ اڄ تائين هضم ڪيا هئائين، ڇا ٿئي ها جي هڪ ڏاند سهائي ها، هن جي بيبي انهي مقتول جي ٻانهي آهي لهذا سمورو اولاد ۽ هن جي زال بہ مدعا عليہ جي ملڪيت آهي. ايترو چئي وڻ کوٽايو ويو، جتان لاش نڪتو، جنهن سان گڏ ڇُري بہ پوريل هئي. جنهن تي مدعي جو نالو لکيو پيو هو، اِهو حال ڏسي، سيئي نادم ٿيڻ لڳا ۽ حضرت دائود عہ کان معافي گهرڻ لڳا، حضرت دائود وڻ کي حڪم ڪيو تہ جا حقيقت تو کي معلوم آهي سا بيان ڪر.

در زمان شاخ و برگِ آن درخت
آمد از صنع خدا آواز سخت
خواجہ را اين سگ بدين جا چون بکشت
از فولادک دشنها بودش بدست

انهي وقت خدا جي قدرت سان وڻ جي ٽارين مان سخت آواز آيو تہ اي نبي! جيڪي تو چيو سو سراسر سچ آهي، هن بي دين ڪُتي پنهنجي آقا کي برابر خون ڪري پوري ڇڏيو. . .

هن کان پوءِ حضرت دائود عليہ اسلام ڏاند ذبح ڪرڻ واري کي چيو تہ، اڄ تون پنهنجو بدلو هن کان وٺ. . ؟ هن ڇُريءَ سان هن جو ڏڙ ڪر ڌار، پنهنجو اندر ٺار.

ظالم کي جوڳي سزا ملي، حقدار کي حق پلئہ پيو.

ڪشتہ شد ظالم جهاني زنده شد!

مولانا رومي اڳتي فرمائي ٿو:

حلمہ حق گرچہ مواسہ ها کند
چونکہ از حد بگزرد رسوا کند
خون نہ خسپد رفتہ در هردلي
ميل جبست و جود کشت مشکلي
اقتضائي داوري رب دين
سر بر آرد از خمير آن و اين

حق تعاليٰ جو حلم گهڻيون رعاتيون ڪري ٿو، مگر بندو گندو جڏهن حد کان لنگهي وڃي ٿو، تڏهن خدا هن کي خوار ڪري ٿو، خون ناحق لڪي نٿو سهگي.

”خون ڪٿوري ڪين لڪي توڙي باري ڏيونس بار“

# ايماندار پٽ ۽ ماءُ باھ ۾

حضرت عيسىٰ جي عرش تي رونق افروز ٿيڻ کانپوءِ هڪ مشرڪ بادشاھ پنهنجي پوڄا شروع ڪرائي. پنهنجي بادشاهي اندر هيءَ منادي ڦيرائي تہ سيڪو مون کي سجدو ڪري، ساڳئي وقت ميدان ۾ وڏو باھ جو آڙاھ ٻارائي ڇڏيائين، حڪم ڪيو هئائين تہ جيڪو مون کي سجدو نہ ڪري، سو انهيءُ مچ ۾ ٻارڻ ٿي مري. . اهڙي وقت استقلال ڪان ڪم ونڻ وڏي بهادري جو ڪم هو، ڪيترائي ماڻهو باھ جي خوف ڪان سجدو ڪندا ويا. جڏهن هڪ دلير خدا پرست عورت جو وارو آيو، تڏهن هن چيو تہ آءٌ خدا ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي سجدو نہ ڪنديس. ساھ بيشڪ پيارو آهي، مگر ساھ ڪان وڌيڪ مون کي ايمان پيارو آهي. بادشاھ کي انهي تان ڏاڍي منيان لڳي، حڪم ڏنائين تہ عورت ڪان سندس ننڍو پٽ کسي باھ ۾ اڇلايو وڃي. . . . جڏهن معصوم نينگر کي باھ ۾ وڌو ويو. تڏهن بہ مائيءَ جي ايمان و استقلال ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو. . . نينگر بہ آڙاھ مان آواز ڪيو تہ، اي امڙ مادر! ايمان سلامت رک، تون ايندينءَ تہ، باھ کي گل و گلزار ڏسندينءَ ڪافرن جي لاءِ جلائڻ واري آهي، گرمي نہ آهي، هن باغ خليل ۾ ڪوثر و سلسبيل جاري آهي، بي خوف هلي آ، ٻين مومنن کي بہ پاڻ سان وٺي اچ، هن ۾ خاصانِ خدا لاءِ مزائي مزا آهن. . .

اندر اي مادر اين جا من خوشم
گرچہ در صورت ميان آتشم
اندر آ اسرار ابراهيم بين
کودر آتش يافت ورد و ياسمين
اندر آه و ديگران راهم بخواه
کاندر آتش شاھ بنهادست خوان
غير عذب دين عذاب است آن همہ

اِهو ٻڌي عورت بہ باھ ۾ ڪاهي پئي، نينگر ۽ ان جي ماءُ کي سلامت ڏسي ٻيا ايماندار بہ مچ ۾ ڪاهي پيا. بادشاھ، هي ڏسي ڏاڍو شرمندو ٿيو. هو تپي باھ تي پيو، باھ کي چوڻ لڳو تہ تنهنجي ساڙڻ واري خاصيت ڪيڏانهن وئي، تون اسان کي تہ جلائي ٿي ڇڏين مگر منڪرن کي تہ ذرو بہ نٿي چئين.. . باھ چوڻ لڳي تہ، تون اندر اچي منهنجي گرمي ۽ تيزي ڏس، مان ڇا ڪريان مان جنهن جي حڪم جي ٻندي آهيان، تنهن جي حڪم ڪان منهن ڪئين موڙيان. ڏٺو ڪين اٿئي تہ، "جاٽ" قوم جون ڪتيون ڪيئن نہ جهنگل ۾ ڏاڙهنديون آهن، مگر جڏهن مالڪ سان هوندو اٿن تہ انهيءَ جي مهمان جي پيرن کي چميون ڏينديون آهن. ڇا مان انهن ڪتين ڪان بہ پري آهيان، جو پنهنجي مالڪ جي عزيز ٻندن کي جلايان.. . مان تنهنجي نظر ۾ بي جان آهيان، مگر اِها تنهنجي چُڪ آهي، مان پنهنجي مولىٰ جي حڪم جي محڪوم ٻندي آهيان، هوا، باھ، پاڻي ۽ خاڪ سڀ الله جي حڪم جا ٻندا آهن. باھ ان جي

حڪم موجب ابراهيم تي گلزار تي، هوا قوم عاد کي هلاڪ ڪري ڇڏيو، مگر حضرت هود عہ ۽ اُن جي پيروي ڪندڙن کي حفاظت ۾ رکيو. پاڻي فرعون ۽ فرعونين کي نابود ڪيو، مگر حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ سندس لشڪر کي محفوظ رکيو. خاڪ قارون جي خزاني کي ڳهي ويئي مگر حضرت ڪليم الله جي مددگارن کي پنهنجي سيني تي صحيح و سلامت رکيائين.

هي عجائبات ايزدي ڏسي بہ هن يهودي ملعون بادشاهہ کي ايمان نہ آيو. بدستور پنهنجي ضد تي قائم رهيو. جن وزيرن ۽ مشيرن ڪيس توبہ تائب ٿيڻ لاءِ چيو، انهن کي بہ قيد ڪرايائين. فوراً غيب مان آواز آيو، تہ اي يهودا ڪتا! هوش ڌار، منهنجي قهر جو بحر موجزن ٿئي ٿو. . .بس ايتري ۾ اُها باهہ پکڙڻ لڳي چاليهن گزن تائين سندس حلقہ تي ويو، بادشاهہ ۽ سندس ساٿين کي جهنم رسيد ڪري ڇڏيائين.

جو شخص اهل حق سان دشمني ڪري ٿو، سو پاڻ ئي خراب ٿي مري ٿو.

اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي،
پَلوَ ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

# خدا جي غضب کان بچڻ جي تدبير

هڪڙي داناءَ شخص، حضرت عيسىٰ عليہ السلام کي عرض ڪيو تہ، ”دنيا ۾ سڀ کان سخت ۽ خوفناڪ ڪهڙي شيءِ آهي؟“ روح الله جواب ڏنس، ”الله جو غضب سڀ کان زياده خوفناڪ آهي.“

دانا چيو، اوهان بلڪل سورهن ئي آنا سچ سڻايو آهي، پلا ان کان بچڻ جي ڪا تدبير تہ ٻڌايو.

ارشاد ٿيو، اهوئي شخص خدا جي قهر و غضب کان بچندو، جو پنهنجي تابعدارن تي ڪاوڙ نہ ڪري، مظلومن تي ظلم نہ ڪري ۽ جو غصہ کي ڪائي وڃي ٿو، اُهو الله جي رحمت جو حقدار ٿئي ٿو.

**شعر**

”ڪيم ڪر ڪاوڙ تون ڪنهن تي يار نوڙت سان گذار،
ڪاءُ غصي کي تہ تومان خوش ٿئي پروردگار.“

# امام حسن جو غلام تي احسان

حضرت رسول اللهﷺ جن جي سبطِ اڪبر، فاطمہ الزهري جي لختِ جگر، امير المومنين حضرت حسن رضي الله عنه عنہ هڪ ڏينهن مهمان سان دسترخوان تي ويٺا هئا غلام شوربي جو ٿانو کنيو پئي آيو، اتفاقاً ڪيس ٿابو آيو ۽ شوربو سارو ئي حضرت جن جي ڪپڙن تي وڃي پيو. . . . پاڻ غصي سان غلام ڏانهن نهاريائون، غلام ڊڄي ويو ۽ فوراً ئي قرآن شريف جي آيت پڙهڻ لڳو، "الڪاظمين العيظ" پاڻ چيائون، تہ مون غصو ماري ڇڏيو، غلام چيو، "والعافين عن الناس" پاڻ فرمايائون مون تنهنجي خطا معاف ڪئي، جڏهن هُن والله يحب المحسنين چيو، تڏهن امام حسن چيس تہ مون توکي آزاد ڪيو.

جو ماڻهو ٻين جون خطائون معاف تو ڪري، الله ان جا گناهہ بخش تو ڪري.

## شعر

ڪري بخش جيڪو ٻئي جي خطا،
خطائون انهيءَ جون تو بخشي خدا.

# صديق جي صداقت ۽ ابوجهل جي جهالت

جڏهن قيس و ليليٰ جي عشق جون خبرون ملڪان ملڪ مشهور ٿيڻ لڳيون، تڏهن ان وقت جي بادشاهہ جي دل ۾ خيال آيو تہ، ليليٰ تہ ڏسان جنهن قيس کي مجنون بنائي ڇڏيو آهي. هو ليليٰ سان مليو، ليليٰ کيس نہ وڻي، بطور ٽوڪ، ليليٰ کي چوڻ لڳو تہ ڇا تون اُها ليليٰ آهين، جنهن تي قيس مجنون ٿيو آهي. . . . تو ۾ تہ ڪا خاص اهڙي وصف آهي ئي ڪانہ، جا ڪشش ڪري، تو ۾ اهڙو شان دلبري بہ ڪونهي، پوءِ ويچارو قيس توتي ڇو چريو ٿيو آهي. اِهو ٻڌي ليليٰ نهايت مختصر ۽ برجستہ جواب ڏنس تہ،

"ديده مجنون اگر بودي ترا،
هر دو عالم بي خطره بودي ترا."

تو ۾ مجنون واري اک نہ آهي، جيڪڏهن تون مون کي مجنون جي نظر سان ڏسين تہ ٻئي جهان قربان ڪري ڇڏين. . . .

حضرت رسول مقبولﷺ جن جڏهن نبوت جو اعلان ڪيو هو، تڏهن ابوجهل، سندن جان جو دشمن بڻجي پيو. هڪ ڏينهن سامهون اچي، رسول ڪريم جن کي چيائين تہ، توجهڙو بدصورت آدمي، ڪنهن بہ قريشن ۾ اڄ تائين نہ ڄڻيو . . . . حضور جن چيو تہ، "چاچا نيڪ ٿو چئين" ان ڪان پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ عنہ آيو، جنهن پاڻ حضور جن جي جمال جهان آرا کي ڏسي، چوڻ لڳو تہ اوهان جهڙو حسين و جميل ڪٿي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. سج، چنڊ، تارا توهان جي تاب حسن اڳيان ڪجهہ بہ نہ آهن. توهان دنيا لاءِ رحمت ۽ ڪفر جي زهر جا ترياق آهيو. ان تي حضور جن چيو تہ، صديق اڪبر، تون سچ ٿو چئين. . . .

حضرت عمر رضہ جو گهڻي وقت کان وٺي وٽن وينو هو. تنهن چيو تہ حضور! صديق اڪبر جيڪي چيو سو تہ ٺيڪ، آهي پر ابوجهل جيڪي اڳهڻون چيو سو ڪهڙي طرح ٺيڪ آهي.

حضور جن چيو تہ، الله جا نبي آئيني جي مثال آهن، ان ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي صورت ڏيکاري وجي ٿي، ابوجهل پنهنجي ڪافرانہ بدصورت کي ڏسي، مون کي بدصورت سڏيو. ۽ ابوبڪر رضہ پنهنجي صدقہ و صفا کي ڏسي مون کي خوبرو چيو، ٻنهي جو مشاهدو پنهنجي پنهنجي نظر ۾ ٺيڪ هو. دشمن کي هنر بہ عيب معلوم ٿيندا آهن، مگر دوست کي عيب بہ سهڻا نظر ايندا آهن.

اهڙي طرح مجنون جي محبّت ڀري نظر ۾ ليليٰ جو هر خدو خال، خوبي ۽ محبوبيءَ جو نقش هو.

**شعر**

صاف سينو ڪندين تان صاف سڀ ايندءِ نظر،
عيب دشمن جا بہ پوءِ معلوم ٿيندءِ پيا هنر

# محمد صلي الله عليہ وسلم جي نام جي پنج وقتي نوبت

جڏهن رسول اڪرمﷺ جن، مڪي جي ماڻهن ۾ اسلام جي تبليغ شروع ڪئي، تڏهن انهن سمجهيو تہ، هي اسان جي سرداري کسڻ ٿو گهري، هو سڀ جمع ٿي، سندن خدمت سڳوريءَ ۾ آيا ۽ چوڻ لڳا تہ اي محمد (ﷺ)! جيڪڏهن تون اسان جو سردار بڻجڻ جي خيال کان اسلام جي تبليغ ٿو ڪرين، تہ اسان توکي سرداري جو حصو ڏيون، بيشڪ ورهائي ونڊي کاءُ. مگر ساري تي قبضو نہ ڪر. پاڻ فرمايائون تہ جنهن کي الله سروري بخشي ٿو، ان کان ڪو کسي نٿو سگهي هنن چيو تہ تو وٽ آهي ڇا؟ سردار سچ پچ اسين آهيون. پاڻ چيائيون تہ توهان جي سرداري چند روز جي آهي مگر منهنجي سرداري مدامي آهي.

ميري من تا قيامت باقي است
ميري عاريتّي خواهد شکست

سردارن چيو تہ انهي دعوىٰ جو دليل! پاڻ فرمايائون، خدا جلد ظاهر ڪندو. انهي وقت آسمان ڪڪرن سان ڇانئجي ويو، ايتري قدر مينهن وُٺو جو سڀئي الامان والحفيظ پڪاري اٿيا. مينهن جو پاڻي خوفناڪ وهڪري جي صورت اختيار ڪري، شهر ڏانهن وهڻ لڳو، پاڻ سردارن کي چوڻ لڳا تہ، امتحان جو وقت اچي ويو آهي، توهان پنهنجي اميريءَ جي زور تي پاڻيءَ کي تہ روڪيو . . . سڀني اميرن پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ پنهنجا نيزا زمين تي زور سان هنيا. پاڻيءَ جي رَو سندن نيزا، گاهہ وانگر اچلائي ڇڏيا. هاڻي رسول اللهﷺ جن پنهنجي عصا مبارڪ پاڻيءَ ۾ اُڇلائي، انهي جي برڪت سان پاڻيءَ جو وهڪرو گهٽ ٿي، پنهنجو رخ ڦيرائي شهر کان پاسي تي وهڻ لڳو. هن معجزي کي ڏسي گهڻا ايمان تي آيا، مگر ابولهب ۽ ابوجهل چوڻ لڳا تہ هيءَ وڏي جادوگري آهي. . .

مولانا رومي فرمائي ٿو تہ، اگرچہ توهان اميرن کي نيزا ڪوڙيندي ۽ رسول مقبول جن کي عصا پاڻيءَ ۾ اڇلائيندي نہ ڏٺو، مگر هي تہ ڏسو تہ اڄ نيڪ نام ڪير آهي؟ محمد جن جي دشمنن جو نالو تہ مٽجي ويو، مگر آنحضرتﷺجن جي مبارڪ نام هميشہ زنده پائنده آهي. سندس بشارت جي نوبت روزانہ دنيا جي هر حصي ۾ پنجئي وقت وڄندي رهي ٿي ۽ قيامت تائين وڄندي رهندي. مگر دشمن جو نالو نشان بہ ڪونہ آهي. ”مري ويا مردود نہ فاتح نہ درود“

پنجہ نوبت مي زنندش بردوامہ
همچنين هر روز تا روز قيامہ
سکئہ شايان همي گردد دگر
سکہ احمدصہ بہ بين تا مستقر

## شعر

ڇا شان احمدي جو چمن ۾ ظهور آهہ
هر گل ۾ ۽ شجر ۾ محمد جو نور آهہ!

# بدنصيب ابوجهل

ابوجهل، نا اهل، رسول مقبول جن جو وڏو جاني دشمن هو هڪ ڏينهن مٺ ۾ ڪا شيءِ بند ڪري، حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ. محمدﷺ! تنهنجي آ دعوىٰ تہ آءٌ آهيان پيغمبر خدا، راز آسماني کان واقف هجن جون ڳالهيون ڪندو آهين ۽ وڏا دم هڻندو آهين. جيڪڏهن تون دعوىٰ جو سچو آهين، تہ ٻڌاءِ تہ منهنجي مٺ ۾ ڇا آهي. پاڻ کيس چيائون تہ، آءٌ توکي ٻڌايان تہ مٺ ۾ ڇا آهي اٿئي يا خود جيڪي تنهنجي مٺ ۾ آهي، اُهو ٻڌائي تہ، اسين ڪير آهيون؟ ابوجهل چيو تہ اِها ڳالهہ وڏي عجب جي آهي پاڻ چيائون تہ مان ٻڌايان ٿو تہ هٿ ۾ پاهڻيون اٿئي. هاڻي ڪن لائي ٻڌ تہ اُهي ڇا ٿيون چون. ابوجهل ٻڌو تہ سندس مٺ وارين پاهڻين مان هر هڪ:

”لااِلہ گفت والا الله گفت

گوهر احمد رسول الله سفت“

پاهڻيون هٿ مان اُڇلائي لڪندو لڪندو هليو ويو ابوجهل متعلق مولانا ٿو چوي،

خاک بر فرقش کہ کور و لعين

چشم او ابليس آمد خاک بين

جو ازل کان سياه ۽ بد باطن ٿئي ٿو. اهو رحمت اللعالمين جهڙي همدرد ۽ نوع انساني جي بابءِ رحمت کان بہ فيض حاصل نٿو ڪري.

## بيت

نياڳن جا نارا، وائِن چاڙهيا وٽ تي،
پٽين سندا پار، پاڻهي ٿين پڌرا.

# آنحضرت ۽ صديق اڪبر جي راست گوئي

حضرت رسول مقبولﷺ جن دشمنن جي ظلم و تشدد ۽ بدسلوڪيءَ ڪان ناراض ٿي، هجرت جو عزم مصمم ڪيو. پنهنجي بستري تي، حضرت علي مرتضيٰ، شيرخدا کي سمهاري، پاڻ حضرت ابوبڪر صديق، کي رفيق ڪري، رات جي اونداهيءَ ۾ سفر سڌاريائون. وطن ڪان دور ٿيڻ مهل ڏک ته ڏاڍو ٿين ٿي، وقت جي تقاضا ۽ رباني رضا اِها هئي ته هجرت ڪن. دشمنن جو پهرو چالو هو. خدائي وحي مطابق مُٺ مٽي جي پري سيني ڏي اڇلي هليا آيا. هڪ لڪ وٺ ۾ دشمنن جو پهرو هو، جن حضرت جن ۽ سندن رفيق صديق ٻنهي کي ڏسي ورتو ۽ هڪل هڻي چيائون ته ڪير آهيو؟ حضور جن هوريان حضرت ابوبڪر صديق کي فرمايو ته، امتحان جو وقت آهي.

”سر وڃي صدقي ٿئي پر سچ چوڻ ڪان ڪين ڊڄ.“ اسان جي جان جو حافظ خدا آهي، اي جان نثار صديق رضہ! ڪوڙ ڳالهائي، قيامت جي ڏينهن شرمسار ٿيڻ نہ گهرجي

. . . .دروغ گوئي ۽ ڪذب بيانيءَ سان جان بچي نٿي سگهي. جنهن انسان جي جان جو مالڪ ۽ حافظ خدا آهي، اي رفيق تون آهين صديق (سچو) بس سچ چئي ڏي. . . . ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ آهي، ڪوڙ هڻڻ مردن جو ڪم ناهي. آخر پهريدار کي حضرت صديق اڪبر، جواب ڏنو ته الله جو قسم ته آءٌ آهيان ابوبڪر ۽ هيءُ آهي حضرت محمدﷺ! دشمن ان کي ڪل پوڳ سمجهيو. پهريدار چوڻ لڳا ته هي اسان سان ڪل پوڳ ڪن ٿا، جيڪڏهن هي واقعي ابوبڪر رضہ ۽ محمد صہ هجن ها، ته پنهنجو نالو ڪيئن ٻڌائين ها

. . . بس هو، انهيءَ غلطيءَ ۾ رهيا، وڃڻ وارا هليا ويا. . . ان وقت سندن جان خطري ۾ هئي، تہ بہ سچ چوڻ ڪان ڪين ڊنا، سچ چيو اٿن ته، سچ جي ٻيڙي لڏي پر ٻڏي ڪين__يا جيئن چوٽي آهي ته سچ ته بيٺو نچ.

**بيت**

سر ۾ پکي بہ جٽا، پاڙهيري پنجاه
رکي جي الله، تہ لڏن لهرن وچ ۾.

# بي ادبيءَ جو خراب نتيجو

حضرتﷺجن جي وقت ۾ هڪ بي ادبي مسخرو هوندو هو. شامت اعمال کان هڪ ڏينهن، هو پنهنجو وات ڇبو ڪري، منهن بڇڙو بنائي رسول مقبول جن جو نالو (احمد) ورتائين ۽ ڪجهہ گهڻ وڏ چيائين تہ خدا تعاليٰ انهي بي ادب کي سندس بي ادبيءَ جي اُتي جو اُتي سزا ڏني. سندس منهن ۽ وات اُتي جو اتي ڇبو ٿي پيو.. هُو پنهنجي اهڙي بڇڙي حالت ڏسي سخت گهبرائجي ويو ۽ پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پيشمان ٿيو. دل ۾ چوڻ لڳو تہ، انهيءَ جي درگاهہ ۾ وڃي ڪيل خطا جي معافي وٺ، سندس ذات رئوف رحيم آهي، بس انهيءَ وٽ پهچي اظهار ندامت ڪندس، دربار نبويءَ ۾ وارد ٿيو ۽ معافي گُهرڻ لڳو تہ:

تنهنجي در تي آيو آهيان مصطفيٰ
بخش ڪر جيڪا پئي مون کان خطا
جو ڦري توکان، اُهو سچ ٿيو فنا
سر جهڪايو جنهن، ملي ان کي بقا
مون کان مرسل سخت ناداني آ ٿي
مون کي حاصل بس پيشيماني آ ٿي
رحم ڪر اي رحمت اللعالمين
بخش ڪر مون کي شفيع المذنبين

سندس معافي وٺڻ تي، حضرت جن جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ آيو، پاڻ ڪيس چيائون تہ وڃ اسان توکي بخشيو پوءِ انهيءَ مسخري جي وري ساڳي صورت ٿي پئي، ڦريل منهن ساڳي جاءِ تي اچي ويو.

محمد رسول الله جن جي در تي جو ٿيو سوالي، سو موٽندو ڪين خالي.

## بيت

ادب آهي چٽ، صاحب سندي ٻاجهہ جو
تنهن جو ڪونهي مٽ جو ڪري سو لهي.

# الله تعاليٰ جو رسول ڪريم ڏانهن، امت جي بخشش گهرڻ لاءِ تاڪيد

راتين جون راتيون جاڳندڙ، عبادت الاهيءَ ۾ رات ڏينهن هڪ ڪندڙ حضرت محمد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ جن جي هڪ رات، اک لڳي وئي. الله تعاليٰ حضرت جبرائيل کي حڪم ڪيو ته، ”اي روح الامين!“ وڃي منهنجي مٺي محبوب کي آهسته آهسته سجاڳ ڪر ۽ کين ٻڌاءِ ته، سلامن بعد خدا تعاليٰ چوي ٿو ته، ”ياايهالمزمل“ (اي چادر وارا پيارا) مون کي تنهنجي ننڊ پسند نه آهي، بلڪ تنهنجي بيداري پسند اٿم.

باش ڪشتيبان درين بحرِ صفا
ڪه تو نوح ثاني اي مصطفيٰ
چون تو اسرافيل وقتي رست خيز
رست خيز ساز پيش از رست خيز
آيته رحمت آهين منهنجا حبيب
شافع امت آهين منهنجا حبيب
رحمت عالم آهين پيارا رسول
گهر دعا، تنهنجي دعا ڪريان قبول
ننڊ ڏي تون پنهنجي دل مائل نه ڪر
پنهنجي امت لئي دعا گهر تا سحر.

حضرت پرنور جن انهي وقت ئي اٿيا ۽ غار حرا ۾ وارد ٿيا، سر سجدي ۾ رکي دعا گهرڻ لڳا.

تنهنجي در تي آيو آهيان ذوالجلال
بنده افسرده دل آشفته جلال
تنهنجي در آيو هي تنهنجو مصطفيٰ
تنهنجي در آيو هي غم ۾ مبتلا
جيستائين منهنجي امت جا گناهه
پنهنجي رحمت سان نه بخشيندين الله
آءٌ بندو تنهنجو ۽ تنهنجو نبي
تيسين سر سجدي مان ڪڍندس ڪينڪي.

اي محمدﷺ جا امتي! تون پنهنجي خوش قسمتيءَ تي ناز ڪر، جو تنهنجي بخشش جي لئي خود خدا پنهنجي محبوب کي جاڳائي دعا گهرڻ لاءِ امر ڪري ٿو. ڇا انهيءَ مان ثابت نٿو ٿئي ته الله جي اِها مرضي ناهي ته، محمد جي امت مان ڪو عذاب ڏسي!

يا الله! اسين تنهنجي رحمت ۽ تنهنجي حبيب جي شفاعت جا آهيون اميدوار، ورنه اسان جا اعمال بد آهن بيشمار.

## بيت

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجھ به اوڏائي منگّان
عدل ڇٽان نه آنءُ، ڦيرو ڪج فضل جو.

# حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ بدگو انسان

حضرت عيسيٰ عيلہ السلام هڪ ڏينهن وعظ ڪري رهيو هو. سمجهندڙن جي دامن معنيٰ جي گلن سان ڀري رهيو هو. سندس هر هڪ لفظ پنهنجي تاثير سان ماڻهن کي متاثر ڪري رهيو هو. اُتي هڪ سفلہ خو انسان، سيرت شيطان بہ ويٺو هو. اُهو اٿي چوڻ لڳو تہ، يارو! هن جي ڳالهہ چو ٿا ٻڌو، هن مڪر جو جار پکيڙي ڇڏيو آهي، وڏي ڳالهہ جو سندس پيءُ جو بہ پتو ڪونهي، مال و دولت بہ ڪانہ اٿس. هر وقت سُجن وانگر هيڏي هوڏي ڦرندو رهي ٿو، ماءُ جي خدمت جو بہ خيال ڪو نہ ٿو ڪري، ڪڏهن چوي ٿو تہ شريعت تي عمل ڪريو، ڪڏهن چوي ٿو تہ، خدا کي اوهان جي عبادت جو احتياج ڪونهي. . . .ڪڏهن ڪيئن ٿو چوي تہ، ڪڏهن ڪيئن ٿو چوي، سندس مدّعا آهي بادشاهہ بڻجڻ جي، ڪڏهن زاهد بڻجي ٿو ويهي، ڪڏهن شراب ٿو پيئي. . . . اشرافن مان ڪو بہ سندس رفيق ڪونهي، جيڪي ٻارهن (حواري) سندس فريب ۾ ڦاٿا آهن سي سڀ ڪاسبي ۽ ڪم ذات آهن، ڪو ڌوٻي آهي تہ ڪو ڪوري . . . هن جي بہ تقرير ٻڌي، حضرت عيسيٰ هن کي جواب ڏنو تہ، اي ڀائو! خدا تو تي رحمت ڪري مان تنهنجو ممنون آهيان، جو تو مون کي منهنجي عيبن جي خبر ڏني . . . .انهيءَ تي اهو بدمعاش ويتر حضرت عيسيٰ کي گاريون ڏيڻ لڳو، هو گاريون ڏئي، حضرت عيسيٰ کيس دعائون پيو ڪري. آخر هڪ ڪلاڪ جي بڪ شڪ بعد هو ڪڪ تي پاڻمرادو هليو ويو. هڪ حواري روح الله کي چوڻ لڳو تہ، حضرتا! هو ڪري پيو سختي ۽ جفا، اوهان وري هن کي ڪيو پيا دعا! هن کي سختيءَ جو جواب سختي سان ڏجي ها، ڪيس خلق خدا ۾ خراب ڪجي ها. . . حضرت چيو تہ، يار مان لاچار آهيان، جو ڪجهہ اندر ۾ هوندو، سو ئي ٻاهر ايندو. خدا تعاليٰ مون ۾ رحمت ڀري آهي، مان ڪنهن تي بہ سختي ڪري نٿو سگهان.

نيڪ کان نيڪي ۽ بد کان ٿئي بدي.

## بيت

چڱا ڪن چڱائيون برايون بُرن
جو وڙ جُڙي جن کي سو وڙ سيئي ڪن

# ڪوڙ ڪان توبہ ڪندڙ

رسول اللهﷺجن جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو تہ، نفس مون ڪي نهايت تنگ ڪيو آهي، ننهن ڪان چوٽيءَ تائين گناهن ۾ غرق آهيان. مون جهڙو ڪوبہ گناهگار ڪونہ آهي. منهنجي ڪا دستگيري ڪريو، ورنہ گناهن ۾ ئي منهنجي عمر ختم ٿي ويندي. حضرت جن پڇيس تہ تون ڪهڙا ڪهڙا گناهہ ڪيا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا تو ۾ عيب آهن. هن چيو تہ، (1) زنا (2) چوري (3) شراب خوري ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ. . . . حضرت جن چيس تہ، چڱو تون فقط ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏي، انشاءَ الله ٻيا گناهہ ازخود تو مان هليا ويندا. مستقل ارادي سان توبہ ڪر، هن چيو تہ يارسول الله! خدا جو قسم ڪٽي انجام ٿو ڪريان تہ، ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندس. جيڪڏهن منهنجي زبان مان ڪوڙ جو جملو نڪتو تہ بس زبان ڪي ڪاٽيندس.

رات جو هن شراب پيئڻ جو ارادو ڪيو، تہ اتي ويچار آيس تہ جيڪڏهن رسول ڪريمﷺ جن جيڪڏهن پڇن تہ شراب پي آيو آهين، تہ پوءِ ڪهڙو جواب ڏيندس ڪوڙ تہ نہ هڻندس جو اهڙو پڪو انجام ڪيو اٿم. . . . جي سچ چوندس، تہ شريعت موجب حد جاري ڪئي ويندي هڪ تہ بدنامي ٿيندي، ٻيو تہ عذاب ايندو. انهيءَ خيال ڪنديئي شراب وارا سڀ ٿانو ڀڃي ڀورا ڪري ڇڏيائين. وري زنا ڪرڻ جو ارادو ڪيائين، تہ ساڳيو ئي خيال آيس، چوري ڪرڻ جي ارادي وقت بہ ساڳيو ئي خيال مانع ٿيس. . . آخر ڪوڙ نہ هڻڻ جي خيال سان سڀ ٻيا عيب بہ ڇڏائجي ويس. . . . ان ڪان پوءِ هڪ ڏينهن حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ چيائين تہ سائين فقط ڪوڙ ڇڏڻ ڪري سيني گناهن ڪان آزاد ٿي ويس. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: الصدق ينجي والڪذب يهلڪ سچ بچائي ٿو مگر ڪوڙ هلاڪ ڪري ٿو.

## بيت

جڏهن ڳالهہ ڪهڙي بہ ڪنهن سان ڪجي
ڏٺيءَ جو رکي خوف سچ چئي ڏجي

# حضرت بلال رضہ

حضرت بلال ﷺ تعاليٰ عنہ سياد فام حبشي هو، مگر اسلام سندس سيرت کي نوراني بنائي ڇڏيو هو. حضرت جن جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪري چُڪي هئي. تنهن ڪري هر وقت سندس ڳڻ وينو ڳائيندو هو، انهيءَ تي سندس آقا يهودي ڏاڍو چڙندو هو ۽ خارون ڪائيندو هو، ڪيس سخت تڪليفون ڏيندو هو. جهڙوڪ گرم واري تي اگهاڙي بدن ليٽائڻ، ڪنڊن وارين چمڪن سان مارڻ وغيره وغيره. . . پاڻ سخيون سهندو رهندوهو. مگر احد احد چوڻ کان چُپ نہ ڪندو هو. هڪ ڏينهن حضرت ابوبڪر رضہ جن جو گذر ان طرف کان ٿيو، حضرت بلال رضہ وٽ ويا ۽ ڪيس چيائون تہ دوست! محبوب کي دل ۾ ياد ڪر جيئن تڪليف کان تہ ڇٽين. حضرت بلال رضہ مجيو تہ، اڳتي ضبط کان ڪم وٺندس، مگر عشق جو غلبہ ٿيس تڏهن موج ۽ مستيءَ ۾ اچي وري احد احد چوڻ لڳو. ڇي اظهار عشق حبيب کان، منهنجي زبان روڪجي نٿي سگهي، خواه ڀلي سختين ۾ مري ڇو نہ وڃان، ياالاهي مون جو، تنهنجي محبوب جي نالي ورد پڙهڻ شروع ڪيو آهي، اُهو جاري رکندس. . . .

جڏهن سندس ظالم مالڪ اِهي لفظ ٻڌا تڏهن وري متس سزائون شروع ڪيائين، صديق اڪبر کيس ملڻ آيو، ڏٺائين تہ هي عاشق حبيب خدا، ساڳي طرح عذاب ۾ گرفتار آهي، سندس دل ۾ تڙپ پيدا ٿي، فوراً بلال جي آقا وٽ ويو ۽ ان کي چيائين تہ هي ڪارو غلام تنهنجي ڪم جو نہ آهي، تون اِهو مون کي ڏي. . . .انهيءَ جي عيوض منهنجو هڪ يورو گورو غلام وٺي اچ، هن سنگدل چيو تہ ڪجهہ رپيا بہ ڏي. . . حضرت صديق اڪبر اُهو بہ قبول ڪيو. حضرت صديق اڪبر گهر ايندئي هڪ خوبصورت غلام ۽ نقد پيسا کڻي يهودي وٽ ويو ۽ حضرت بلال کي خريد ڪري پاڻ وٽ آندائين. . . .

جڏهن سودو ٿي چڪو، تڏهن يهودي ٺهڪ ڏيڻ لڳو، حضرت صديق اڪبر ڪائنس ٺهڪن ڏيڻ جو سبب پڇيو. ان تي هو وري ٺهڪ ڏيڻ لڳو تہ، تو جهڙو موڙهل خريدار بہ ڪو هُوندو؟ جو هڪ ڪاري ڪوجهي ٻانهي جي عيوض هڪ خوبصورت غلام بہ ڏئي ۽ اٿلو پيسا بہ ڏئي. توريت جو قسم اٿم تہ، جيڪڏهن تون ايتري تڪڙ نہ ڪرين ها تہ بلال توکي مفت ۾ ڏيان ها، پاڻ کي هن کان آزاد ڪيان ها.

پس جو ابش داد صديق اي غبي
گوهري دادي بجزي چون صبي
اوبنزد من همي ارزد دو کون
من بجا نش ناظراستم ني بلون

حضرت صديق رضہ چيو تہ توکي ڪهڙي خبر تہ منهنجي نظر ۾ هن روشن دل بلال جي قيمت ۽ قدر ڇا آهي! اڙي هي تہ دنيا ڀر جي دولت کان زياده قيمتي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جي دل ۾ سرور ڪائنات جي محبت جائگزين آهي، تون انڌو آهين، تو هن جي قدر نہ ڄاتو. جيڪڏهن تون ٿوري پڪائي ڪرين ها، تہ مان پنهنجو سارو مال متاع توکي ڏئي بلال کي خريد ڪريان ها، اي بدبخت شخص! تون پنهنجي بدنصيبيءَ تي ماتم ڪر.

حضرت صديق اڪبر رضہ حضرت بلال رضہ کي حضور جن جي خدمت ۾ وٺي آيو. حبيبِ خدا فرمايو ”خوش آمديد“ حضرت بلال پنهنجي محبوب جو آواز ٻڌي بيخوديءَ ڪان ڪري پيو، حضرت جن کيس آغوش رحمت ۾ ڪيو، ۽ ٻنهي جهانن جي نعمتن سان کيس مالا مال ڪيائين، حضور عليہ الصلوات جي محبت جي طفيل هڪ حبشي غلام اَحرارِ جهان جو سردار بڻجي ويو. جيڪو بہ رسول ڪريم جن سان محبت رکندو، سو دين و دنيا ۾ سرفراز و ممتاز رهندو.

## بيت

ڪري ادنيٰ کي اعليٰ ٿي محبت مير مرسل جي،
تڏهن اي دل سدائين رک تو الفت مير مرسل جي

# سڪل بنڊ جي رسول صہ سان محبت

حضورﷺ جن، هڪ سڪل ڪجيءَ جي وڻ کي ٽيڪ ڏيئي خطبو پڙهندا هئا. جڏهن ممبر ٺهي تيار ٿيو، تہ پاڻ ممبر تي تشريف فرما ٿي خطبو پڙهي رهيا هئا تہ، ڪجيءَ جي ٿُڙ مان روئڻ جو آواز آيو اهڙي ريت جهڙي طرح ڪو معصوم ٻار بيخوديءَ کان وات ڦاڙي روئندو آهي. سموري مجلس تي حيرت ڇائنجي وئي تہ، اِهو رئڻ جو آواز ڪٿان ٿو اچي. نيٺ معلوم ٿيو تہ، اِهو آواز انهي سُڪل ڪجيءَ جي ٿڙ مان ٿو اچي، حضور جن ممبر تان اٿي ان ٿڙ وٽ آيا ۽ کيس چيائون تہ، روئين ڇو ٿو، ڇاهين ڇا ٿو؟ هن عرض ڪيو تہ حضور اوهان مونسان ٽيڪ ڏئي بيهندا هئا. هاڻي داغ فرقت ڏئي ممبر تي ويهو ٿا، مان دستِ جدائي کان زار زار روئي رهيو آهيان. آتشِ هجر کان جلي ڪباب ٿي پيو آهيان. حضرت جن دلداري ڏنس تہ اي درخت! تون وڏو خوش قسمت آهين، جيڪڏهن تون چاهين تہ وري توکي سرسبر ڪجي. . . .جيڪا تنهنجي مرضي هجي. . . . .جي چاهين تہ ٻئي جهان ۾ توکي خدا سرسبز بنائي ڇڏي جو تون اتي هميشہ سرسبز رهين. بنڊ عرض ڪيو تہ، مون کي بقا دوامي جي ضرورت آهي، حضرت جن هن کي زمين اندر دفن ڪرايو، هو بہ قيامت جي ڏينهن آدمين جي درجي ۾ ايندو. . . . رسول مقبول جي جن محبت ۾ بقائي دوام آهي، اي غافل! تون انهي بنڊ کان تہ ڪم نہ ٿيءُ!

## شعر

نبيءَ جي محبّت ۾ وڪ کي وڌاءِ
قدم ڪين هرگز تون پنتي هٽاءِ

# حضرت انس ﷛ عنہ جو دستر خوان

حضرت انس رضہ هڪ ڏينهن دعوت ڪئي، ڪاڌي ڪائڻ بعد، ميزبان (حضرت انس) ڏٺو تہ دستر خوان وارو ڪپڙو ڪجهہ ميرو آهي ۽ مٿس زردي لڳل آهي، حضرت انس پنهنجي ٻانهي کي گهرائي چيو تہ هن رومال کي تتل تنور ۾ اڇلائي وجهہ، خادم يڪدم انهيءَ کي تنور ۾ اُڇلائي وڌو. سڀ مهمان حيرت ۾ پئجي ويا تہ، اِجهو ٿو ڪپڙو سڙي ۽ دونهون اُٿي، پر هنن جي حيرت جي حد نہ رهي، جو ڏٺائون تہ ٻانهي تنور مان جيئن اُهو رومال ڪڍيو، تيئن امانت يا سلامت هو، ميراڻ بہ لهي وئي هيس ۽ اڇو اُجرو ٿي پيو، مهمانن ميزبان کان پڇيو تہ "هي ڇا" ڇو باهہ ۾ هي رومال نہ سڙيو:

گفت زانکہ مصطفٰ دست و دهان

بس بماليد اندرين دستر خوان

حضرت انس چيوتہ، هن رومال سان حضرت جن پنهنجو منهن ۽ هٿ اگهيا ها، تنهن ڪري هن کي باهہ نہ جلائيندي.

اي دل ترسنده از نار و غذاب

باچنان دوست نبي کن اقتراب

چون جمادي راچنين تشريف داد

جان عاشق راچها خواهد کشاد

اي دل جي تون آتش دوزخ کان ڊڄين ٿي تہ رسول ڪريم جو قرب حاصل ڪر، جڏهن بي جان شيءَ کي باهہ کان بچائي سگهن ٿا، تڏهن پنهنجي عاشق ۽ حبدار کي ڪيئن تڪليف ۾ وجهندا.

ان کان پوءِ مهمانن ٻانهي کان پڇيو تہ تون بنا سوچڻ سمجهڻ جي دسترخوان وارو رومال باهہ ڇو وڌو، هن چيو تہ آءٌ ٻانهي حڪم جي بندي آهيان. هي تہ ڪپڙو هو، مگر جي منهنجو آقا مون کي چوي ها تہ تون پاڻ کي باهہ ۾ اُڇلائي وجهہ تہ بہ دير نہ ڪريان ها. . . هن حڪايت بيان ڪندي مولانا چوي ٿو:

اي بردار خود برين اکسير زن

کم نہ باد صدق مرد از صدق زن

اي ڀاءُ تون صدق ۾ انهيءَ عورت کان تہ گهٽ نہ ٿيءُ خدا جي بندن جي دامن پڪڙ، تہ مِسُ (ٽامي) مان سون بڻجي پوين.

## شعر

خدا وارن سان الفت رک تہ تون بڻجين خدا وارو،

لڳي ٿو لوهہ پارس کي تہ بڻجي سون سو سارو

# رسول ڪريم ﷺ جن وٽ ڪافر مهمان

حضرت رسول مقبولﷺ جن شام جو مديني منّور جي مسجد ۾ ويٺا هئا اصحاب سڀُورا اردگرد موجود هئا. تہ چند ڪافر اُتي آيا ۽ اچي چيائون تہ اسان مسافر آهيون، اسان جي طعام و قيام جو انتظام ڪندا. اي محمد(ﷺ) اسان بکُيو آهي، تون وڏو مهمان نواز آهين. سيني بادشاهن ۽ بندن جو دستگير آهين. حضور جن اصحاب ڪرام کي فرمايو تہ اچو تہ هڪ هڪ مهمان ڪري ورهايون. چنانچہ سڀ ڪو پنهنجو پنهنجو مهمان وٺي پنهنجي پنهنجي گهر ويو. حضور جن لاءِ جيڪو مهمان بچيو سو ڏاڍو بد مزاج ۽ شوخرو هو، حضور جن کيس وٺي گهر ويا. حضور جن وٽ ست سوائون ٻڪريون هُيون، جن سڀني جو کير بہ هي همراهہ پي ويو. گهر ۾ جيڪو بہ کاڌو تيار ڪيو ويو هو، سو سڀ کائي چٽ ڪري ڇڏيائين، حضور جن، کيس سمهڻ لاءِ عليحده حجرو ڏنو، ٻانهي کي هن جي شرارت تي سخت ڪاوڙ هئي. سا ٻاهران دروازه بند ڪري هلي وئي هئي. اڌ رات جو هن کي پيٽ ۾ سور پيو ۽ دستڪ هڻڻ لڳو، هن جاءِ بسترو ۽ ڪپڙا لٿا ڪِن ڪري ڇڏيا هئا. حضرت جن صبوح جو اچي دروازو کوليو، بدبو سخت هُئي. هن کي اهڙي حال ۾ ڏسي پاڻ جاٽي واٽي ٿورو پاسيرو ٿي بيٺا، جيئن هو شرمندو نہ ٿئي. هو آهستہ آهستہ ٻاهر نڪري يڃي هليو ويو. ٻانهي ڪافر جا نجس ڪيل ڪپڙا کڻي حضور جن جي روبرو آئي، ۽ چوڻ لڳي تہ حضور ڏسو هن بد ڪرتوت جا ڪڌا ڪرتوت، پاڻ مرڪيا ۽ چيائون تہ فڪر ناهي، اورتي ڪر، آءٌ انهن ڪپڙن کي بذات خود صفا ڪريان ٿو. اصحاب چوڻ لڳا، حضور، اسان جون جانيون توهان تان قربان، اهي خراب ڪپڙا اسان ڌوئنداسين. . . .حضور جن چيو تہ اهي ڪپڙا آءٌ ڌوئان ٿو انهيءَ ۾ بہ حڪمت آهي، جا ظاهر ٿيندي. . . هو شرير آدمي، پنهنجي ڪا شيءِ حجري ۾ وساري ويو هو، تنهن ڪري انهيءَ لالچ ۾ شرم وحيا کي وساري واپس موٽي آيو. اچي ڏسي تہ مار! ڪون و مڪان جو سائين پنهنجي دست مبارڪ سان، سندس گندگي وينو ڌوئي ۽ ڪپڙا صاف ڪري، اها روداد ڏسي هن جي دل ۾ وڏو اثر ٿيو ۽ بي اختيار چيخ و پڪار ڪرڻ لڳو. . . .حضور جن اُتي کيس تسلي ڏني ۽ فرمايائونس تہ فڪر نہ ڪر. . . . هو ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ بار بار معافي گهرندو رهيو ۽ جوش ۾ اچي چوڻ لڳو تہ، اسلام سچو آهي، برحق تون الله جو سچو نبي آهين. لااله الاالله محمد رسول الله چئي مشرف باسلام ٿيو. رات جو هن جي اڳيان کاڌو آندو ويو، تہ هن تمام ٿوري انداز ۾ کاڌو ۽ چوڻ لڳو تہ ڪفر جي حالت ۾ منهنجو پيٽ ئي نہ پريو هو، مگر اڄ تہ منهنجو شڪم اسلام جي نور سان پرپور ٿي ويو آهي گهڻو کاڌو نٿو کائي سگهان.

حضور ڪريم جن، ابرڪرم ۽ بحر رحمت هئا. دشمن سان بہ ڀلايون ڪندا هئا انهيءَ ڪري تہ سڄي دنيا سندن تابع فرمان ٿي.

**بيت**

ڪري چڱن سان چڱائيون، ائين هرڪوهوءِ
رسول جيان ڪري نہ ڪوءِ، ٻڇڙن ساڻ ڀلائيون.

# حضرت عمر ﷺ تعالیٰ عنہ ۽ ايلچي

حضرت عمر فاروق اعظم ﷺ عنہ جنهن وقت خلافت جي مسند تي جلوه افروز هئا. ان وقت جي قيصر جو هڪ ايلچي وٽن آيو. هو پهريائين تہ ساري شهر ۾ گهمندو رهيو تہ خليفتہ المسلمين جو ديدار ڪريان. هو محلات جانچڻ لڳو، مگر مديني منور ۾ ڪيس ڪو بہ محل يا اوچي عمارت نظر نہ آئي. نڪو ڪو ڪوٽ يا قلعو نظر آيس، آخر ماڻهن کان پڇيائين، جن چيس تہ خدائي حفيظ جو حفظ، عمر رضہ لاءِ حصن حصين يعني مضبوط قلعو آهي. هن شير لاءِ ڪنهن بہ محل جي ضرورت نہ آهي. عمر رضہ جيتوڻيڪ امير المومنين آهي، مگر هن ۽ عام ماڻهن جي گهر ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. اِهو ٻڌي قاصد جو شوقِ ملاقات پاڻ وڌيو تعجب لڳس تہ ههڙو جليل القدر خليفو، اهڙي طرح گمنامي جي نموني شهر ۾ رهي ٿو! جهڙي طرح جسم ۾ جان! آخر هڪ پوڙهي چيس تہ، عمر رضہ مخفي نہ آهي، مگر عيان آهي. هو ڏسو ڪجيءَ جي وڻ هيٺان وينو آهي. قاصد اڳتي وڌيو، مگر جيئن ئي حضرت جي مبارڪ چهري تي نظر پيس تيئن ٿڙڪڻي وني ويس، دل تي رعب فاروقي غالب پيس. لبن تي مهر خاموشي لڳي ويس. هاڻي جهڙو جوان، ڪنبڻ لڳو، ۽ حيران رهيو تہ هي ڇا؟ مون قيصر و ڪسریٰ جون عاليشان درٻايون ڏٺيون آهن، ڪيترن لڙاين ۾ شجاعت سان لڙايون لڙيو آهيان ، شيرن کي زير وزبر ڪري ڇڪو آهيان. ڪڏهن منهنجي چهري جو رنگ نہ بدليو آهي، ڪڏهن ڪا دل ۾ ڏڙڪ نہ آئي اٿم، بيشڪ هن شخص ۾ خدائي رعب آهي، گودڙيءَ ۾ سر الاهي نهان آهي.

هيبت حق است اين از خلق نيست
هيبت اين مرد صاحب دلق نيست

حضرت عمر رضہ خواب استراحت ۾ هو، هي قاصد بيٺو رهيو، ٿوري دير وقت بعد فاروق اعظم بيدار ٿيو، ايلچي السلام عليک چيو، حضرت عمر واعليک السلام چئي کيس چيو تہ، ويجها اچو، خوف و هراس نہ ڪيو. هو ويجهو ٿيو، خدا ترسي جو ٻج سندس دل ۾ ڇٽجي ڇڪو، حضرت عمر رضہ پنهنجي فيض سان کيس فيضياب ڪيو.

بعد ازان گفتش سخنهائي دقيق
درصفات پاک حق نعم الرفيق

خدا وارن کان هر ڪوئي ڊڄي ٿو،
پري شيطان خود تن کان ڀڄي ٿو.

# نظر جو دوکو

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جي عهد خلافت ۾، ماهِ صيام جي عيد يعني عيدلفطر جي چنڊ ڏسڻ لاءِ پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو هڪ هنڌ ڪٺا ٿي، چنڊ ڏسڻ لڳا. ڪجهہ جوان مٿي جبل تي چڙهي ويا تہ اُتي سولائي سان چنڊ ڏسن. انهن مان هڪ جوان چيو تہ مون چنڊ ڏٺو آهي، فاروق اعظم چيو تہ مون کي بہ ڏيکار. . . مگر ڪين چنڊ ڏسڻ ۾ نہ آيو، ٻين کي غور سان ڏسڻ لاءِ چيائون، مگر هلال عيد ڪنهن کي ڏسڻ ۾ نہ آيو، حضرت عمر رضہ فوراً سمجهي ويو تہ هن جوان کي چنڊ ڏسڻ ۾ ڌوکو آيو آهي، پاڻ ان کي چيائون، تہ هٿ پاڻيءَ سان تر ڪري، پنهنجي منهن کي صاف ڪر، چاڪاڻ تہ تنهنجي ابرن جو هڪ وار ڏنگو ٿي، تنهنجي اک چنڊ ٻڻجي ڏيکاري رهيو آهي، جيڪڏهن منهن ڌوتو ۽ ابرو جو ڏنگو وار درست ٿي ويو، تڏهن هونءَ جو بار بار چنڊ پئي ڏنائين سو غائب ٿي ويس.

چون يکي مو کش شد از ابروئي او
شکل ماهِ نو نمود آن موئي او
موئي کر چون پرده گردون شود
چون همہ اجزات کرد شد چون يود

ڏسو تہ جڏهن پرون جو هڪ وار، ڏنگو ٻڻجي زمين ۽ آسمان درميان پردو ٻڻجي ويو، تڏهن خيال ڪريو تہ جنهن جي هر شيءَ ڏنگي هجي اهو حق و باطل ۾ کهڙي تميز ڪري سگهندو. جن جي ڏنگن سان دوستي هوندي انهيءَ جي عقل ۾ ڏنگائي کان سواءِ ڇا هوندو؟

# ڳويي تي الله جو لطف

حضرت عمر رضہ جي عهد خلافت ۾ هڪ ڳوِيو هو. جو ڳائڻ وڄائڻ ۾ ڏاڍو قابل هو. ظاهر ۾ رند ۽ باطن ۾ نيڪ هو. جوانيءَ ۾ سندس سريلي ۽ رس ڀرئي ڳائڻ جي هر هنڌ هاڪ هئي. جيڪو سندس سر ٻڌندو هو بند تي بيهي رهندو هو. هن جي خوش آوازي، مردن ۾ جان وجهندي هئي. هاڻي هو ستر ورهين جو ٻڍو ٿي چڪو هو. ڏند ڀڄي پري ويا هئس. ڳلو گهگهو ٿي چڪو هوس، نہ اڳين خوش آوازي رهي هيس نہ نواسازي جيڪي ماڻهو هن جي راڳ تي شيدائي هئا. سي ڪيس ڇڏي ويا هئا. هو هاڻي ماني لاءِ بہ محتاج هو. دنيا وارن جي بيوفائي کان هن جي دل جو نازڪ شيشو ٽٽي چڪو هو. آخر هو خدا جي طرف رجوع ٿيو، اصحابہ جي مدفن جنت البقيع ۾ وڃي نهايت تضرع ۽ خشوع و خضوع سان گناهن جي معافي گهرڻ لڳو.

گفت عمر و مهلتم دادي سي
لطفها کردي خدايا با خسي
معصيت ورزيده ام هفتاد سال
باز نگرفتي زِمن روزي نِوال
نيست کسب ام روز مهمانِ توام
چنگ بهر تو زنم کان توام
چنگ را برداشت شہ الله جُو
سوئي گورستان يثرب آهہ جُو

چوڻ لڳو، خدايا تنهنجي بندي نوازي تان قربان وڃان، مان خطا ڪار آهيان، تون خطا پوش آهين، مان گناهہ ڪندو رهيس، تون رزق ڏيندو رهئين، مان ڪهڙا ڪهڙا تنهنجا احسان ڳايان منهنجي زبان کي طاقت نہ آهي، جو تنهنجو شڪر ادا ڪريان. . . .مطلب تہ دعا گهرندي گهرندي اُتي سمهي پيو.

ان وقت حضرت عمر رضہ بہ خوابِ استراحت ۾ هو، عالم رويا ۾ ڪيس الهام ٿيو، بقيع ۾ هڪ مرد خدا ستو پيو اٿئي. اي عمر ست سو دينار ڪڻي وڃي ان کي ڏي، هر طرح ان جي دلجوئي ڪر. . . . حضرت عمر قبرستان ۾ پهتو هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. ڪيس پوڙهي، ڳائيندڙ کا سواءِ ٻيو ڪوبہ نظر نہ آيو. حضرت عمر رضہ حيرت ۾ پئجي ويو تہ چا هي ڳائڻو ۽ چا رب جو ڪرم. . . .

ڳائيندڙ ستو پيو هو، حضرت عمر رضہ سندس پرسان با ادب سندس انتظار ۾ ويٺو رهيو، ڪيس اوچتو نڇ آئي، جنهن تي پوڙهو بيدار ٿيو. فاروق اعظم کي ويٺل ڏسي، هراسجي ويو ۽ ڏڪڻ لڳو. فاروق اعظم چيس تہ، ياءُ خوف نہ ڪر، مان توکي خوشخبري ڏيڻ آيو آهيان. الله جو توتي لک رحمتون آهن ۽ انهي ذولجلال هي مال تنهنجي لاءِ موڪليو آهي، جو هٿ ڪر.

نک قراضہ چند ابريشم ها
خرچ کن اين راد بار اين

هيءَ بشارت ٻڌي پوڙهي مطرب تي رقت طاري ٿي وئي، بي خوديءَ ۾ چوڻ لڳو ته منهنجا بيشمار گناهه ۽ تنهنجي بخشش ڏسي نهايت شرمسار آهيان.

چون بسي بگريست از حد رفت درد
چنگ را زد برزمين و خرد کرد

هو زار زار روئڻ لڳو ۽ سارنگيءَ کي زمين تي هڻي ٽڪر ٽڪري ڪري ڇڏيائين. . . . هن جو گريه زاري ڏسي حضرت عمر رضه کيس چوڻ لڳو ته، تنهنجي هيءَ آهه و زاري قبوليت جو باعث آهي. بس پوءِ پاڻ مٿس توجه ڪيائون ته، هنکي ڪمال استغراق حاصل ٿيو ۽ انهي بيخوديءَ جي حالت ۾ جان، جان آفرين جي حوالي ڪري واصل بحق ٿيو. انسان کي عبادت تي نازان ٿيڻ نه گهرجي الله کي عجز و نياز پسند آهي.

## بيت

نوڙت مان نهال، البت ٿيندين آدمي

# سکڻي توڪل رکندڙن کي حضرت عمر رضہ جي تنبيهہ

يمن جا ڪي ماڻهو، مديني منور ۾ حضرت عمر رضہ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ ڪانئن پڇيائون تہ توهان جو ڪهڙو ڌندو آهي؟ هنن چيو تہ، ڪم ڪونہ ڪيون، الله تي توڪل اٿئون، اُهو رازق رزق پيو رسائي. حضرت عمر رضہ جواب ڏنو تہ ايئن نٿا چئو تہ "مفت خور آهيون ڪمائن ٻيا ۽ ڪائون اسان" افسوس! جو اهڙا نڪما ۽ بيڪار ماڻهو پاڻ کي متوڪل سڏائين ٿا. توهان ڪنهن بہ تعريف جي لائق نہ آهيو. توهان کي توڪل هڪ ڳوناڻي ويچاري هاري کان سکڻ گهرجي. جو هر ڪاهي ٿو، ٻج ڇٽي ٿو، پوک کي پاڻي ڏئي ٿو، ايتري محنت ۽ مشقت بعد الله تي توڪل رکي ٿو. الله تعالیٰ بہ هن جي محنت ۽ مشقت ڏسي، ڪٽي مان ڪيچ ڪري ٿو. انهيءَ سوداگر کان توڪل سکو جو، لکن جو سامان خريد ڪري، جهازن ۾ ٻيڙين ۾ وجهي اٿاهہ ۽ اجهاڳ سمنڊ ۾ الله جي آسري گهڙي پوي ٿو ۽ هِت هُت واپار ڪري نفعو حاصل ڪري ٿو. ڇا اوهان کي معلوم نہ آهي تہ، رسول مقبولﷺجن جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو، پاڻ ڪانئس پڇيائون تہ، "سواري جو وهٽ ڪٿي اٿئي" هن چيو تہ خدا جي توڪل تي ٻاهر اٿ کي بيهاري آيو آهيان حضرت جن چيس تہ، اٺ جو گوڏو ٻڌو اٿئي هن چيو تہ نہ. حضور جن چيس تہ، "برتوڪلي زانوءِ اشتربند" مسلمانن تي واجب آهي تہ محنت مشقت ضرور ڪن ۽ نتيجي لاءِ توڪل الله تي رکن چاڪاڻ تہ:

## بيت

رنج گنج ڪين آ جو وهندو سو لهندو
سکيو سو رهندو، محنت ڪندو مرد جو.

# حضرت عثمان رضہ رسول جي منبر تي

حضرت عمر فاروق اعظم رضہ جي شهادت پرسعادت بعد حضرت عثمان رضہ خليفتہ المسلمين منتخب ٿيو. حضرت مقبول جن جي ممبر تي خطبہ ڏيڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ پاڻ ٽئين ڏاڪي تي رونق افروز ٿيا. هڪ شخص عرض ڪيو تہ حضرتا هي ڇا؟ حضرت صديق اڪبر جو بعد از نبي افضل البشر آهي ان ٻئي ڏاڪي تي مقام ڪيو حضرت فاروق اعظم ان ڪان هيٺ پهرئين ڏاڪي تي قيام ڪيو هو ۽ اوهان ان ڪان مٿي ٽئين ڏاڪي تي قدم رکيو آهي ڇا اوهان انهن ٻنهي ڪان بالا ۽ برتر آهيو؟ حضرت عثمان رضي چيوتہ جو وهم اوهان کي آيو آهي ائين نہ آهي مون کي دل ۾ وهم آيو تہ آءٌ جيڪڏهن پهرئين ڏاڪي تي قيام ڪندس تہ متان ماڻهو مون کي فاروق اعظم جو ثاني ڄاڻن. . . جي ٻئي ڏاڪي تي قدم رکندس تہ ماڻهو مون کي حضرت ابوبڪر رضہ جو مَٽُ ڄاڻندا حالانڪ مان انهن کان هر حالت ۾ گهٽ آهيان آءٌ ڪو انهن جو مَٽُ آهيان!! تنهن ڪري مان انهيءَ جاءِ تي وڃي ويٺس جتي حضرت رسول مقبول جن قيام ڪندا هئا. ائين ڪرڻ جو مطلب اهو هو تہ انهيءَ جاءَ تي ويهڻ سان ڪنهن کي وهم و گمان بہ نہ ايندو تہ آءٌ رسول مقبول جو ثاني آهيان.

هست اين بالا مقام مصطفىٰ
وهم مثلي نيست با آن شہ مرا.

پاڻ ٽيهري تائين ممبر تي خاموش ويٺا رهيا ڪنهن کي مجال نہ ٿي چوي تہ اسان مسجد مان يلا هليا ٿا وڃون. . . خاص و عام تي هيبت طاري هئي. الله جي نور سان در و ديوار صحن پُرنور هو. اکين وارا انهيءَ نور جو مشاهدو ماڻي رهيا هئا. انڌن بہ محسوس ڪيو تہ روشن آفتاب چمڪي رهيو آهي. هن آفتاب ايزديءَ جو نور اکين کي کولڻ وارو هو انڌا بہ خوشيءَ مان ٻولي رهيا هئا. تہ اسان اڄ ويٺا تي چڪا آهيون حضرت عثمان ذالنورين ثابت ڪري ڏيکاريو. عمل واري نصيحت ڪرڻ زباني نصيحت کان صد بار بهتر آهي.

چُپِ سين جي چون ادب ڪجي ان جو.

# حضرت علي رضہ سان مشرڪ جي گفتگو

حضرت علي ڪرم الله وجهہ وٽ هڪ مشرڪ آيو جو چوڻ لڳو تہ توهان چوندا آهيو تہ خدا حافظ و ناصر آهي، زندگي ۽ موت ان جي اختيار ۾ آهي. جي اوهان جو اهو قول سچو آهي تہ اچو ان جو امتحان وٺو. . . .توهان ڪنهن مٿاهين جڳهہ تي چڙهي. اُتان پاڻ کي اڇلايو ۽ ”يا حافظ و ناصر“ چوندا هيٺ پاڻ کي ڪيرايو، ڏسون تہ، ”اهو حافظ و ناصر اوهان کي مرڻ کان بچائي ٿو. . . .

حضرت علي رضہ ان کي چيو تہ، تنهنجو اهو سوال ڪهڙو احمقانہ آهي، ڇا تنهنجو مطلب آهي، تہ آءٌ بي ادب ۽ گستاخ بڻجي خدا جو امتحان وٺان. خدا جو قسم! مان ڪڏهن بہ اهڙو احمقانہ خيال نہ ڪندس هيءُ اختيار آقا جو آهي، تہ هو پنهنجي بندي جي وفا جو امتحان وٺي. عليءَ کي هيءُ حق نہ آهي تہ مولىٰ کي امتحان ۾ وجهي، جو بندو گندو اهڙي طرح ڪندو خلق خدا ان کي پاڳل چوندي.

رسد مر بنده را کو باخدا

آزمائش پيش آ روز ابتلا

ڪنهن بہ بندي کي واجب ناهي، جو الله سان حجت هلائي مگر چوي تہ.

جيهي مان تيهي، بانهي ٻاروچن جي،

هو جا پائن پير ۾ تنهن جتيءَ ناجيهي،

حجت هوت پنهل سان مون ڪميڻيءَ ڪيهي.

# بي ادب تي حضرت علي رضہ جي مهرباني

حضرت علي مرتضيٰ، شير خدا جو هڪ ڪافر سان ٽيو مقابلو، دشمن ٻيو نہ ڏسي بلو، تڏهن وٺي پڳو، مگر ڪيس حضرت علي رضہ جو ڏڪ اهڙو لڳو، جو هو ڪري پيو، حضرت علي سندس سيني تي چڙهي، ترار سان وڍڻ تي هو نڙي، تہ هن پليت ڏانهس ٿڪ اُڇلائي، جا سندن منهن مبارڪ تي لڳي. . . . پاڻ فوراً ان جي سيني تان اٿي ڪڙ ٿيا ۽ دشمن کي ڇڏي پري بيهي رهيا. اها حالت ڏسي ان کي ڏاڍو عجب لڳو، اُهو اٿي ڪين پڳو، پر عجب جي حالت ۾ حضرت شير خدا کي چيائين تہ، اي سائين! ڪهڙي سبب جي ڪري تون مون کي جئيدان ڏنو، مان اهڙو ڪم ڪيو هو ڪنو، جو نہ رڳو سر ڏڙ ڪان ڏار ڪيو ها مگر منهنجو عضوو عضوي ڪان ڪپي ٽڪر چار ڪيو ها، پاڻ ڪلندي هن کي ورندي ڏنائون.

گفت من تيغ از پئي حق مي زنم

بنده خفتم نہ مامور تنم

شير حقم، نيستم شيرِ هوا

فعل من بردين من باشد گوا

چون درآمد علتي اندر غزا

تيغ را ديدم نهان کردن سزا

آءٌ توسان حق جي طرفان لڙي رهيو هوس، توسان خدا جي راهہ ۾ وڙهي رهيو هوس. توسان منهنجي ڪا ذاتي عداوت نہ هئي، مگر تو شرارت ڪري، منهنجي نفس کي انتقام وٺڻ تي آماده ڪيو، مگر مان خدا جي توفيق سان سمجهي ويس ۽ تنهنجي سيني تان اُٿي ڪڙو ٿيس، جيڪڏهن آءٌ توکي ماريان ها تہ خدا کي ڪهڙي طرح منهن ڏيکاريان ها، مان خدا جو شير آهيان، نفس جي چوڻ تي ڪٽندو نہ پير آهيان.

هي خلوص دل ڏسي، هو مشرڪ يڪدم مسلمان ٿيو، نہ رڳو پاڻ مگر انهيءَ اثر کان سندس ساري قوم مشرف باسلام ٿي، اجر انهيءَ ڪم کان ملندو جو الله ڪارڻ ڪيو وڃي.

## شعر

خدا ڪارڻ ٻين جا ڪم ڪرڻ سک

خدا جي راهہ ۾ اڳتي رهڻ سک

# جنس ڏانهن لاڙو

حضرت علي رضہ جن وينا هئا تہ، هڪ عورت ڊڪندي سهڪندي آئي، اُها مائي، چوڻ لڳي، ”يا حضرت! هڪ مشڪل پيش آئي آهي، اوهان، ان کي دفعي ڪريو، اسان جا پلائي جو پير پريو، پاڻ چيائون تہ، ”ڪهڙو معاملو آهي.“ عورت چيو تہ ”آءٌ ڪوٺي تي وينِي هيس تہ ڏٺم تہ منهنجو سال ڏيڍ جو نينگر هڪ ناليءَ تي رکيل ڪانيءَ تي گوڏا ڪوڙي ويهي رهيو آهي، مون هن کي گهڻين ئي شين ۽ کير جي لالچ ڏني آهي مگر هو اصل اُتان نٿو چري، مون کي ڏاڍو ڊپ ٿي پيو آهي، تہ مبادا معصوم ناليءَ ۾ ڪري ۽ ٻڏي مري، خدا جي واسطي ڪا تدبير ڪريو. حضرت علي رضہ جن فرمايو تہ مائي وڃ، تون پنهنجي پٽ جيڏو ٻار ڪوٺي تي پٽ جي سامهون ويهار، جڏهن تنهنجو ٻار پنهنجي هم سن ٻار کي ڏسندو، تڏهن هم جنسي جي ڪشش سبب يڪدم هليو ايندو. . . عورت سندس فرمان موجب هڪ ٻار وٺي ڪوٺي تي ويهاريو، جيئن سندس ٻار ان ڏي نهاريو، تيئن هڪدم هليو آيو.

هم جنسيءَ جي وڏي ڪشش آهي، الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت ڪاملہ سان انسانن مان ئي نبي ڪري موڪليا، ڪو فرشتن يا جنن ما نبي ڪو نہ ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ ان صورت ۾ انسانن جي انهن ڏي ڪشش نہ ٿي ها.

# نقاش ۽ ماڪوڙيون

هڪ مصور هڪ تختي تي، نقش ڪڍي رهيو هو، سندس پرسان ماڪوڙا به گهمي ڦري رهيا هئا. هڪ چيو ته "پائرو، هن مصور جي قلم، آهي ماني رقم، ڏسو ته تختي تي، گل و نرگس، سوس ۽ سمن کهڙيءَ خوبيءَ سان نظر اچي رهيا آهن، بهزاد جي مصوريءَ کي به هن جو قلم شهه ڏيو بيٺو آهي." ٻئي چيو ته، "تو غلط سمجهيو آهي، هيءُ گلڪاري سڀ هٿ جي آهي، قلم ويچارو مجبور آهي. جنهن طرف هٿ کي هلائي ٿو، قلم به ان طرف رخ مٽائي ٿو اچي، هٿ ته ان جو هڪ عضوو آهي، هي سڀ ڪجهه مصور ڪري رهيو آهي." چوٿين چيو ته، "نه نه هي سڀ عقل جو ڪم آهي." آخر پنجون ماڪوڙو جو سيني ۾ وڏو هو، اهو چوڻ لڳو ته، "پائرو توهان مان ڪوبه حقيقت کي سمجهي نه سگهيو آهي، فاعل حقيقي ته خدا تعالىٰ آهي. جنهن انسان کي پيدا ڪيو انهيءَ ساهه ڏنو ۽ عقل ڏنو بس جيڪي ڪي ڏسي رهيا آهيو، سو سڀ ان جي قدرت جو ڪرشمو آهي.

جبر ۽ قدر جي مسئلي کي ڄاڻڻ لاءِ الله، جان، آدمي، هٿ ۽ قلم کي هيئن ڪري ڄاڻو:

الله، قادر مطلق
جان، محتاج قدير
آدمي، جبر و اختيار جي وچ ۾
هٿ محڪوم آدمي
قلم، محڪوم دست!

# جبر و قدر جو مسئلو

حضرت علي رضہ وٽ هڪ شخص آيو، جو جبر و قدر جي مسئلي ۾ منجهيل هو ۽ هن ڳالهہ جو قائل هو تہ، ”انسان مختار ڪل“ آهي. جيئن وڏيس تيئن ڪري ٿو. . . حضرت علي چيس تہ هڪ گهڙي سڌو ٿي بيهہ، هو سڌو ٿيو تہ حضرت جن چيس تہ گهڙي ساعت لاءِ هڪ پير مٿي ڪري هڪ ٽنگ تي ٿي بيهہ، هو حڪم موجب هڪ ٽنگ تي ٿي بيٺو، وري حضرت علي فرمايس تہ هاڻي، ٻيو پير بہ مٿي ڪر پر، خبردار! اي بااختيار انسان! ڏسين متان ڪري پوين، هو چوڻ لڳو تہ سائين، مان مجبور آهيان، مون ۾ ايتري طاقت نہ آهي، حضرت علي رضہ فرمايس تہ وڃ وڃي آرام ڪر، جبر و قدر جو مسئلو حل ٿي ويو.

ها سمجهہ انسان با مقدور آهہ
پر وري هئين بي سمجهہ مجبور آهہ

اهو ٻڌي هو منجهيل ڳالهہ جو ور سمجهي ويو ۽ حضرت جن جو بار بار شڪر گذار ٿيڻ لڳو، سچ آهي تہ،

واڳ ڏڻيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي.

# شيطان جو حسد

هڪ ڏهاڙي، صبح جي ماني ڪائڻ کان پوءِ منجهند ڌاري امير معاويہ رضہ پنهنجي محل ۾ آرام ڪري رهيو هيو. نماز ٻپهريءَ جو وقت اچي ويو، ڪين هڪ شخص اچي بيدار ڪيو ۽ چيو تہ نمازجو وقت ٿي ويو آهي، هلي مسجد ۾ جماعت سان گڏ نماز ادا ڪريو. پاڻ ان شخص ڪي ڏسي عجب ۾ پيا تہ هي ڪير آهي، جو پهريدار ۽ دربانن کان لڪي لڪي هت پهتو آهي ۽ منهنجي بند ڪمري ۾ داخل ٿي ويو آهي. پاڻ هڪدم ڪيس جهلي، پڇيائون تہ "ڪير آهين؟" هن چيو تہ آءٌ شيطان آهيان." امير معاويہ چيس تہ چا نند مان تو مون کي سجاڳ ڪيو آهي؟ هن چيو تہ ها، چاڪاڻ تہ توهان نماز باجماعت پڙهي ثواب حاصل ڪريو. امير معاويہ چيس تہ تنهنجو نماز سان چا وجي؟ هن جواب ڏنو تہ چا اوهان کي معلوم نہ آهي تہ، آءٌ فرشتن سان هزارها سال عبادت ۾ مشغول هوس، نيڪي جو اثر اجا دل ۾ آهي. امير معاويہ چيس تہ، تون ڪوڑ چو ٿو ڳالهائين، ڏاڏي آدم سان تہ تو نيڪي ڪانہ ڪئي تو مون سان ڪيئن نيڪي ڪرڻ جو خيال ڪيو. تون انساني نسل جو دشمن آهين، سچ سچ ٻڌاءِ تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي، تون اچ مون وٽ سوگهو آهين. مون کان آزاد ٿي نہ سگهندين. شيطان گهڻائي حيلا بهانا ڪيا، مگر امير معاويہ کي قائل ڪري نہ سگهيو، آخر هن کي سچي ڳالهہ ڪرڻ پئي چوڻ لڳو تہ، اي مسلمانن جا امام! مون اوهان کي انهي ڪري جاڳايو، تہ جيڪڏهن اوهان کان نماز جو وقت ويندو تہ توهان ايتري قدر افسوس ۽ گريہ و زاري ڪندا جو نماز جو ثواب ملي ويندو. جيڪو عبادت جو شوقين آهي، جيڪڏهن ان جو ڪو وقت ضايع ٿئي ٿو ۽ هو افسوس ڪري ٿو تہ ان کي ايترو ثواب ملي ٿو، جو سندس فوت ٿيل نماز کان وڌيڪ آهي. مون کي خبر آهي تہ هڪ دفعي هڪ صحابي نماز ۾ دير سان پهتو، ان وقت رسول ڪريمﷺ جن نماز پڑهائي چڪا هئا، اها خبر ٻڌي صحابي دردناڪ دانهن ڪئي ۽ ان دانهن سان گڏ سندس دل جي رت جي بانس اچڻ لڳي. نمازين مان هڪ چيس تہ، دوست اِها دانهن مون کي ڏي ۽ منهنجي نماز جو ثواب تون جهل. بس سودو ٿي ويو، نماز ڏئي، آهہ وٺي گهر آيو.رات جو ان کي هاتفي آواز آيو تہ، آب حيات ۽ شفا تو خريد ڪئي. اڳتي شيطان چوڻ لڳو تہ،

گر نماز از وقت رفتي مرترا
اين جهان تاريک گشتي بي ضيا
آن فغان و آن تاسف آن نياز
در گزشتي از دوصد ذکر و نماز
من حسودم از حسد کردم چنين
من عدوم کان من مکراست واين

شيطان وڌيڪ چيو تہ، مان گوارا نہ ڪري سگهيس تہ توهان جي دل مان بہ اهڙي آهہ نڪري ۽ توهان جو ثواب نماز کان بہ زياده ٿئي. حضرت معاويہ رضہ چيس تہ هاڻي تو سچ چيو آهي، مگر اي مڪار ڪوريئڙا، مان مک نہ هوس جو ڄاريءَ ۾ ڦاسائين ها. آءٌ شهباز آهيان، تون مکين کي ڦاسائي سگهين

ٿو، مگر مون کي ڪجهہ نہ ڪري سگهندين، تو مون کي بيدار نہ ڪيو، مگر حقيقتاً ننڊ ڪرائيہ، وڏيڪ ثواب وڃائيہ.

ڀائرو! شيطان جي مڪرن کان هميشہ بچندا رهو.

## بيت

ادا شيطان ٿو توکي تہ کاري
نہ پو پلجي انهيءَ جي تون پناري

# ڪوڙا ماتمي

هڪ غريب شاعر، حلب ۾ عاشوري جي ڏينهن وارد ٿي، شيعن کي روئندو پٽيندو ڏسي، ڪائنن پڇڻ لڳو ته، يارو ڪير مري ويو اٿو جو هيڏو روئو رڙو ٿا. جواب مليس ته، ڇا توکي معلوم نه آهي ته اڄ امام حسين رضہ جي شهادت پرسعادت جو ڏينهن آهي، ان جو ماتم ڪري رهيا آهيون. شاعر چوڻ لڳن ته. انهيءَ واقعي کي اٺن نه ڏنو ۽ ٻوڙن نه ٻڌو، توهان هن وقت تائين ڪٿي هئا جو هاڻي ٿا ماتم ڪريو، جيڪڏهن واقعي اوهان جي اک اڄ کلي آهي ته افسوس ۽ حسرت کان پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيو، جو اڄ تائين غفلت ۾ پيا هئا، امام صاحب جو نه بلڪ پنهنجو ماتم ڪريو.

اي غافلو! ٻڌو ته سهي ته، پاڪ انسان، دين جا بادشاهه ٿيندا آهن، انهن جي لئي دنيا جي زندگي زندان مثل ٿيندي آهي، جڏهن هو انهيءَ مان آزاد ٿين ٿا، تڏهن خوش ٿين ٿا، اي اکين جا انڌا! اوهان امام صاحب جي فقط جسم کي ڏٺو، مگر افسوس جو حسيني روح کي نه سڃاتو، نه ڏٺو جو ڪڏهن مرڻ وارو نه آهي، هميشه حيات آهي توهان پنهنجي ٻي ديني تي ماتم ڪريو، ڇاڪاڻ ته توهان کي اهو شعور نه آهي، ته ارواح مقدس جو بدن کان رهائي حاصل ڪرڻ خوشيءَ جو سبب آهي ۽ نه غم جو.

جيڪي ماڻهو شهيدن جو ماتم ڪن ٿا اُهي شهيدن جي شان کي نٿا سڃاڻن.

## شعر

خدا جي محبت ۾ جن آيو موت
سگهوئي ڇاڻ جيئرا فنا ٿيا نه فوت

# مسلمان جو خواب

هڪ دفعي هڪ يهودي، هڪ عيسائي ۽ هڪ مسلمان سفر تي گڏجي نڪتا. هي تعجب جي ڳالهه نه آهي، ڏسو ته هڪ ئي هنڌ عقل ۽ نفس گڏ رهن ٿا. هڪ ئي پڃري ۾ باز ۽ ڪانءُ گڏ بند ڏسجن ٿا.

مطلب ته هي ٽئي ڄڻا، هڪ منزل تي پهتا هڪ ماڻهو ثواب ڪٽڻ لاءِ، هنن مسافرن واسطي لذيذ حلوي جي ديڳڙو تيار ڪيو. جنهن ۾ باداميون وغيره وجهي ڪيس وڌيڪ مزيدار ۽ مقوي ڪيو ويو هو. شام جي وقت، يهودي ۽ عيسائي ڪاڌو ڪائي ڇُڪا هئا.

مسلمان به روزو چوڙي چڪو هو، هنن ٻين غيرمذهب سنگتين چيو ته، اسان اڳ ۾ ئي ڪاڌو ڪائي ڌوءُ ڪري وينا آهيون، تنهن ڪري هي ديڳڙو رکي ٿا ڇڏيون، سڀاڻي ڪائينداسين. مسلمان چوڻ لڳو ته نه، هي ڪاڌو اڄ رات ئي ڪائڻ گهرجي، سڀاڻي جا ڀاڳ سڀاڻي سان. . . هنن چيس ته، ڇا تنهنجي مرضي آهي ته هي حلوو اڪيلو ئي ڪائي وڃين؟ مسلمان چيو ته نه ٽي ڄڻا آهيون، ٽي پتيون ڪري، هر هڪ پنهنجي پتي ڪائي، هنن چيو ته خبردار تقسيم ڪرڻ جو نالو نه وٺ ڇا تو نه ٻڌو آهي ته "القاسم في النار، تقسيم ڪندڙ دوزخي آهي" مسلمان چيو ته هيءَ ڳالهه آهي ته ڀلا توهان جي مرضي، حلوو نٿا ونڊيو ته نه ونڊيو. هنن ٻنهي جو مقصد هو ته مسلمان سڄي رات بکيو رهي. جيڪڏهن هو شير (مسلمان) گهري ها ته، ٻنهي (يهودي ۽ عيسائي) کان زور تي حلوو ڪائي وڃي ها، مگر هو رضا تي چپ ڪري ويهي رهيو، انهن مان آخر هڪ چيو ته، چڱو صبوح جو جيڪو اسان ٽنهي مان پنهنجو پنهنجو لذل خواب ٻڌائيندو ۽ جنهن جو سپني ڪان سٺو خواب هوندو، سو حلوي جو مالڪ ٿيندو. خير جو صبح ٿيو، اتڻ سان يهودي بيان ڪيو ته، "ٻارو مون ڪي واٽ ويندي حضرت موسىٰ عليہ السلام ملي ويو، مان به ان سان گڏجي پيس ۽ هلندا هلندا ڪوه طور تي وارد ٿياسين، خدا جو نور اهڙو ته اچي پلٽيو جو مان، حضرت موسىٰ ۽ ڪوهه طور ڊڪجي وياسين ٿوري وقت بعد ڪوهه طور ٽي ٽڪر ٿي پيو، هڪ ٽڪر سمنڊ ۾ وڃي ڪريو، جنهن ڪان ان جو پاڻي منو ٿي پيو، ٻيو ٽڪر اندر زمين ۾ گهڙي ويو جتان پاڻي جو منو چشمو جاري ٿي ويو، ٽيون ٽڪرو بيت الله ۽ عرفات ۾ ڪريو، انهي واقعي مون کي بيهوش ڪري وڌو، وري جڏهن هوش ۾ آيس ته ڏٺم ته ڪوهه طور سالم هو. مگر ان جي دامن ۾ وڏا وڏا انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءَ ڪرام موجود هئا. جي حضرت موسىٰ وانگر "رب ارني" جي نعرا هڻي رهيا هئا. هڪ عجيب مخلوقات ڏسڻ ۾ آئي جن جا عضوا برف جهڙا اڇا هئا، وري هڪ باهه جهڙي سرخ رو قوم ڏٺم. . . مطلب ته يهودي پنهنجي خواب جو بيان وڏي شدت سان ڪرڻ لڳو.

وري عيسائي لب ڪشائي ڪئي، چي يارو مون کي حضرت عيسىٰ روح الله وٺي چوٿين آسمان تي ويو، اتي مون سج جي جاءِ ۽ مرڪز جو سير ڪيو ۽ اهڙيون اهڙيون شيون ڏٺم جن مان زمين تي ڪابہ نظر نٿي اچي، يهودي جو ڪجهه ڏٺو، سو زمين تي، مگر مون آسمانن جو سير ڪيو.

"چہ نسبت خاک را با عالم پاک"

هاڻي مسلمان جو وارو آيو، جنهن گوهر فشاني ڪئي ته يائرو! مون کي منهنجو بادشاهه ۽ آقا حضرت محمد مصطفىٰ:

سيد و سادات سلطان نبيل
معجز ڪونين هادي سبيل

مليا ۽ فرمائڻ لڳا ته، تنهنجو هڪ رفيق حضرت موسىٰ سان ڪوهه طور تي سير ڪري رهيو آهي، ٻيو رفيق حضرت عيسىٰ سان عرش تي گهمي رهيو آهي. انهن ٻنهي فرشتن جو درجو حاصل ڪيو آهي. سو هاڻي انهن کي ڪائڻ پيئڻ جو احتياج ئي ڪونه آهي. تون بيڪار زمين تي چو پيو آهين. اُٿي حلوي جي ديڳڙي جو ڪم لاهه. جڏهن يهودي ۽ عيسائي مسلمان جو اِهو ٻول ٻڌو، تڏهن هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا ۽ هن کي چوڻ لڳا ته”تون حلوي جو ڪم لاهي ڇڏيو.“ مسلمان جواب ڏنو ته، مسلمانن کي حضرت محمد رسول ڪريم جن جو حڪم بجا آڻڻ فرض آهي، توهان ٻڌايو ته جڏهن حضور جن ڪنهن شيءِ کائڻ بابت حڪم ڏين ته مان اُها شيءِ نه کانوان ۽ سندن حڪم بجا نه آڻيان؟ اي يهودي تون ٻڌاءِ، حضرت موسىٰ عہ جي حڪم جي انحرافي تون ڪندين؟ اي عيسائي تون حضرت عيسىٰ جو حڪم موٽائيندين.

من ز فخر انبيا چون سر ڪشم
خورم، آن حلوا و اين دم سرخوشم

اهو ٻڌي هو، چوڻ لڳو ته يار! برابر تنهنجو خواب سچو آهي، تو خواب مان ڪجهه حاصل ڪيو ۽ اسان محروم رهياسين، سامري هنر مان ڇا حاصل ڪيو مردود ٿي مئو قارون کي خزاني مان ڇا حاصل ٿيو، زمين ۾ غرق ٿيو!

# پنهنجي ڪمال تي نازان نہ ٿجي

خليفو هارون الرشيد، عباسي خاندان مان، وڏي عقل ۽ انصاف وارو هو، سندس نالو چئو طرف مشهور و معروف هو، سخاوت ۾ حاتم کي بہ شهہ ڏئي چڪو هو، هر طرف کان حاجت مند هن وٽ ايندا هئا ۽ مقصد جي موتين سان جهوليون پري واپس ايندا هئا. انهيءَ زمانہ ۾ هڪ مفلس اعرابي هو، ان ۽ سندس زور آور زال جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي سا لکڻ ۽ ٻڌڻ جي لائق آهي:

بيبي: اي خدا جا بندا، اڄ اسان کان وڌيڪ دنيا اندر ڪوبہ تنگ دست ڪونهي. گهر ۾ ڪو سامان نہ آهہ، ڪپڙو جان تي نہ آهہ، ماني ٻن ٽن ڏينهن کان اکين نہ ڏٺي اٿئون. ماڪڙ بہ ڪانہ ٿي اچي، جو ان کي ماري سيڪي پچائي گذران ڪريون ۽ پيٽ پريون. جڏهن چنڊ اُڀري مٿي اچي ٿو، تہ معصوم ٻچا انهي کي ماني وانگر گول ڏسي، ان کي ڪائڻ وارا هٿ وڌائيندا رهن ٿا. اهڙي مفلسيءَ جي زندگيءَ کان تہ موت ڀلو آهي، خدا توکي هٿ پير ڏنا آهن تہ گهر کان ٻاهر نڪري ڪمائي ٻارن کي کاراءِ، حضر ۽ سفر ۾ انهن جو خيال رکڻو آهي.

شوهر: اي خدا جي بندي، قسمت ۾ رنج ۽ راحت انسان سان شامل آهن، انسان ڪڏهن پري ۾ آهي، تہ ڪڏهن ڀاڪر ۾. ڪجهہ عمر گذري وئي آهي ۽ ڪجهہ گذري ويندي. نيڪي ۽ بدي، تاريڪي ۽ روشني عارضي شيون آهن، رزق ۽ جان ۾ دائمي ڪشش رهي ٿي. خدا، ڪيڙي کي پٿر اندر بہ ڏئي ٿو، جڏهن بک تنگ ڪري ٿي، تہ روزي ۽ غذا بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني پيرِ پري ٿي، درد ٿئي ٿو تہ دوا بہ آخر ملي ٿي. گهوگهو ڪرڻ واري فاختہ، چون چون ڪرڻ واري جهرڪي، هيڏي وڏي پيٽ وارو هاٿي ڪنهن نہ ڪنهن نموني پيٽ ڀري ٿو، جيڪي جيترو گهڻو ڪائي ٿلها متارا ٿين ٿا، سي زياده خوار ٿين ٿا ۽ تڪليف ڏسن ٿا، ڏنو نہ اٿئي تہ ٿلهي ٻڪري تي ئي ڀهريائين ڪاتي وهائي ويندي آهي.

گوسفندان راز صحرا مي ڪشند

آنڪہ فربہ تر مر اورا مي ڪُشند

تون منهنجي زال آهين، هڪ جان ٻہ قلب آهيون، مون سان توکي بہ قانع رهڻو آهي، مگر عورت ذات کان شيطان بہ هار ڪائي ٿو، عورت ذات احسان فراموشيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سالن جو ڪٽيو منٽن ۾ اُڏايو ڇڏين، جڏهن زبان درازي ڪن تہ، خدا ۽ رسول کي بہ چا جو چا چئي وڃي مٿي چڙهن.

بيبي: ميان صحاب! تون مون کي انهن ڳالهين سان وڏو ڏک پهچائين ٿو، زبان سنڀالي ڳالهاءِ تون ٺوٺي تي ڀيو آهين، مفت خوري جي عادت ۾ گرفتار ٿيو آهين، ڏاڙهيءَ کي ڊگهو ڪٽي ٻٽايو اٿئي. ان سان گڏ سجدا ڏئي ڏئي نرڙ تي ڪارو داغ ڪٽي ناهيو اٿئي، مان تنهنجي حالن ۽ افعالن کان چڱيءَ طرح واقف آهيان، تون زهد وعبادت جو مون کي دوکو ڏين ٿو، سستي ۽ ڪم همتيءَ جو نالو، تو غلط طور توڪل ڪٽي رکيو آهي.

تو بنام حق فريبي مر مرا
تاکني رسوائي شورو شر مرا

شوهر: اي بد زبان! ذرو کو ڏيان، خاموش رهه، باهوش رهه، مان تنهنجي بد زباني ڪافي صبر سان سهندو رهيو آهيان، تون زال ٿي ڪري، مون سان ايڏو وات ٿي ڪرين. .. توکي خبر ناهي ته، نبي ڪريمﷺ جن پنهنجي فقر و فاقه تي فخر ڪندا هئا. تون ان کي برو ٿي ڄاڻين، ڪو حيا و شرم نٿي آڻين، مان مسلمان آهيان، منهنجو منهن آئينه مثال آهي، توکي منهنجي چهري مان پنهنجي شڪل ڏسڻ ۾ ٿي اچي، انهيءَ ڪري تون مونکي سست ۽ ڪاهل سڏين ٿي، مون کي جنوني سڏين ٿي، افسوس! ته تو ايتريون تڪليفون نه ڏٺيون آهن، سر تي سختيون سنيون اٿئي پر فقر و فاقه جي لذت کان آشنا نه ٿي آهين تڪليفن تي جا عزت خدا کان ملي ٿي، تون انهيءَ کان بلڪل بي خبر رهي آهين.

کار درويشي ورائي فهم تست
سوئي درويشان تو نگر سست سست

مان ڄاڻان ٿو ته مون سان هاڻي گڏ رهڻ کان عار ڪرين ٿي، تڏهن مون سان ايڏو جهيڙو ۽ تڪرار ڪرين ٿي، تون صبر کان ڪم نٿي وٺين، تنهن ڪري تنهنجو ۽ منهنجو نباهه نا ممڪن نظر اچي ٿو، بس توکي سلام آهي. . . تنهنجي جدائي البت ڏک رسائي ٿي، مگر انهيءَ کان سواءِ ڪو علاج نٿو نظر اچي.

مڙس کي ناراض ڏسي عورت ٽپو ڏئي اُٿي ۽ پنهنجي هٿيار يعني روئڻ کي شروع ڪيائين ۽ سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چوڻ لڳي ته، مون کي اميد نه هئي ته تون ايترو ٿيندين خفا، ۽ مون کي ڪندين جدا، ڄاڻي ٿو خدا، ته مون کي تنهنجي محبت جو ثبوت ملي ويو، سارو راز کُلي ويو، مون کي توسان ڏاڍي الفت آهي، مگر تنهنجي چئبو ته مونسان عداوت آهي، منهنجي جان، منهنجو پيءُ ماءُ توتان قربان، مان تنهنجي حڪم جي انحرافي نه ڪندس، جا مرضي هجئي سا ڪر، مان تنهنجي خوشي ۾ خوش آهيان، تنگدستيءَ کان تنگ ٿي مون کي اهي ڳالهيون واتان نڪري ويون، تنگ آيد جنگ وارو معاملو بڻجي ويو پيو. توکي ۽ ٻچڙن کي بکارو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئيم. مان انجام تي ڪريان ته هاڻي صبر ۾ رهنديس. تون به قسم کڻ جدائيءَ جو نالو ئي نه وٺندين ڇا توکي اهي ڳالهيون وسري ويون آهن، جو منهنجي محبت ۾ گهڙي به پل ڪري ڄاڻندو هئين ۽ ”منهنجي پياري بيبي کي آڻيو، نه ته مري ويندس“ جهڙا جملا هر هر پيو اچاريندو هئين، اڄ هيتري قدر ڏڪارين ٿو، مون کي مفت ۾ مارين ٿو. ائين چئي زار زار روئڻ لڳي، هن کي روئندي ڏسي، هي به زار زار روئڻ لڳو.

رسول الله جن جو ارشاد پاڪ آهي ته، سليم العقل انسان، عورت جي چنبي م جلد اچي ويندو آهي، بشرطيڪ عورت ڪجهه عقل ۽ شعور کان ڪم وٺي. گهڻو ڪري جاهل ۽ سخت دل مرد تي عورت جو منتر اثر نه ڪندو آهي. هن ويچاري تي به جوڙس جو جادو اثر ڪري ويو، ۽ سندس ڳوڙها اگهي کيس چوڻ لڳو ته منهنجي پياري! مان ته توسان چرچڙا پوگڙا پيو ڪريان، بس ايتري ۾ روئي ڪٽي رچ پريا اٿئي، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته تنگدستي جوکهڙو علاج ڪجي؟

**بيبي:** خدا جو شڪر آهي جو تو مون کي جدائي جو ڏڙڪو ڪونہ ڏنو آهي. تنگدستيءَ جي حالت کان چوڌڪار هيئن ملندو، هاڻ تون بغداد جي خليفہ هارون الرشيد وٽ وڃ، شايد هو پنهنجي دست ڪرم توتي ڏري ۽ تنهنجي خالي جهولي اشرفين سان پري، اسان جو ٻيڙو پار ڪري.

دوستي مقبلان ڪيميا است

چون نظر شان ڪميائي خود ڪجا است

**شوهر:** هي برابر تو نيڪ چيو، مگر بادشاهہ جي حضور ۾ هٿين خالي وڃڻ درست نہ آهي، اها ڳالهہ عقلمندي کان دور آهي.

**بيبي:** پيارا! اسان وٽ اهڙي ڪا بہ شيءِ ڪانہ رهي آهي، جا تحفتاً بادشاهہ سلامت ڏانهن کڻي وڃين باقي، تلاءُ جو پاڻي واقعي هڪ تحفو آهي، اسان جي قوم کي انهيءَ پاڻي تي فخر آهي. انهي جي طفيل سمورا عرب اسان جا محتاج آهن، انهي پاڻيءَ مان هڪ مشڪ پري، بادشاهہ ڏانهن تحفو ڪري کڻي وڃ. خليفو ضرور توکي انعام اڪرام ڏيندو، جنهن مان اسان جو ڪم ٿي ويندو.

مڙس کي هيءَ ڳالهہ پسند آئي، هو پاڻيءَ جي مشڪ پري، بغداد ڏانهن راهي ٿيو. اُتي چيا ڏسي تہ بادشاهہ جي عاليشان بارگاهہ آهي هن وٽ قدم بوسيءَ لاءِ وڏن وڏن بادشاهن ۽ ميرن کي چاهہ آهي، دروازي تي بينو سپاهہ آهي اهڙي چلت ۾ ڪنهن غريب جو، خليفي وٽ پهچڻ ڏاڍو مشڪل هو، مگر خليفي جو حڪم هو تہ جيڪو مسافر اچي، ان ان جي تن ڏينهن تائين تمام خاطرداري ۽ مهمانداري ڪئي وڃي. جيڪڏهن هو بادشاهہ سان ملڻ چاهي ٿو تہ ان کي هڪدم حاضر ڪيو وڃي. هن ويچاري بدوي عرب کي شاهي ملازم بادشاهي محل اندر مهمان ڪري وني ويا. سندس ڏاڍي خاطرداري ڪيائون ۽ ڪائنس پڇيائون تہ ڪيئن آيو آهين؟ هن چيو تہ مان ڏکيون منزلون طئي ڪري هت پهتو آهيان ۽ بادشاهہ سلامت لاءِ سحرا جو نادر تحفو آندو اٿم، تہ بادشاهہ سلامت هن خوشگوار پاڻيءَ کي نوش جان فرمائي، مون کي بہ سخاوت سان مالامال ڪري. هيءُ ٻڌي بادشاهہ جا نقيب کلڻ لڳا، مگرهي خيال ٿين تہ متان غريب شرمندونہ ٿئي سو وڌيڪ ڪجهہ نہ چيائونس ۽ هن کي پاڻي سميت وني خليفي جي خدمت اقدس ۾ حاضر ڪيائون. غريب پنهنجي تنگدستيءَ جو سارو حال خليفي سان بيان ڪيو ۽ ڪيس پاڻيءَ جي مشڪ پيش ڪري عرض ڪيو تہ هي تحفو ضرور استعمال ڪجو.

بادشاهہ چيو تہ اسان توسان ملي تمام خوش ٿيا آهيون. . .اسان تنهنجو تحفو اڄ استعمال ڪنداسين خاطري ڪر. . . بادشاهہ حڪم ڪيو تہ مشڪ خالي ڪريو، اشرفين سان هن مسڪين جي مشڪ کي پريو ۽ هن کي هڪ قيمتي خلعت عطا ڪريو. صبح جي وقت هن کي دجلہ درياءَ جي سير ڪرايو، بس انهي وقت ئي زر ۽ خلعت سان غريب جي ناشاد دل کي شاد ڪيو ويو، صبح جوڪيس دريا دجلہ جو، هڪ ٻيڙي ۾ سيرڪرايو ويو. . . هو دريا جو منو پاڻي پي پنهنجي تحفي طور آندل بدبودار پاڻيءَ کان شرمندو ٿيڻ لڳو، دل ۾ چوڻ لڳو تہ خليفو جيڪڏهن ڪرم کان ڪم نہ وني ها، تہ منهنجو پنڌ ئي اجايو ٿئي ها، جيڪڏهن مون کي دجلہ دريا جي هن پاڻيءَ جي خبر هجي تہ پنهنجي مشڪ کي واٽ تي ئي هاري ڇڏيان ها.

هن حڪايت مان هي نتيجو ٿو نڪري ته انسان کي پنهنجي عهدي ۽ ڪمال تي نازان ٿيڻ نه گهرجي، چاڪاڻ ته انسان جو ڪمال، خدا جي شان اڳيان تڇ پاڻيءَ جي مثال آهي. ڏٺيءَ سائين جو شان آب دجله جي مثال. اسان جو پنهنجو علم لاءِ زر خرچي خدا جي تعريف ڪريون ٿا، سا ڪابه حقيقت نه ٿي رکي، اهو خود خدا جو فضل ۽ احسان آهي جو هو اسان جي هيچ نذر کي قبول ٿو فرمائي تنهن ڪري انسان تون:

ڪَت بي ڪنب آڏو توريندڙ تڪا،
اگهي ته پاءُ، نه ته مٽن کي به موٽ ٿي.

# اياز ۽ ان جي اصلوڪي پوستين

## اي اياز آن پوستين را ياد دار

حاسدن سلطان محمود غزنويءَ کي اطلاع ڏنو ۽ سندس ڪن پريا تہ، حضور اوهان جو غلام، نمڪ حرام اياز، شاهي خزاني کي لٽي، هڪ حجري ۾ خزانو پنهنجي لاءِ وجي ٿو لڪائيندو. هو اڪيلو، انهيءَ حجري ۾ وجي ٿو، پر ٻئي ڪنهن کي اوڏانهن وڃڻ جي اجازت نٿو ڏئي. سلطان کي تہ پَڪَ هئي تہ اياز اهڙو پتو ڪم نہ ڪندو، ڇاڪاڻ تہ مخلص بندي ڪان ڪڏهن بہ بيوفائي نہ ٿيندي آهي.

هر کہ اندر عشق يابد زندگي
کفر باشد پيش او از بندگي

سلطان عزنوي، هڪ امير کي حڪم ڏنو تہ تون ٻين وزيرن کي ساڻ ڪري، رات جو اياز جي انهيءَ حجري جو ڪلف ڀجي، چڱي طرح جانچ وٺ، جيڪو سامان هٿ لڳي ان کي پنهنجو ڄاڻو. هي ماڻهو بخوشي اوڏانهن روانا ٿيا، دل ۾ خوش هئا تہ اجهو ٿا بي انداز لعل وگوهر ۽ خزانو هٿ ڪريون، پنهنجون جهوليون خزاني سان ڀريون. هنن کي اوڏانهن روانو ڪري سلطان پاڻ بہ ويچار ۾ ويهي ويو، سوچڻ لڳو تہ اگر خدا نہ خاستہ هنن جي ڳالهہ سچ نڪري پئي تہ اياز ڏاڍو شرمندو ٿيندو، منهنجي دل نٿي چاهي تہ هو شرمسار ٿئي، گهٽو ڪري هن اهو ڪم ڪيو ئي نہ هوندو، مگر جي ڪٽي ڪيائين تہ بہ هن کي جائز آهي، ڇاڪاڻ تہ هو منهنجو دل وارو، مون کي نور کان بہ پيارو آهي.

آخر حاسد تيزي سان اياز جي ڪمري جو ڪلف ڀجي اندر گهڙيا. هنن کي پراڻي جُتي ۽ هڪ پوستين کان سواءِ ڪجهہ بہ نظر نہ چڙهيو. ڪنڊ ڪنڊ ڪري ڳوليائون، پٽين جا ڇاپڙ لاٿائون، ڪجهہ بہ هٿ نہ آين، ڌوڙ منهن ۾ پاتائون سندن چهرا ئي ڦري ويا، شرمندا ٿي پوئتي موٽيا، بادشاهہ اڳيان سخت لڄي ٿي، معذرت سان معافي گهرڻ لڳا. چوڻ لڳا تہ شهنشاهہ، جهان پناهہ! اسان کان ٿي آهي خطا، اُها معاف ڪريو، اسان ڏانهن دل صاف ڪريو، جيڪڏهن اسان جو ڌڙ سر کان ڌار ڪريو تہ بہ اوهان کي واجب آهي، انهيءَ تي:

گفت شهہ ني اين نواز واين گداز
من نہ خواهم کرد هست آنِ اياز

بادشاهہ چين تہ، اوهان کي سزا ڏيڻ يا معاف ڪرڻ، اياز جي وس آهي، ڇاڪاڻ تہ اوهان ان جي دل رنجائي آهي، هو جيڪو چاهي، سو ڪري، جيئن وڻيس تيئن اوهان سان پيش پوي.

بادشاهہ عاليجاه جو حڪم ٻڌي اياز عرض ڪرڻ لڳو تہ، حضور پرنور، منهنجا قدر شناس سلطان، اوهان تي منهنجي جان قربان، هنن ويچارن جي لاءِ شرمندگي ئي ڪافي آهي، بس مون ڏني ڪين معافي آهي. محمود چيو تہ اي جان نثار، وفادار، اياز! ٻڌاءِ تہ سهي تہ، تون انهي ڦٽل حجري ۾ روز ڇو ويندوآهين؟ اياز چيو تہ، سائين هي غم نام غلام، اجا سائينجن جي خدمت شريف ۾ حاضر نہ

ٽيو هو، انهيءَ وقت منهنجي پوشاڪ اِها ميري ميري ۽ ڦاٽل پوستين ۽ اهو پراڻو جُوتو هو، مان هر روز انهيءَ کي ڏسي نفس کي چوندو آهيان ته اي نفس! اهي منهنجا ٽپڙ ڏس، هاڻ سلطاني راز ۽ پيار ڏسي ڦوندڙ نه پَوءِ، تڪبر نه ڪر انهيءَ تڪبر، ۽ ڦوندڙ عزازيل کي شيطان بنايو ۽ لغت جو طوق سندس ڳچيءَ ۾ وجهايو.

اِهو ٻڌي سلطان چوڻ لڳو ته اي اياز! تو کي آهي آفرين، تون لائق آهين بيشڪ صد تحسين؟، واقعي تون انهي ڳالهه جي قابل آهين ته، آءٌ تو کي سيني کان عزيز ڄاڻان، هنن حاسدن جيڪا حرڪت ڪئي آهي، ان لاءِ سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪرايان ها، مگر جنهن صورت ۾ تو معافي ڏني اٿن، تنهن صورت ۾ مون به کين بخشيو.

انسان کي واجب آهي ته، ڪيڏي به عهدي ۽ ڪمال کي رسي ته به تڪبر نه ڪري.

تڪبر عزازيل کي خوار ڪيو
گلي ۾ سندس طوق لعنت جو پيو.

# حڪم غزنوي ۽ تعميل اياز

هڪ ڏينهن سلطان محمود عزنوي دوستن سان چرچا ڀوڳ ڪري رهيو هو، هڪ صاحب، مهل ڏسي عرض ڪيو ته اگر مون کي شهنشاهه عاليجاه جي اجازت هجي، ته گذارش ڪريان.

سلطان فرمايو ته، ڀلي اجازت آهي، عرضدار صاحب چيو ته، سڀني کي هن ڳالهه کان حيرت آهي ته، بادشاهه جو حبشي اياز تي ڇا کان ايترو پيار آهي، نه هن ۾ حسن آهي نه اطوار آهي. نڪي هو هوشيار، يا خبردار آهي، تاهم به هو سڀني جو ٻڻجي ويو سردار آهي. بادشاهه چيو ته، انهيءَ سوال جو جواب درٻار اندر ڏيندس. . . .

هڪ ڏينهن بادشاهه درٻار ۾ چيو ته اڄ سڀ ڪو پنهنجي خيرخواهيءَ جو مون کي ثبوت ڏئي. ائين چئي هڪ بي بها موتي، دٻي مان ڪڍي، پنهنجي سامهون رکيائين. هڪ لوهه جو مطرقو به گهرايائين، وزيراعظم کي هٿ ۾ هٿوڙو ڏئي، حڪم ڪيائين ته، هن موتي کي ڀڃي ٽڪر ٽڪر ڪر، وزيراعظم چيو ته هي لک سوا لک جو موتي آهي، مون کي دل اجازت نٿي ڏئي ته هن کي ڀڃان. جيڪڏهن بادشاهه جو اهڙو درّ ثمين ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪريان ته بادشاه جو خير خواهه ڪيئن سڏبس. ائين چئي ٻيهي رهيو، بادشاهه هن کي آفرين چئي، هڪ چوغو عطا ڪيائينس. . . اهڙي طرح واري واري سان هر هڪ وزير ۽ امير کي گهرائيندو ويو، جن سڀني وزيراعظم جي تلقيد ڪئي ۽ پيروي ڪئي. پڇاڙيءَ ۾ بادشاهه اياز کي گهرايو موتي سندس هٿ ۾ ڏئي، ڪائنس پڇيو ته هن جي قيمت ڪيتري هوندي؟ اياز چيو ته هي املهه ماڻڪ بي بها، جنهن جي قيمت ۾ قارون جو خزانو به پورو نه پئي. سلطان محمود چيو ته اي اياز! هن هٿوڙي سان هن کي ٽڪر ٽڪر ڪر حڪم ٻڌنديئي. اياز هٿوڙي سان هن بي بها موتيءَ کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. . . هي ڏسي درٻار ۾ سناٽو ڇائنجي ويو، سڀ ڪوئي چوڻ لڳو ته واه جو اياز نمڪ حلالي ملهائي آهي.

گفت اياز اي مهتران نامور
امر شهه بهتر بقيمت يا گُهَر

اياز چيو ته، يارو ٻڌايو ته سهي، ته بادشاهه جو حڪم اعلىٰ يا موتيءَ جي قيمت بهتر. . . افسوس توهان هڪ موتي جي خاطر، بادشاهه جي حڪم کي نه مڃيو منهنجي نظر بادشاهه جي حڪم تي هئي، نه هڪ پٿر يعني گهر تي، مان مشرڪ نه هوس، جو پٿر جي پرستش ڪريان ها، اوهان سلطاني حڪم جي ڪابه پرواهه نه ڪري، هڪ پٿر کي زياده سمجهي ويهي رهيا هئا.

محمود کي اياز جي هيءَ ورندي ڏاڍي وڻي ٻين وزيرن تي ڏاڍو ڏمريو، چيائين ته، اوهان منهنجي وزارت جا لائق نه آهيو، اي جلاد جلد! هنن جون سريون ڌڙ کان ڌار ڪر.

هي حڪم ٻڌي اياز آداب بجا آڻي، نماڻو ٿي عرض ڪرڻ لڳو ته سلطان! توهان تان وڃان قربان، هنن کان اِها گستاخي، اوهان جي معافيءَ جي ڀروسي تي ٿي آهي، خدارا هنن کي معاف ڏيو.

وزيرن اميرن ٻه روئي روئي معافي ورتي. آئينده معلوم ٿي وين ته انسان کي ٻنا چون چرا جي پنهنجي آقا جو حڪم مڃڻ گهرجي. . .

مڃڻ گهرجي هڪدم وڏن جو چيو
وڏن جو وڏو شان رب آ ڪيو

# باهہ کان بچڻ جو علاج

حضرت عمر فاروق اعظم رضہ جي خلافت جي وقت ۾ هڪ دفعي مديني عاليہ ۾ باهہ لڳي، جنهن اڌ شهر جلائي ڇڏيو، باهہ کي وسائڻ جون ڪوششون نا ڪامياب ٿيڻ لڳيون، اصحاب رضہ، عاجزيءَ سان، حضرت عمر فاروق اعظم، جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، روئي عرض ڪرڻ لڳا تہ يا حضرت! توهان رسول جا دوست، مستجاب الدعوات آهيو، خدا جي درگاهہ ۾ باهہ وسائڻ لاءِ دعا گهرو. . . . پاڻ جواب ڏنائون تہ هي باهہ قهر خدا آهي، سا تيستائين نہ وسامندي جيستائين توهان يتيمن کي نقدي خواهہ طعام نہ ڏيندا. سڀئي عرض ڪرڻ لڳا تہ اسان کان وڏيڪ ڪو خيرات ڪرڻ وارو آهي ئي ڪونہ، حضرت عمر رضہ جواب ڏنُن تہ:

گفت نان بر رسم عادت داده اند
از برائي ور نکشاده اند
بهر فخر و بهر پوش و بهر ناز
نہ ز برائي ترس و تقوىٰ ونياز
مال تخم است و بهر شوره منہ
تيغ را در ست هر رهزن مده

گهڻا ماڻهو، مال خدا، جي واسطي خيرات نہ ڪندا آهن، بلڪ فخر و ناز لئي خرچيندا آهن، خيرات اُها ئي مقبول پوندي آهي جا خلوص دل ۽ تقوىٰ سان ڏني وڃي. . . آخر جڏهن اهل مدينہ طرفان يتيمن ۾ خيرات تقسيم ڪئي، تڏهن باهہ خدا جي حڪم سان جلدي اُجهامي وئي. مطلب تہ خيرات ۽ صدقہ اُهوئي قبول پوندو جو محض الله ڪارڻ ڏنو ويندو.

تا چون ڏاها ڏنو آهي ٻنو
راه رب جي ۾ ڏنو ناهي ڪنو!

# چور عدالت فاروقي ۾

هڪ چور، چوري ڪندي پڪڙجي پيو ۽ حضرت عمر رضہ وٽ پيش ڪيو ويو، ڏوهہ مٿس ثابت ٿي چڪو هو. تنهن ڪري حڪم ڏنائون تہ سندس هٿ ڪاٽيو وڃي. اِهو ٻڌي چور عرض ڪيو تہ، يا فاروق اعظم! منهنجي حال تي رحم جي نظر ڪر، هي منهنجو پهريون قصور آهي، مون کي معافي ڏي، مان وري چوري نہ ڪندس هن جي دانهن فريادن تي اصاحب ڪرام کي بہ ترس پيو ۽ سڀئي ان جي سفارش ڪرڻ لڳا تہ، هن جي هيءَ پهرين خطا آهي، هن کي معافي ڏني وڃي، جيڪڏهن ٻيهر هن کان اهڙو ڏوهہ سرزد ٿئي، تہ سندس هٿ ڪاٽيو وڃي. . . حضرت عمر جواب ڏنو تہ مان يقين نٿو ڪري سگهان تہ، هن جي هي پهرين خطا آهي، هيءَ ڳالهہ منهنجي ربّ ستار جي ستاري ۽ غفاريءَ کان بعيد آهي، جو پهرين خطا تي بندي گندي کي خوار ڪري ۽ ڪيس توبہ جو موقعو نہ ڏئي، اوهان يقين ڄاڻو تہ هو چور هن کان اڳ بہ خطائون ڪري چڪو آهي ۽ ستار جي پرده پوشيءَ جو فائدو وٺي چڪو آهي، اي جلاد جلد منهنجي روبرو هن جو هٿ وڍ. . .نيٺ هن چور کي سزا ڏني وئي. الله تعالىٰ بندي گندي کي ڪيترائي دفعا مهلت ٿو ڏئي، سندس پرده پوشي ٿو ڪري، تہ من توبہ ڪري باز اچي، مگر جڏهن هو باز نٿو اچي تڏهن ان کي رسوا ۽ خوار ٿو ڪري. . .

ڏمر جي ڏٺي تہ ڏسي ڏنگايون

# محمود ۽ هندو غلام

حق شعار، حضرت شيخ عطار کان روايت آهي ته سلطان محمود غزنوي، هندستان مان هڪ غلام آندو، بادشاهه جو مٽس ايڏو پيار ٿيو جو هن کي پنهنجو پٽيلو ڪيائين، پاڻ سان گڏ ڪيس تخت تي ويهاريائين ۽ فوج جو وڏو آفيسر ڪيس مقرر ڪيائين، هندو غلام هي حالت ڏسي زار زار روئڻ لڳو. محمود پڇيس ته، روئين ڇو ٿو؟ ڏس ته منهنجو آڏو وزير، امير لشڪر جا ڪمانڊر ۽ سپاهي ائين دست بسته بيٺا آهن، جهڙي طرح چنڊ جي چوڌاري، ستارا! هن وقت ته توکي خوش ٿي کلڻ کپي ۽ نه روئڻ کپي.

هندو عرض ڪيو ته، اي بنده نواز! تنهنجي مبارڪ هستيءَ تي دنيا جيترو به نازڪري، اُهو ٿورو آهي. تنهنجي دل معدن سخا ۽ تنهنجا هٿ، بحر ڪرم و عطا آهن، تنهنجي عدل ضرب المثل آهي، تنهنجي ملڪ ۾ نه فساد آهي، نه خلل آهي جهڙو تون غريبن تي مهربان آهين، تهڙو وري علم علم وارن جو قدردان آهين. ڳالهه هيئن آهي ته هندستان ۾ آءٌ اجا جڏهن ننڍو ٻار هوس، ته مون کي تنهنجو نالو وني ڊيڄاريندا هئا، امان جڏهن خفا ٿيندي هئي ته چوندي هئي ته، توکي محمود کڻي وجي. . . .

مان جڏهن اهو امان جو دڙڪو ٻڌندو هوس ته ڊڄي ويندو هوس، دل ۾ سمجهندو هوس، ته محمود واقعي اهڙو ظالم آهي! جنهن جو ظلم پهاڪو بڻجي ويو آهي. مگر تو کي هاڻي جهڙو رحيم و ڪريم ڏسي امان ابو ياد پون ٿا ته ڪاش! اُهي هن مهل هت هجن ها ته، اکين سان ڏسن ها، ته جنهن کي اوهان ظالم سمجهي وينا هئا، اُهو ڪيتري قدر عادل، رحيم ۽ ڪريم آهي. بادشاهه سلامت! جيڪڏهن هو توکي ڏسن ها ته ضرور شرمندا ٿين ها، مون کي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جا لفظ ياد اچن ٿا ۽ اوهان جا ڳڻ ياد اچن ٿا ته روئن ٿو اچي. انهن ماڻهن کي هن ڳالهه مان سبق پرائڻ گهرجي، جيڪي محمود غزنوي کي ظالم سمجهن ٿا.

**شعر**

نيڪن جو نالو موت پڄاڻان به ڳائجي،
نيڪي جي راهه ۾ پوءِ ڇو نه وک وڌائجي.

# سلطان محمود ۽ پنج چور

سلطان محمود غزنوي، رات جو ڇمڙا پوش ڪري رعيت جي ڏک سک جو احوال معلوم ڪندو هو. هڪ رات هن کي پنج چور مليا. سلطان انهن کي چيو ته، مان به توهان جهڙو چور آهيان، انهن مان هڪڙي ٻڌايو ته توهان مان هر هڪ هڪڙو ڪمال رکي ٿو؟ هڪ چيو ته، منهنجي ڪن ۾ اهڙي خاصيت آهي، جو ڪتي جي ٻولي سمجهي وڃان ٿو. يارن چيس ته هي هنر ته ٻن دمڙين جي برابر آهي. ٻئي چيو ته منهنجي اکين ۾ اهڙو نور آهي، جو انڌاري رات به هزارين ماڻهن ۾ جنهن کي هڪ دفعو ڏسان ان کي سڃاڻي وڃان ٿو.

ٽيئن چيو ته منهنجي ٻانهن ۾ اهڙو زور آهي، جو ڪهڙي به سخت پٽ هجي ته ان کاٽ هڻي وڃان ٿو، چوٿين چيو ته منهنجي نڪ ۾ اهڙي خاصيت آهي، جو مان مٽي سنگهي ٻڌائي سگهان ٿو ته هن ۾ ڇا ڇا آهي؟ جهڙي طرح مجنون کي ليلىٰ جي سرسزمين جي، حضرت خواجه اويس قرنيءَ جي خوشبو ٿي آئي. تهڙي طرح مون کي مٽيءَ ۾ زر ۽ جواهرات جي ٻانس ايندي آهي. . .

پنجين چيو ته منهنجي پنجي ۾ اهڙي قوت آهي، جو، ڪنهن به بلند مڪان ۾ مضبوطيءَ سان ڪمند لٽڪائي سگهان ٿو، ڇا اوهان کي محمد صلي الله عليه واليه وسلم جن جي ڪمند اندازي جي خبر ناهي، ته تخت و بخت جا مالڪ ٻڻجي، عرش معلي تائين رسائي حاصل ڪيائون. . . .

ان کان پوءِ پنجي ڄڻا محمود کان پڇڻ لڳا ته، يار! ٻڌاءِ ته تو ۾ ڪهڙي خاصيت آهي؟ محمود چيو ته، منهنجي ڏاڙهيءَ ۾ اهڙي حڪمت آهي، جو جڏهن مان انهيءَ کي لوڏيان، ته اُهي ڏوهي، جي جلادن جي هٿ ۾ هجن ته به هڪدم آزاد ٿين. . .چورن چيو تڏهن يار تون ته اسان ۾ قطب آهين، هاڻي اسان کي ڪهڙي پرواهه، هلو اڄ شاهي خزانه کي لٽيون. . . جڏهن بادشاهي محلات جي طرف روانه ٿيا، تڏهن ڪتو ڀونڪڻ لڳو، هڪ چور چيو ته يار ڪتو چوي ٿو ته بادشاهه سلامت توهان سان گڏ آهي. واٽ تي هڪ هڪ مٽيءَ جو ڍير پيو هو، سنگهڻ واري مٽي سنگهي چيو ته هڪ رن زال جي جاءِ هئي. الغرض منزل مقصود تي وڃي پهتا. ڪمند اڇلائڻ واري شاهي محلات ۾ ڪمند اڇلايو. .. . سنگهڻ واري سنگهي ٻڌايو ته هن هنڌ شاهي خزانو رکيل آهي. کاٽ هڻڻ واري کاٽ هڻي، چورن کي اندر داخل ڪيو. اندران خزانو، قيمتي ڪپڙا جواهرات ڪڍي ٻاهر آيا، هڪ مخفي جاءِ ۾ لڪايائون، ته پلي لڙ لهي ته پوءِ مال ورهائي ڪڻنداسون. محمود پنجن جا نشان پتا پڇي موٽي محلات ۾ آيو. صبح جو جڏهن دربار ٿي، تڏهن بادشاهه کي سندس چوري ٿي وڃڻ جي رپورٽ پهتي سيئي حيران هئا ته شاهي محلات ۾ چوري ڪرڻ جي ڪنهن کي ڪيئن جرائت ٿي! بادشاهه چوڻ لڳو ته اي غافلو! مون کي سڀ خبر آهي، وڃو فلاڻن کي وڃي پڪڙي اچو، نيٺ سپاهي ويا ۽ انهن کي وڃي پڪڙي آيا ۽ دربار شاهيءَ ۾ حاضر ٿيا، ٻيا ته سڀ ڪمال ڏيکاري رهيا هئا، فقط اکين واري عارف کي پنهنجو ڪمال ڏيکارڻو هو. هن دربار ۾ پهچڻ سان ڏسنديئي پنهنجي سنگتين کي چيو ته يارو! ڇهون اسان جو سنگتي ته خود بادشاهه سلامت هو. بس پوءِ بادشاهه جي پرسان اچي عرض ڪرڻ لڳا ته:

”اي رات وارا رفيق! تون منهنجي سنگت کي بخش! سيني پنهنجو پنهنجو ڪمال توکي ڏيکاريو، هاڻي تون بہ پنهنجي مبارڪ ڏاڙهي لوڏي ڪمال ڏيکار. بادشاهہ کي ڪل اچي وئي ۽ ڏاڙهي لوڏيائين جو جلادن جي لاءِ اشارو هو، مجرمن کي ڇڏڻ جو، هو آزاد ٿي ۽ دل ۾ شاد ٿيا. اي يار وفادار! ياد رک تہ قيامت ۾ ڪنهن کي ڪنهنجو ڪمال ڪم نہ ايندو، سواءِ محمد مصطفیٰ صلي الله عليہ وسلم جي ڪمال جي، پاڻ شب معراج ديدار الاهيءَ ۾ ايتري قدر تہ محو هئا، جو سواءِ خدا جي ٻئي ڪنهن ڏانهن توجهہ ئي ڪونہ ڪيائون. انهي لاءِ سندس نظر انور کي ”ما راغ“ جو خطاب مليو. انهيءَ عارف الاهي جي شفاعت اسان گنگارن جي نجات جو ذريعو ٿيندي.

نہ هلندو هُت اسان جو عذر حيلو
محمد ئي اسان جو آ وسيلو
قيامت ۾ خدا کان بخشرائي
جڳهہ فردوس ۾ ڏيندو وٺائي.

# ابراهيم ادهم ۽ اٺ وارا

سلطان ابراهيم ادهم بلخي نہ رڳو دنيا جو بادشاهہ هو. مگر فقيريءَ ۾ بہ سلطان هو، هڪ ڏينهن پنهنجي بادشاهي زماني ۾ محلات جي ڇت تي وينو هو تہ سندس اک لڳي وئي. ڏٺائين تہ ڇت تي اٺن وارا موجود آهن ۽ چون ٿا هوڏانهن نهار، هي پيير ڏس، هُت بينو هوندءِ. . . .مطلب تہ هو اهڙي طرح ڊوڙندا رهيا ٿي، جهڙي طرح ميدان ۾ گهوڙي سوار. . . . ابراهيم ادهم کانئن پڇيو تہ پائرو ڇا ڳولي رهيا آهيو؟ هنن جواب ڏنو تہ يار! اسان جو اٺ گم ٿي ويو آهي، ان کي محلات ۾ ٿا ڳوليون. بادشاهہ چين تہ اوهان کهڙا نہ بي عقل آهيو، بادشاهي محلات ۾ اوهان جو اُٺ! سو وري ڇت تي ڪيئن آيو.. . هڪ ساربان هٽ جوڙي عرض ڪيو تہ بادشاهہ سلامت! اسان واقعي بودلا آهيون، مگر توهان بہ پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسو تہ، جيڪڏهن اسان کي قصر شاهي جي ڇت تي اٺ نٿو ملي سگهي تہ، توهان کي تخت تي وينې رب ڪيئن ملندو! جيڪڏهن اوهان خدا سان ملڻ چاهيو ٿا تہ گوشہ تنهائي ۾ ويهي سائينءَ کي ساريو، هي ٻڌي ابراهيم ادهم سڳورو ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ تخت و تاج کي ڇڏي فقيري اختيار ڪيائين سچ چيو اٿن تہ:

جي پائين جوڳي ٿيان تہ ويهي ڳول وجود،
اتي الک سامهون سامي ڪر سجود،
خلوت ڪر خفيءَ سين ٿي نفيءَ ۾ نابود،
پورج پورب پار ڏي بابو ڇڏي بود،
نانگا نفس پنهنجو ڪر رضا سان ربود،
تن کي ڏيئي تسيا ٿي اُلفت سان آسوده،
غبي ڇڏ غنود، تہ رانول رسين رب کي.

# حضرت ابراهيم ادهم ۽ فرمانبردار مڇيون

حضرت ابراهيم ادهم هن فاني دنيا جي حڪمراني ڇڏي دريا جي ڪناري تي پنهنجي فقيراڻي گودڙي سبي رهيو هو تہ اوچتو سندس محڪوم اميرن مان هڪ اُتي اچي نڪتو، ڪيس سجاڻي ادب بجا آندائين. پر دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو، حضرت ابراهيم ادهم ڪيڏي نہ غلطي ڪئي آهي، جو بادشاهي ڇڏي فقير بنجي وينو آهي. صاحب دل آدمي شير جي مثال ۽ عام جون دليون جهنگل مثال آهن. صاحب دل حضرات تي مخفي ڳالهيون بہ ظاهر تي پونديون آهن. تنهن ڪري واجب آهي، تہ جڏهن بہ اهلِ دل صاحبن جي خدمت ۾ وڃجي، تہ دل کي فضول ڳالهہ کان پاڪ ۽ صاف رکجي. ڇاڪاڻ جو هو دل جي خطرات کان واقف ٿين ٿا. افسوس آهي، جو دل جا انڌا، دل جي انڌن جي روبرو تہ باادب وجن ٿا، مگر اکين وارن وٽ ادب جو لحاظ نٿا رکن، انهيءَ ڪري هُو حرص و هوا جي آتش ۾ جلن ٿا تنهن ڪري:

دل نگهدارید اي بي حاصلان

در حضوري حضرت صاحبد لان

حضرت ابراهيم ادهم، امير جي خطراتِ دل کان واقف ٿي چڪو هو. پاڻ يڪدم پنهنجي سئي دريا ۾ اڇلائي، چوڻ لڳو تہ ”اي مڇيون منهنجي سُئي دريا ۾ ڪري پئي آهي حاضر تي ڳولي ڏيو.

صد هزاران ماهئي اللهئي

سوزنِ برالب هر ماهي

سر بر آور ند از دريائي حق

بگيري شيخ سوزن هاڻي حق

امير هيءَ حالت ڏسي حيران ٿي ويا جو هزارين مڇيون ڪل هر هڪ پنهنجي وات ۾ سوني سئي جهلي ڇئي رهي هئي، حضرت ونو پنهنجي سُئي.

روبرو کردد بگفتش اي امير

ملک دل بہ يا چنين ملک حقير

ابراهيم ادهم امير کي چيو تہ، يار! ظاهر حڪمراني چڱي يا دلين جي بادشاهي بهتر، جيڪڏهن غور ڪري ڏسندا تہ دنيا فقط ڏيکاءُ آهي. حقيقت جي طرف اچ، ظاهر کي ڇڏي معرفت الاهي جي پر بهار باغ جي گلن جي واس وٺ، جن جي خوشبو مان تنهنجو دماغ معطر ۽ اکيون روشن ٿين، هيءَ انهي باغ جي خوشبو آهي، جنهن کان يوسف جي پهراڻ جي آمد جي خبر حضرت يعقوب عہ کي پئي هئي، انهيءَ خوشبوءِ کان نماز ۾ حضرت محمد مصطفيٰﷺ جن جي مبارڪ اکين کي ٿڌاڻ حاصل ٿيندي هئي.

امير کي انهيءَ ڳالهہ کان وجد اچي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ افسوس! مڇيون بہ الله وارن کي سڃاڻن ٿيون، مگر بد باطن انسان درويشن کي نٿا سڃاڻن! هاءِ هاءِ! انسان الله سان قريب هوندي بہ

بعيد ٿيندو رهي ٿو. . . . ايئن چئي حضرت ابراهيم ادهم جي قدمن تي ڪري پيو. .. .عقلمند انسان جو ڪم آهي ته، الله جي پيارن ٻانهن سان حسد ۽ دشمني رکي ٺوڪ بازي نه ڪري، بلڪ دل کي ڪدورت کان صاف رکي انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي فيض حاصل ڪري، تنهن کان سواءِ هن فاني دنيا کان دل کڻي، رب سان رمز رلائي دل جي آئيني کي اڇو اجرو رکي دنيا ۽ دنيا وارن کي دل ۾ جاءِ نه ڏجي.

جي ڀائين جوڳي ٿيان ته سڱ سيئي ڇڏ،
اوڏو تي الف کي من ميم سين ګڏ.
هتان لاهوتي لڏ، ته ګر کي ګڏجين ڪاپڙي.

# مطلبي صوفي ۽ جهاد

هڪ دفعي، جهاد ڪرڻ لئي، اسلامي لشڪر روانو ٿيو، انهن سان گڏ هڪ صوفي به شامل هو، چندِ ڏينهن بعد، راهه ۾ دشمن سان مقابلو ڪرڻ پيو. لشڪر وارا صوفيءَ کي ڪمزور ڄاڻي، ٽپڙن جي نگهداشت لاءِ مال ۽ تنبن ۾ ڇڏي ويا، غنيم مقابلي جو تاب جهلي نہ سگهيو مسلماني لشڪر بي انداز مالِ غنيمت ۽ دشمن جي قيد ٿيل ماڻهن سميت آرام گاهه ڏانهن واپس مال غنيمت جو حصو هن وٽ پيش ڪيو. مگر صوفي ونڻ کان انڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳا تہ توهان مون کي بيڪار ڄاڻي هت ڇڏي ويا هئا، مون کي ميدان جنگ ۾ دشمن سان مقابلو ڪرڻ جو موقعو نہ ڏنو. مجاهدن چيس تہ فڪر نہ ڪر. . اسان وٽ گهڻائي قيدي آهن، جن جي گردن زني ڪرڻ مهل تون بہ هٿ هٽجاءِ.

نيٺ صوفي صاحب، هڪ ٻڌل ۽ قابو ٿيل قيدي جي ڪم لاهڻ لاءِ هن کي خيمي کان ٻاهر وٺي ويو. ڪافي دير گذري تہ بہ هي واپس نہ موٽيو سنگتين خيال ڪيو تہ، ڏسون تہ سهي، هن صوفيءَ سان ڪا ويڌن تہ نہ ٿي. وڃي ڏسن تہ مار، صوفي پٽ تي ڪريو پيو آهي، ۽ ٻڌل قيدي مٿس چڙهيو وينو آهي، ڏندن سان ڳچي ائين چٻائي رهيو آهي، جيئن ٻلي ڪبوتر کي وننڊي آهي. سندس رت ۾ هن قيديءَ جي ڏاڙهي ميندي رتڙي ٿي پئي آهي.

سچ پچ تہ اسان بہ پنهنجي دست بستہ نفس جي اڳيان هن صوفي وانگر زبون ۽ پست آهيون.

نيٺ ڪنهن مجاهد هڪ ئي وار سان هن گبر جو ڪم لاهي ڇڏيو، صوفي کي ڪٽي هوش ۾ آندائون ۽ پڇڻ لڳس تہ حضرت! تون هڪ ٻڌل ۾ نيم مرده قيديءَ اڳيان ڪئين ڪري پيئن جو، هو تنهن جو ڪنڌو ئي خلاص ڪري رهيو هو. صوفيءَ چيو تہ مان اجان هن کي ذڪ هڻڻ لاءِ سنبريس تہ هن مون ڏي اهڙي گهور مان ڏنو جو مان بيهوش ٿي ويس.

اهو ٻڌي غازي مرد چوڻ لڳس، ڪافرن جي پنبڻين کي لشڪر ڄاڻڻ وارا صوفي! اهڙي حالين هليو آهين جهاد ڪرڻ؟ مهرباني ڪري آئينده ميدان جو نالو ئي نہ وٺ. جڏهن هڪ قيديءَ جي اک ڏيکارڻ سبب بيهوش ٿي ويو آهين، تڏهن تون، تيرن جا حملا، تلوارين جا ذڪ، نيزن جون نوڪون ڪيئن سهي سگهندين؟ وڃ وڃي خانقاهه ۾ بورچي خانہ جي سنڀال ڪر ۽ ڪائي پي پيپ کي ڀر.

## بيت

هڻ پالا وڙهه پاڪرين آڏي ڍال ۾ ڍار
مجاهد ٿي مار، نانگا پنهنجي نفس کي.

# جهاد اڪبر

حضرت عياض رضہ فرمائي ٿو تہ مون کي شهادت جي سعادت حاصل ڪرڻ جو ايترو ذوق هو، جو ستر جهاد ۾ بنا زره دشمن سان لڙيس، ڏاڍي بهادري سان وڙهيس منهنجي بدن جو، ڪو اهڙو حصو ئي نہ رهيو هو، جتي زخم نہ رسيو هجيم.

جڏهن مون ڏٺو تہ، شهادت منهنجي حصي ۾ ناهي تڏهن مان چلہ ڪشي ڪرڻ لڳس ۽ هن جهاد اڪبر ۾ تن ۽ بدن کي ڳارڻ لڳس. بدن تمام هيٺو ۽ اشاري وهيٺو ٿي چڪو هوم، اوچتو هڪ ڏينهن غازين جي نغارن جو آواز ٻڌم، منهنجي نفس چيو تہ اُٿ جهاد ۾ ٿي شامل، چو ٿيو آهين سست ۽ ڪاهل. چيومانس تہ، اي بيوفا نفس! تون ۽ جهاد جي صلاح ڏين. . . . انهيءَ ۾ ڪو نہ ڪو فريب رکيو اٿئي. جيڪڏهن مون کي سچ نہ ٻڌائيندين تہ آءٌ وڌيڪ رياضت ڪري، توکي نهوڙي نيندس. نفس چيو تہ، تون مون کي هت هر روز ڪافرن وانگر مارين ٿو، مون کي ڳارين ٿو،دنيا ۾ ڪنهن کي کهڙي خبر تہ مون تي ڇا گذري رهيو آهي. جيڪڏهن لڙائي ۾ هلندين تہ، من هڪ سخت ضرب رسڻ سان مري جند ڇٽي پوندم. دنيا منهنجي بهادري جا ڳڻ ڳائيندي مون چيس تہ، اي ڪتا نفس! تون منافق وانگر زنده رهڻ ۽ منافق وانگر مرڻ گهرين ٿو، اي رياڪار ۽ ذليل نفس! تنهنجي بيهودگي هاڻي وڌي ويئي، بس مون هاڻي انجام ڪيو آهي تہ، جيستائين بدن ۾ ساھ هوندم تيستائين خلوت کان ٻاهر نہ نڪرندس، ڇاڪاڻ جو گوشہ نشينيءَ ۾ ويهي ماڻهو اهو ڪجهہ ڪري ٿو،جنهن ۾ ڪوبہ ڏيکاءُ نہ آهي.

جنبش و آرام اندر خلوتش
جز برائي حق نہ بودش نيتش

نفس ڪشي جهاد اڪبر آهي ۽ جهاد ڪرڻ جهاد اصغر آهي، جهاد اڪبر،حيدر جو ڪم آهي، جهاد اصغر رستم جو ڪم، انهيءَ شخص جو ڪم ناهي، جو هڪ ڪئي جو ڪڙڪي تي هوش و حواس گم ڪري ڇڏي. اهو شخص صوفي سڏائڻ جي لائق نہ آهي. سئي چيڻ جو عذاب بہ سهي نہ سگهي ۽ آرزو رکي تلوار هڻڻ جي اهڙن صوفين صوفياءِ ڪرام کي بدنام ڪيو آهي.

## شعر

پنهنجو تہ نفس مارڻ آهي جهاد اڪبر
رب کي نہ دم وسارن آهي جهاد اڪبر

# نصوح جي توبہ

هڪ شخص، جنهن جو نالو ”نصوح“ هو، ان جو آواز هلڻ چلڻ، اٿڻ، ويهڻ، شڪل ۾ مهانڊو عورتن جهڙو هو. هو لباس بہ زنانو پائيندو هو. جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندو هوتہ برقعو پائي نڪرندو هو، هن زنانہ حمام ۾ ڪم ڪرڻ جو پيشو اختيار ڪيو، هو امير زادين ۽ وڏن ماڻهن جي عورتن کي وهنجارڻ جو ڪم ڪندو هو. انهي ذليل ڪم لاءِ سندس ضمير ڪيترائي دفعا مٿس ملامت ڪري چُڪو هو مگر سندس نفس سرڪش ڪيس توبهہ تائب ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن نصوح هڪ بزرگ وٽ ويو، دعا گهرڻ لاءِ التجا ڪيائينس. .. هو خدا رسيده مرد هن جي ڪڌن ڪرتوتن کان واقف ٿي چڪو هو. مگر اهڙن خدا جي يارن جي لبن تي خاموشيءَ جي مهر لڳل هوندي آهي. هو ڪنهن بندي گندي جي پرده دري نہ ڪندا آهن الله تعالیٰ هنن جي سيني کي اسرارن جو دفينہ بنائي ٿو.

هر کہ را اسرار حق آمو ختند
مهر کردند و دهانش دوختند

بزرگ نصوح جي التجا ٻڌي، ڪيس چيو تہ، شال خدا توکي توبہ ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري.

آن دعا از هفت گردون در گزشت
کار ان مسکين بآخرخوب گشت

عارف جي دعا، عام ماڻهن جي دعا جهڙي نہ آهي، هُو لب کان نڪرڻ سان اجابت (قبوليت) جو جامو پائي ٿي.

نصوح اُتان اٿي جڏهن حمام ۾ آيو، تہ بادشاهہ جي نياڻي وهنجڻ آئي. خدا جي قدرت انهيءَ جو هڪ قيمتي موتي گم ٿي ويو. جو معمولي تلاش بعد نٿي لڌو. آخر فيصلو ٿيو تہ حمام ۾ جيڪي بہ عورتون آهن انهي جي جان جا سڀ ڪپڙا لاهي تلاش ورتي وڃي.

درشگافِ فرق و تحت و هر طرف
جستجو گردند در از هر صدف

هيءَ حالت ڏسي نصوح جون ٻہ ٻہ ويون ڇهہ بہ ويون، چهرو زرد ٿي ويس، بدن سرد ٿي ويس، سمهي رهيو هو تہ اجهو ٿو پردو فاش ٿئي. سر ٿو ڌڙ کان ڌار ٿئي. هُو چوڻ لڳو تہ ياالله! جيترو مان گنهگار آهيان، اوترو ٻيو ڪوبہ نہ آهي، ڪاش! منهنجي ماءُ مون کي نہ ڄڻي ها، مون کو بگهڙ يا شينهن کائي وڃي ڇڏي ها، تہ منهنجي جند اهڙا عذاب نہ سهي ها، جهڙا هاڻي سهڻا پوندم، ياالله! جو مون بدڪار کان پڳو ٿي سو ڪيم، هاڻي تون اُهو ڪر جيڪو تنهنجي ستاريءَ جي شايان شان هجي. مان بارها توبهہ ڪئي آهي، مگر ثابت نہ رهيس، هن دفعي مون کي هن لذت ۽ خواري کان بچاءِ آئينده توبهہ ٿو ڪريان تہ اهڙو ڪڌو ڪم نہ ڪندس.

هُو انهيءَ آه زاريءَ ۾ هو تہ آواز آيو تہ اي نصوح! هاڻي تنهنجو وارو اچي ويو آهي، تلاشيءَ لاءِ تيار ٿي، هي آواز ٻڌي هو حواس باختہ ٿي ڪري پيو.

جان بحق پيوستہ چون بيهوش شد

موج رحمت آن زمان در جوش شد

جڏهن هو خودي کان لنگهي ويو، تڏهن الله جي رحمت جوش ۾ آئي. .. ايتري ۾ هڪ ڪينزڪ شاهي حڪم ڏنو تہ موتي لڀي ويو، هاڻي ڪنهن جي تلاشي نہ ورتي وڃي. انهيءَ آواز کان سيني حمام وارن خوشيءَ جو نعرو هنيو، جنهن جي آواز تي نصوح بہ هوش ۾ آيو. پوءِ سڀ عورتون نصوح ڏانهن پڇنديون آيون، معاف ڪجانءِ اجايو بدگماني کان تنهنجي تلاشي ورتي ٿي وئي.... .اصل ڳالهہ هيئن هئي تہ شهزاديءَ کي وهنجارڻ ۽ سينگارڻ جو ڪم نصوح جي هٿ هو، تنهن ڪري سڀ ڪو ئي هن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو، جيئن تہ هو شهزادي سان گهڻي لهہ وچڙ ۾ هوندو هو تنهن ڪري سيني جو گمان هو تہ، موتي نصوح کنيو آهي. سڀ کان اول هن جي تلاشي ورتي وڃي ها، مگر شهزادي جو خيال هو تہ هن کي موتي اچلائي ڇڏڻ جو موقعو ڏجي، جيئن شرمسار ٿيڻو نہ پويس، چاڪاڻ جو شهزاديءَ جو مٿس پيار هو، نصوح دل جو دل ۾ چوڻ لڳو تہ مون کان معافي ڇو ٿي ورتي وڃي، حقيقتاً مان وڏي ۾ وڏي سزا جو لائق آهيان. منهنجا ڏوهہ هڪ مون کي معلوم آهن ۽ ٻيا خدا تعالىٰ ستار و غفار کي! مان گناهہ ڪندو رهيس، جو ستار منهنجي پرده پوشي ڪندو رهيو. هاڻي مون کي سچي توبهہ جي طاقت ڏني اٿس. هاڻي مان جيتري قدر مولىٰ سائين جو شڪر ادا ڪريان، اُهو ٿورو آهي جيڪڏهن منهنجو هڪ هڪ وار زبان بنجي وڃي تہ بہ سندس شڪر ادا ڪري نہ سگهبو، مطلب تہ نصوح باعزت حمام کي ڇڏي گهر پهتو... .

ان کان پوءِ شهزاديءَ ڪنيزڪ موڪليس تہ اچي مون کي وهنجاري، نصوح ڪنيزڪ کي چيو تہ وڃي شهزادي کي چوي تہ منهنجو هٿ بيڪار ٿي پيو آهي بيمار ٿي پيو آهيان.. . .

گفت رو رو دست من بيڪار شد

وين نصوح تو ڪنون بيمار شد

هاڻي اِها خدمت ڪنهن ٻئي کي سپرد ڪئي وڃي، دل ۾ چوڻ لڳو تہ خدا خدا ڪري مس موت جي منهن مان ڇٽو آهيان مون هاڻي دل و جان سان توبهہ ڪئي آهي، بس منهنجي جان وڃي تہ وڃي مگر توبهہ نہ ٽوڙيندس، آخر هو توڙ تي قائم رهيو ۽ ڪڏهن بہ حمام ڏانهن نہ ويو.

## بيت

اوڳي نہ ڇڏ تون ائٽ الاٽي
توبہ توبہ ڪيو تند تاڻي
لينجهہ پڙي ڪڍ ڇني ڇاڻي
هردم حق جي تند تنوار
چرخو چوري ڪرت ڪا تار!

# بادشاهہ ۽ ٻہ غلام

هڪ بادشاهہ وٽ ٻہ غلام هئا، جي نهايت حسين ۽ هر هڪ هنر ۾ قابل هئا. خوشي نويسي ۾ عماد جا آقا، نظم ۾ نظامي جا ثاني، مصوريءَ ۾ بهزاد و ماني، تدبير ۾ نظام الملڪ، دانشمندي ۾ ارسطو، حڪومت ۾ افلاطون، لغت ۾ جوهري، فصاحت ۾ سبحان ڪي شهہ ڏيڻ وارا هئا. مطلب تہ هو همدان هئا ۽ هڪ ٻئي کان زور. هڪ ۾ البت گهڻ وڌ ڳالهہ ڪرڻ جي عادت هئي. باقي ٻئي ۾. ڪو بہ عيب ظاهر ڪونہ هو.

بادشاهہ ٻنهي تي ڏاڍو مهربان هو، هڪ ڏينهن خيال ڪيائين تہ هنن جي باطني ڪمالات جو امتحان وٺجي، هڪ ڏينهن گهڻ وڌ ڳالهہ ڪندڙ نوڪر کي سڏي اڪيلائي ۾ چوڻ لڳو تہ، يارا! تنهنجو هو دوست (ٻيو غلام) تنهنجي پرپٺ تنهنجي ڏاڍي گلا ڪري ٿو، جي ڪوڙو حقير ۽ چور آهي. بادشاهہ جي انهن ڳالهين کي هي ڏاڍي غور سان ٻڌي رهيو هو ۽ چوڻ لڳو تہ، حضور منهنجو دوست تہ وڏو با حيا، سچو، خوش خلق ۽ نيڪ آدمي آهي. ممڪن آهي تہ، اِهي عيب مون ۾ هجن، نہ تہ هو جيڪر چو ائين منهنجي نالي چوي.اِهو ٻڌي بادشاهہ هن کي چيو تہ دور ٿي وڃي پردي جي پنيان لڪي ويهہ. ان کان پوءِ بادشاهہ سندس ٻئي سنگتي کي گهرايو ۽ چيو تہ تنهنجو سنگتي عيبن جا دفتر کولي، مون کي ٻڌايو رهيو هو تو کي غدار، مڪار، چور، ڪوڙو مطلب تہ الائجي ڇا جو ڇا سڏي رهيو هو. اِهو ٻڌي هو تپي باهہ ٿي ويو، وات مان گف وهڻ لڳس، پنهنجي دوست کي ڏاڍو گهڻ وڌ ڳالهائڻ لڳو. . . ان تي بادشاهہ چيس تہ بس ڪر، خاموش رهہ، مون کي تنهنجي عادت جي خبر پئجي چڪي  مون کي ڏسڻو هو تہ ظاهري سهڻا تہ ٻئي آهيو، مگر سيرت ڪنهن جي سهڻي آهي، پتو پئجي ويم تہ هو دل جو آهي نيڪ ۽ سعيد، تون آهين شيطان ۽ پليد. هُن جي سهڻي سيرت، سندس مرتبو مون وٽ وڌايو ۽ تنهنجي بدگوئي تنهنجو درجو مون وٽ گهٽايو.

سچ آهي تہ جو شخص پنهنجي عيبن کي نٿو ڏسي، مگر ٻين جي عيب جوئي ٿو ڪري، اُهو وڏو بيوقوف ۽ مغرور ۽ متڪبر ٿئي ٿو تنهن ڪري بد صورت، نيڪ سيرت انسان، خوبصورت، بد سيرت انسان کان هزارها درجا بهتر آهي.

رسول ڪريم ﷺجن فرمايو آهي تہ، ان الله لاءِ ينظر الیٰ صورکم، ولکن ينظر الیٰ قلوبکم خدا توهان جي شڪلين ڏانهن نظر نٿو رکي، مگر اوهان جي دلين کي ڏسي ٿو.

**بيت**

صورت سهڻا ڪيترا ٿاٿا سندن ٿوهہ
ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪامي مري

# شعر

سهڻا تہ سوين ٿوهہ پٽن تي پيا آهن!
سيرت نہ جنهين يار ۾ سو يار ڪبو ڇا؟
ٿوهہ جو ڏس رنگ ان جو ذائقو پڻ ڏس چکي
سهڻي صورت کان برادر! سهڻي سيرت اٿئي چڱي

# مسلمان ۽ هڪ گبر

حضرت بايزيد بسطاميءَ جي زماني ۾ بسطام ۾ هڪ گبر (آتش پرست) رهندو هو. جنهن جي هڪ مسلمان سان دوستي هئي مگر ان مسلمان جا حال اهڙا هئا. جو جن ڳالهين کان اسلام منع ٿي ڪئي. تن ڪي زور ڏئي پورو ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن پنهنجي دوست گبر کي چيو ته، اي يار! قبر جو خوف ڪر، خدا کان ڏر. آتش پرستي ڇڏي ڏي، اسلام سان دل ڳنڍي ڏي. باهه توکي ڪهڙو ڪم ڪري ڏيندي. پلي  تون سوهه ورهيه سندس پوڄا ڪر، مگر هو توکي دم اندر جلائي خاڪ ڪندي. هن کي دوست دشمن سڃاڻڻ جي تميز ئي ڪانهه آهي. جيڪو ماڻهو الله سان شرڪ ڪري ٿو، اهو قيامت جي ڏينهن بنا پڇا ڳاڇا جي نارِ جهنم جو ٻارڻ ٿيندو. . . . بس خدا کي مڃ آتش پرستي ڇڏ. . . .

انهيءَ تي دوست آتش پرست چيو ته، منهنجي اڳيان اسلام جا ٻه نمونا آهن، هڪ آهي، بايزيد جو اسلام جنهن مان واقعي دين جي عظمت ۽ شوڪت معلوم ٿي ٿئي. تنهن کان سواءِ سڀ ڪنهن سان محب رکڻ، حلال ڪائڻ، حرام کان بچڻ، غير ڏانهن نه ڏسڻ، هر وقت الله الله ڪرڻ. . . ڪهڙا نه عمده ڪم سجهن ٿا، مگر افسوس ته مون ۾ ايتري طاقت ڪانهه آهي، جو ايمان آڻيان. اهڙي اسلام جو آءٌ بيشڪ غلام آهيان مگر ٻيو اسلام جو تون پنهنجي اعمال سان پيش ڪري رهيو آهين، ان کان ته ڪافر رهڻ ئي بهتر آهي. نفس ته چاهي ٿو، ته تو جهڙو ٻڻجي پوان، مگر ضمير ملامت ٿو ڪري، اسلام واقعي فطري مذهب آهي، هر ذي شعور سليم الفطرت انسان، دل انهيءَ جو گرويده آهي، مگر افسوس ته مسلمانن پنهنجي بد اعمال سان، غير مسلمن کي بدظن ٻڻائي ڇڏيو آهي.

آنکہ صد ميلش سوئي اسلام بود
چون شمارا ديد آن باطل نمود

جيڪڏهن مسلمان صحيح مسلمان ٻڻجي پنهنجي اعمال صالحه سان سني طرح هلن ته، ماڻهو خود بخود اسلام اڳيان سر تسليم خم ڪن، مگر اڄ ڪلهه ته مسلمانن جو هي حال لڳو پيو آهي ته،

منهن ۾ مسلمان، اندر ۾ آزر آهين،
دغا رکن دل ۾ شرڪ ۽ شيطان.

# بيچڙي آواز وارو بانگو

هڪ بانگ ڏيندڙ، مگر بد آواز هوندو هو، هن جو ڪڙڪيدار آواز ماڻهن کي ڏڪائي ڇڏيندو هو. هو رات جو جڏهن بلند آواز اذان ڏيندو هو، ته ٻڌڻ وارن جي ننڊ حرام ٿي ويندي هئي. مٿي ۾ سور پئجي ويندو هون. ننڍا ٻارڙا ته ڇرڪ ڀري دڄي ويندا هئا. پاڙي وارا ته هن کان سخت متنفر هئا. آخر تنگ ٿي پاڻ ۾ صلاحون ڪيائون ته هن کي ڪنهن بهاني سان هتان ڪيجي پاڻ ۾ چندو گڏ ڪري، گهڻائي رپيا هن جي حوالي ڪري چيائونس ته، حضرتا توهان گهڻي ئي ديني خدمت بجا آندي آهي، هاڻي ڪجهه عرصو آرام ڪريو، قافلو مڪي معظم ڏانهن وڃي رهيو آهي، توهان به ان سان گڏ حج روانا ٿيو.

موذن صاحب حج ڏانهن روانو ٿي ويو، واٽ ۾ هڪ ڳوٺ آيو، جنهن ۾ ڪافر گهڻي انداز ۾ رهندا هئا. موذن صاحب ماٺ ڪرڻ وارو ڪٿي هو، وچ ڳوٺ ۾ بيهي بانگ ڏنائين، هن پنهنجي دل ۾ ائين ٿي سمجهيو ته مان وڏو خوش آواز آهيان. . . . جڏهن هو بانگ ڏئي پنهنجي جاءِ تي ويو ته ٿوري ئي وقت بعد هڪ مجوسي ڪجهه مٺائي، ڪپڙا ۽ رپيا ڪٺي تلاش ڪندو، قافلي ۾ اچي نڪتو ۽ ماڻهن کان پڇڻ لڳو ته اُهو صاحب ڪٿي آهي، جنهن بانگ ڏني هئي.. . . ماڻهن چيو ته چو؟ ان ۾ ڪهڙو ڪم اٿئي. هن چيو ته مان شڪر گذار آهيان هي نذارنو سندس لاءِ آندو اٿم، سيئي حيران ٿيا ته هي يار به ڪو بودلو آهي، جو ههڙي بد آواز ماڻهوءَ جي آواز تي مست ٿي، ڪيس نذرانو ڏيڻ آيو آهي. مگر مجوسي چين ته يارو حيرت ۾ نه پئو، ڳالهه هي آهي ته منهنجي ڌيءُ کي اچي خيال ٿيو ته مان اسلام قبول ڪريان، مون ۽ ٻين هن کي گهڻو ئي سمجهايو، مگر اسلام جي محبت هن جي دل ۾ جائگزين ٿي وئي هئي، جنهن ڪان مان ڏاڍو منجهي پيو هوس، مگر اڄ جڏهن اوهان جي هن بد آواز ملان بانگ ڏني، تڏهن هن پڇيو ته اِهو ڇا آهي؟ مون ۽ ٻين هن کي ذهن نشين ڪيو ته، اِها اسلام جي بانگ آهي، جا پنج وقت ڏيندا آهن. ڇوڪريءَ جي دل تي ملان جي آواز جو اهڙو ته اثر پيو جو هو اسلام کان باغي ٿي وئي. بس اي موذن آءٌ تنهنجو شڪر گذار آهيان، جو تون منهنجي ڇوڪريءَ کي مشرف باسلام ٿيڻ کان بچائي ورتو. . . . اڄڪلهه جا مسلمان جنهن نموني سان هلي رهيا آهن انهيءَ کان ٻيون قومون بجائي محبت جي نفرت ڪنديون رهن ٿيون.

# حضرت لقمان ۽ خواجه

لقمان حڪيم رنگ جو ڪارو، مگر عقل جو روشن هو. ان وقت جي دستور موجب هو هڪ لڙائي ۾ گرفتار ٿي، غلام بڻجي وڪامندو وڪامندو، هڪ تاجر وٽ آيو. هن کي اِها خبر نہ هئي تہ، هيءُ ڪو لقمان حڪيم آهي. کيس گاري جي ڪم تي مقرر ڪيائين. هڪ دفعي تاجر پنهنجي سيني غلامن کي چيو تہ، باغن مان وڃي ميوا چونڊي اچو. هنن شريرن ڇا ڪيو جو، ميوا چونڊي کائي پنهنجو پيٽ پري ويهي رهيا، مگر پنهنجي آقا تاجر کي چيائون تہ لقمان سڀ ميوا اسان کان کائي ويو آهي. تاجر ان تي ڏاڍو ڏمريو، ان تي لقمان با ادب عرض ڪيس تہ، آقا! جي ميوا کائڻ مون تي ثابت ٿين تہ مان بيشڪ اوهان جي وڏي ۾ وڏي سزا جولائق آهيان. مان اوهان کي هڪ تدبير ڏسيان ٿو. جيڪڏهن هن تي عمل ڪندا تہ چوري ظاهر ٿي پوندي. تاجر چيو تہ اها ڪهڙي رٿ رٿي اٿئي؟ لقمان چيو تہ، سائين پاڻيءَ ۾ ٿوم جو ڳنڍو وجهي، ان کي گرم ڪري، اهو گرم پاڻي اسان سيني غلامن کي پيار، ٿوري ويرم بعد سيني کي الٽي ٿيندي، جنهن جيڪو کاڌو هوندو، سو نڪري نروار ٿيندو. . . . بس پوءِ چور چور ٿيندا پاڳيا پاڳيا ٿيندا. . . لقمان جي اها رٿ سندس آقا تاجر کي پسند آئي تنهن ڪري پاڻي پيارڻ سان سيني غلامن کي الٽي شروع ٿي. لقمان کان سواءِ سيني غلامن جي پيٽ مان تازا کاڌل ميوا نڪري پيا. آقا سيني غلامن کي جوڳي سزا ڏني ۽ لقمان کان معافي ورتائين، ۽ کيس چيائين تہ آئينده منهنجي گهر جو سارو انتظام تنهنجي مٿي تي آهي، تون ئي سفيد و سياهہ جو مالڪ آهين، مان ڪجهہ دخل نہ ڏيندس. جهڙي طرح لقمان جي حڪمت سان چوري کاڌل ميوا پيٽ مان ظاهر ٿيا، تهڙي طرح روز جزا بہ سيني جي پيٽ مان حرام وحلال جو کاڌل پيٽ مان نڪري نروار ٿيندو. هيءَ تہ مولیٰ مهربان، عالم الغيب جي، ستاري ۽ مهرباني آهي، جو اسان کي رسوا نٿو ڪري، ورنہ اسان جا سمورا حال ۽ فعل هن کي ذري پرزي معلوم آهن.

ستر ڪر ستار، اسين اگهاڙا آهيون
ڍڪج ڍڪڻهار، ڏئي پاند پناهہ جو.

# حضرت لقمان ۽ ڪوَڙو گدرو

گردش ايام سبب لقمان هڪ غلام ٿي وڪاڻو، مگر هو پنهنجي دانائي ۽ حڪمت سان، پنهنجي آقا کي پنهنجو غلام بنائي چڪو هو، سندس آقا تيستائين نہ کائيندو هو جيستائين، لقمان کيس کائڻ لاءِ نہ ڏيندو هو. جڏهن هو کائيندو هو، تڏهن اڳ ۾ لقمان کي کارائيندو هو پوءِ پاڻ کائيندو هو. هو فخر سان چوندو هو تہ آءٌ لقمان جو، اوبر کائيندڙ آقا آهيان. هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو لقمان جي مالڪ وٽ هڪ گدرو بطور سوغات کڻي آيو، آقا دستور موجب اول هڪ ڦاڪ ڪپي لقمان کي ڏني، لقمان کاڌي تہ آقا وري ٻي ڏنس اهڙي طرح سڀ ڦاڪون لقمان کي کارائيندو ويو، باقي هڪ ڦاڪ پڇاڙيءَ واري پنهنجي وات ۾ وڌائين. جيئن تہ گدرو تمام ڪوڙو هو، تنهن ڪري چڪندئي کيس ٻاهر ڦٽي ڪيائين. . . . مالڪ لقمان کي چيو تہ، مان حيرت ۾ آهيان تہ تون هي ڪوڙو زهر جهڙو گدرو کائيندو رهئين، مگر ائين نہ چئي تہ هي کائڻ جهڙو نہ آهي. . . .

لقمان چيو تہ، حضور! توهان مون کي خوشيءَ سان ڏيندا ويا، آءٌ کائيندو رهيس، اوهان جو هٿ کيئن موٽايان، تنهن کان سواءِ توهان جي مبارڪ هٿن سان ڪيئي منيون ۽ لذيذ چيزون کائي چڪو آهيان تنهنڪري واجب نہ جاتم تہ توهان جي هٿ سان ڏنل ڪوڙي شي کائڻ کان انڪار ڪريان، انسان الله تعاليٰ جي ڏنل هزارها نعمتن مان مستفيد ٿئي ٿو، جيڪڏهن هو ڪنهن هڪ تلخيءَ کان شڪايت ڪري تہ ان کي حيف آهي.

## بيت

پريان سندي يار جي مڙئي منائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيٽ ڪري

# حضرت بايزيد ۽ نامراد مريد

حضرت بايزيد بسطامي رحمت الله عليه هڪ رات بيخوديءَ جي عالم ۾ چيو ته، لااله الا انا فاعبدون" يعني ته آءٌ خدا آهيان، منهنجي عبادت ڪريو، صبوح جو مريد عرض ڪيو ته "قبلا رات اوهان هي ڪهڙا ڪلما ڳالهايا، حضرت ڪين چيو ته، بيهر جڏهن اهڙا لفظ منهنجي واتان نڪرن ته هڪدم منهنجو سرڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏجو، هڪ دفعي وري بايزيد سڀوري تي ساڳي طرح بيخودي جي حالت طاري ٿي.

عشق آمد عقل او آواره شد
صبح آمد شمع او بيچاره شد
عقل خود شنحه است چون سلطان رسيد
شحنه بيچاره در ڪنجي خزيد

عشق غلبو ڪري ٿو، عقل گم ٿي وڃي ٿي، عقل جو ڻاڻيدار، عشق جي بادشاهه اڳيان ڪٿي ٿو بيهي. عالم بيخودي ۾ وري بايزيد جي واتان نڪتو.

نيست اندر مجبه ام الا خدا
چند جوئي در زمين و در سما

اِهي الفاظ ٻڌي، سيئي مريد ڇرين سان، بايزيد بزرگ تي پلتجي پيا، چوطرف مٿس حملو ڪري ڏنائون مگر خدا جي قدرت ته بزرگ سڀوري ڪي ته ڪجهه ڪونه ٿيو باقي مريد ڦٿجي پيا ۽ ڪيترائي مري پيا، جنهن مريد بزرگ ڪي جنگهه ۾ ڇري ٿي هنئي ته جنگهه ان مريد جي ٿي لٿي، جنهن شيخ ڪي سسي تي ڌڪ هنيو ته سسي وري سندس وڃي ٿي وئي الغرض سيئي مريد هڪ ٻئي جي هٿان مري چڪا سندن خون سان فرش رنگين ٿي ويو هو. صبوح ٿيو ته مقتولين جا وارث اچي مڙيا ۽ چوڻ لڳا ته هي ڪهڙا نه نادان هئا، جيڪڏهن شيخ جو جسم به عام ماڻهو وانگر هجي ها ته وڃي وڃي ها. . .

جيڪو شخص الله وارن بزرگن تي حملو ڪري ٿو، اُهو خود پنهنجي هٿان پاڻ مري ٿو، مگر درويشن جو ڪجهه به نٿو بگڙي، بزرگانِ دين آئيني وانگر آهن، جنهن ڪي اُهي سنا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اُهي خود چڱا آهن، مگر جيڪي پاڻ ئي بُرا آهن، تن ڪي هو درويش برا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

الله وارن سان گستاخي ڪندڙ ۽ حملو ڪندڙ خود پاڻ ڪي نقصان رسائين ٿا.

## بيت

وجهي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي

# وفا جو امتحان

مصر ۾ هڪ الله جو پيارو ولي ”ذوالنون“ مصري پنهنجي وقت جو امام ۽ قطب ٿي گذريو آهي، هڪ دفعي بيخودي ۾، گريبان چاڪ ڪيائين، جبّو ۽ دستار لاهي ڇڏيائين تسبيح ڇني ڇڏيائين، مدرسه ۽ خانقاهه ڇڏي، بازار ۾ ڀٽڪڻ لڳو. انهي سندس روش کان ماڻهو تنگ اچي، بادشاهه وٽ شڪايت ڪرڻ لڳا، جنهن مجبور ٿي، ذوالنون کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن ڪيس قيدخانه ڏانهن وٺي ويا، تڏهن سندس مريد سعيد ۽ شاگرد رشيد، رئندا رئندا، سندس پنيان جيل ڏانهن هلڻ لڳا. هو چوڻ لڳا ته، ههڙي ڪامل ولي تي ههڙو غلبو ٿيڻ، انهيءَ ۾ به ڪو راز آهي. خلقت سندس وقت ضايع ڪندي هئي. تنهن ڪري پاڻ کي چريو بنائي يڪسوئي ۽ خلوت لاءِ اهو حيلو ڪيو اٿس. . .

آخر انهن مان ڪي، ادب کي بالائي طاق رکي، چوڻ لڳا ته حضرتا! اسان اوهان جا صادق ۽ محب دوست آهيون، اسان کي مهرباني ڪري ٻڌايو ته هي رنگ جو رچايو اٿو، انهيءَ ۾ ڪهڙو راز آهي. بزرگ دل ۾ سوچيو ته هي منهنجو دلي راز فاش ڪرڻ ٿا گهرن. چو نه هنن جي وفاداري ۾ محبت جو امتحان وٺان، اهو پهه پچائي، ڪنهن کي پٿر هنيائين ڪنهن کي لت وهايائين، ڪنهن کي لٺ وهايائين، بس جنهن کي ڌڪ لڳو ٿي، سو پوئين پيرن ڀڳو ٿي، نه رڳو اُهي مگر ٻيا مريد به وٺي ڀڳا، هن کي ڀڄندو ڏسي حضرت ذالنون ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته هي آهن منهنجا وفادار مريد ۽ دوست! ٻين ماڻهن کي چوڻ لڳو ته هنن جي وفا ۽ صداقت ڏٺو، هاڻي هنن جي وحشت ۽ دغا به ڏسو. سون جي خبر ڪسوٽي مان پوندي آهي، دوست جي خبر مصيبت ۾ پوندي آهي:

ني نشانِ دوستي شد سرخوشي
دربلا و محنت و آفت کشي

سچ چيو اٿن ته:

دوست سڏائي سيڪو جاني زباني
آهي آساني ڪم پئي تي ڪل پوي

# شيخ احمد جي سخاوت

شيخ احمد حضرويہ رضہ جهان رسيده بزرگ ۽ دريا دل درويش هو. غريبن جي امداد ڪرڻ وقت، قرض ڪڻڻ کان بہ نہ ڊڄندو هو. جڏهن ڪجهہ هٿ ايندو هوس تہ پائي پائي ڪري پري ڏيندو هو.

گفت پيغمبر ڪہ در بازار ها
دو فرشتہ مي ڪند دائم ندا

پيغمبرﷺ جو ارشاد آهي، تہ بازارين ۾ بہ فرشتا دائمي هيءَ صدا هڻندا رهندا آهن تہ:

ڏي سخين کي تون خدا يا رزق جال
تلف ڪر ليڪن بخيلن جو تون مال

جڏهن شيخ موصوف جي لاڏاڻي جو وقت آيو ۽ سندس زندگي جو پيالو پر ٿي هارجڻ تي هو، سندس حياتي جي شمع وسامجڻ تي هُئي، ان وقت سندس لهڻيدار ڪانئس قرض وصول ڪرڻ لاءِ چو گرد ويڙهي ويهي رهيس. شيخ صاحب وٽ ان وقت ڪجهہ بہ ڪونہ هو. جو لهڻيدارن کي ڏئي. . . هنن سختيءَ سان قرض گهرڻ شروع ڪيو هُو نااميدي کان بار بار شيخ کي تنگ ڪري رهيا هئا.

شيخ گفت اين بدگمانان را نگر
نيست حق را چار صد دينار زر

افسوس! هنن بدگمانن کي اهو بہ ويچار نٿو ٿئي تہ، ڇا خدا وٽ چار سوَ دينار بہ ڪين آهن، جو موڪلي. . . . .

انهيءَ وچ ۾ هڪ حلوي وڪڻڌڙ ڇوڪرو حلوي جو ٿالهہ ڪڻي اُتان هو ڪو ڏيندو لنگهيو، شيخ سڪرات الموت ۾ بہ، نوڪر کي اشارو ڪيو تہ، سمورو ٿالهہ حلوي جو وٺي هنن کي قرض خواهن اڳيان رک تہ ڪائي موج ماڻين، قضا جي تلخي، ڪجهہ گهٽ ٿئين، اڌ دينار حلوه جي قيمت ٺهرائي وئي، قرض خواهن کي چيو ويو تہ ڪائو، هي حلوه اوهان لاءِ حلال آهي، بس هو جهٽ پٽ حلوه ڪائي ويا، حلوائي، قيمت جي گهر ڪئي:

شيخ چيو آڻيان ڪٿان هاڻي درهم
مان وجي آهيان رهيو سوئي عدم

ڇوڪرو غم و غصي ۾ اچي منهن مٿو پٽڻ لڳو ۽ سٽرن تي هٿ هڻڻ لڳو، چوڻ لڳو تہ هي ڏسو صوفين جا حال! ڪتن وانگر حريص، ٻلن وانگر منهن صاف رکندڙ! اي انسانو! ڏسو مون سان ڪيڏو نہ ويل وهايو ويو آهي، مون کي تہ منهنجي استاد ماري ڦٽائي ڇڏيندو، غوغاءُ ٻڌي ماڻهو جمع ٿيڻ لڳا، قرض گهرندڙ بہ زور زور سان گهرڻ لڳا، ڪي جو ڪي بڪڻ لڳا.

در شب مهتاب مہ دار برسماڪ
از سگان عَوَ عَوَ ايشان چہ باڪ
مصطفیٰ مدمي شگافہ نيم شب

زاز مي خايد نہ کنيہ جو لهب

روشنائي واري رات ۾ ڪتا چنڊ ڪي ڏسي ڀونڪندا آهن، مگر هو چنڊ جو ڇا ٿا بگاڙي سگهن. رسول الله ﷺ جن اشاري سان چنڊ کي ٻہ ٽڪرا ڪري ڇڏيو، مگر ابولهب تہ بڪڻ لڳو، ڀلا حضور صہ جن کي ڇا ڪري سگهيو، هر هڪ نبيءَ ۽ ولي پنهنجي فطرت موجب ڪم ڪندو رهي ٿو. . ..

قرض خواهہ لڙ مچائي رهيا هئا، ڇوڪرو روئي رهيو هو، حضرتا بہ ٻوين ٻساهن ۾ هو، ايتري ۾ هڪ عقيدت مند مريد ڪان هڪ خونچو ٻرجي آيو، جنهن ۾ چار سو دينار هئا. هڪ ڪاغذ ۾ اڌ دينار جدا ويڙهيل هو. شيخ صاحب فرمايو تہ يارو اچو پنهنجي رقم وٺو، خدا تعاليٰ مون کي توهان سان سنمک ڪيو. الحمدلله

قرض خواهہ اِها روداد عين موقعي تي ڏسي ڏاڍا لڄي ٿيا ۽ ڀڪارڻ لڳا تہ، ياالله! اسان انڌا ۽ ٻوڙا ٿي ٻياسين، تنهنجين راز کي نہ سمجهيوسين، اسان ڏاڍيون فضول ڳالهيون ڪيون، تنهنجي ولي ڪامل کي گهٽ وڌ ڳالهايوسين ۽ تنگ ڪيوسين. وري شيخ کي چوڻ لڳا تہ سائين اسان ڪان جيڪا خطا ٻئي سا معاف ڪر، اسان ڏانهن سينو صاف ڪر. .

شيخ صاحب چيوتہ، مون اوهان کي معاف ڪيو، مشڪل هن ڇوڪري جي گريہ و زاري سبب آسان ٿي هن جي روئڻ ڪان خدا جي بخشش جو درياءَ جوش ۾ آيو ۽ فرض ادا ٿي ويو.

جي روئي ها ڪين هي حلوه فروش
بحرِ بخشش ۾ اچي ها ڪين جوش

خدا جي درگاهہ ۾ روئي زاري نيزاري ڪرڻ مراد جي حاصل ڪرڻ جو وڏو وسيلو ۽ ضمانت آهي:

## شعر

رب جي در تي جو روئي ٿو گهري دل سان دعا
بس دعا ان جي ڪري مقبول ٿو هڪدم خدا

# مفلس جو شڪوو

هرات جو نواب، عماد الملڪ، وڏين خوبين جو مالڪ هو، سندس دريا دلي، فياضي ۽ خوشي اخلاقي کان رعيت، مسافر، واپاري، مطلب تہ سڀ انسان خوش هوندا هئا هو وقت جي بادشاهہ جو ڏاڍو وفادار هو. بادشاهہ جو بہ مٿس هر طرح اعتبار هو. عماد الملڪ کي پنج سو وفادار غلام هئا جن کي هو، پنهنجي پٽن وانگر سکيو ستابو رکندو هو. سندن زيب و زينت لاءِ سونا زيور، زرين پٽا، عمدا ڪپڙا، سنا سنا طعام هر وقت تيار هوندا هئا. هنن شاندارن جون ٽوليون بازار ۾ چڪر لڳائي رهيون هيون تہ هڪ غريب، جو بک کان مانڊو ۽ انگ اگهاڙو هو، ان هنن کي ڏسي ورتو، پڇيائين تہ، هي رئيس زادا ڪٿان جا آهن؟ جواب مليس تہ هي رئيس تہ ڪين آهن، مگر هرات جي نواب جا زر خريد غلام آهن. اهو ٻڌي، هن جا ڏند چپن سان لڳي ويا ۽ آسمان جي طرف منهن ڪري چوڻ لڳو تہ، اي خدا! مون پنهنجي بي نوا ۽ هيڻن حالن واري بندي کي تہ ڏس، سردي کان ڄاڙيون ڪڙڪي رهيون آهن، بک کان آنڊا قل هوالله پڙهي رهيا آهن، عماد الملڪ کي تہ ڏس تہ هو ڪيئن پنهنجي بندن کي خوش پوشاڪ ۽ با احتشام رکي ٿو، ياالله بنده نوازي عماد الملڪ کان سک (نعوذ بالله) خالق ۽ مالڪ ٿيڻ تہ آسان آهي مگر بنده پرور ۽ بنده نواز ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

تقدير الاهي سان عماد الملڪ جو ستارو غروب ٿيڻ لڳو، بادشاهہ ڏانهس بد ظن ٿي ڪيس قيد ڪيو، سندس مال ملڪيت ضبط ڪيائين. سندس وفادار نوڪرن کي مصيبتون ۽ درد ڏئي مارائي ڇڏيائين، انهيءَ ڏوهہ ۾ تہ هو پنهنجي آقا عماد الملڪ جو راز بادشاهہ نٿا سلين. . .

هو غلام مصيبتون سهندا رهيا، سندن سر تلوارن سان لهندا رهيا، مگر پنهنجي آقا جو ڪوبہ راز ظاهر نہ ڪيائون، هيءَ حالت شڪوه ڪندڙ بي نوا پنهنجي اکين سان ڏسي چڪو هو، هن دردناڪ واقعي کان بيهوش ٿي ويو ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هاتفي آواز آيس تہ:

گفت اندر خواب هاتف کا کيا

بنده بودن هم بيا موزد بيا

اي خدا کي طعنا هڻندڙ! هنن غلامن جي وفاداري ڏس ۽ تون اهڙو ئي بندو ٿيءُ.

ڪيئن ٿجي بندو هنن کان سک ميان

ڏي نہ طعنا رب کي ڏرڪو ڏيان.

بندگي تنهنجي ۾ آهن نقش ڪي

ورنہ بنده پروري رب ٿو ڪري.

# صابرين عورت

هڪ عورت هر سال هڪ ٻچڙو ڄڻيندي هئي. مگر خدا جوشان، جو ولادت بعد ٻن مهينن کان پوءِ اُهو ٻار مري ويندو هوس، اهڙي طرح اٺويهه ٻار مري چڪس، جڏهن ويهون ٻار بہ فوت ٿي ويس، تڏهن ڏاڍو صدمو رسيس، هو غم ۾ اوندهہ کان بيخود ٿي چوڻ لڳي تہ، ياالله! مون بيڪار بنديءَ کان ڪهڙي خطا ٿي جو، سال ۾ نو مهينا حمل جي تڪليف سهان ٿي، اميد جو درخت جڏهن ميوو پچائي ٿو، تڏهن فقط ٻہ مهينا انهيءَ جو بهار ڏسڻ نصيب ٿئي ٿو. منهنجي اميد جي باغ ۾ ويهہ گل پيدا ٿيا. مگر مون هڪ جي بہ پوري طرح خوشبوءِ نہ ورتي، تہ باد خزان انهن کي هميشہ لاءِ ڪُومائي ڇڏيو، منهنجو ڪوبہ ٻچو وڏي جوان نہ ٿيو انهن مان نہ ڪنهن کي گهوٽ ٿيڻ ڏٺم نہ ڪنهن کي ڪنوار بڻجندي ڏٺم. . . ائين چوندي چوندي هن جي اک لڳي وئي. . . .

خواب ۾ ڇا ٿي ڏسي، تہ هڪ اهڙو پر بهار شگفتہ چمن آهي، جنهن جهڙو دنيا ۾ ڪوبہ باغ ڪونہ آهي هيءَ جنت هئي، جا هن کي ڏيکاري ڏئي رهي هئي. جنت کي باغ سان تشبيهہ ڏيڻ اهڙو آهي، جهڙو نورِ خدا کي شمع سان ڀيٽڻ. حالانڪ جنت جي ڪنهن چيز جهڙي دنيا جي ڪابہ چيز نہ آهي، نہ خدا جو مَٽُ ڪا شيءِ، صرف هڪ خيال کان انهن شين کي بطور مثال پيش ڪيو آهي. هن عورت خواب ۾ وڏيڪ ڏٺو تہ، چمن اندر هڪ محلات آهي، جو چاندي ۽ سون جي سرن سان ٺهيل آهي. انهيءَ محلات تي ٿلهن اکرن ۾ هڪ عورت جو نالو لکيل پيو آهي، مگر نالو سندس هو، اندر وڃي ڏسي ٿي تہ ان ۾ سڀ طرح جون نعمتون موجود آهن. ڪيس اُتي سندس سڀ ٻچڙا ڏسڻ ۾ آيا، اُهي ڪيس ڏسي ڪلڻ ۽ خوش ٿيڻ لڳا، هڪ فرشتي عورت کي چيو تہ اي مائي صاحبہ! تو جو پنهنجي ٻچڙن جي فوت ٿيڻ تي صبر ڪيو هو، انهيءَ صبر جو اجر اهو اٿئي. خدا تعاليٰ تنهنجي لاءِ هي عاليشان محل، بهشت ۾ بڻايو آهي. جتي تنهنجا سڀ ٻچا بہ موجود آهن. جڏهن هوءَ خواب کان سجاڳ ٿي، تڏهن سندس دل جو، رنج و ملال سڀ دور ٿي ويو، سندس سينو سراپا سرور ٿي ويو ۽ سمجهي وئي تہ هن چند روزن جي بي بقا زندگي بعد ڪيس تمام بلند مڪان ملندو ۽ چند ڏينهن جي فراق بعد هوءَ پنهنجي ويهن ئي ٻچن سان هميشہ واري ملاقات ۾ مشغول رهندي. جيڪو مصيبت ۾ صبر ڪري ٿو، الله ان کي وڏو اجر ڏئي ٿو:

"صبر جنين سنگّ تير نہ گسي تن جو"

# دشمن جو مشورو

هڪ دانا ۽ عقلمند انسان تي اوچتو مصيبت اچي نازل ٿي، هن مشڪل کي ٽارڻ لاءِ ڏاڍا حيلا وسيلا ڪيا مگر هوءَ نه ٽري ۽ سندس ڪو به حيلو وسيلو ڪارگر نه ٿيو، نيٺ هو، هڪ همراه وٽ ويو، احوال ڏيئي پڇيائينس ته، مصيبت کان بچڻ لاءِ ڪا تدبير ڏس. هن جواب ڏنس ته، تون به ڪو عجيب آدمي آهين، آءٌ ته تنهنجو جاني دشمن آهيان. تون وري پنهنجي مصبيت جو بيان مونسان ٿو ڪرين، وڃ ۽ وڃي ڪنهن دل گُهري دوست سان صلاح مشورو ڪر.

مصيبت زده چيس ته، آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون منهنجو دشمن آهين، مگر افسوس اٿم جو مون کي ڪو عقلمند دوست ملي ئي ڪونه ٿو، مون کي يقين آهي ته تون جيڪو مشورو ڏيندين، اهو مفيد هوندو. جيڪڏهن تنهنجو نفس ڪٿي مون کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو، مگر تنهنجو عقل ان تي غالب پوندو.

طبع خواهد تا کشد از خصم کین
عقل بر نفس است بند آهنین
عقل ايماني چوشحنہ عادل است
پاسبان و حاکمِ سهرِ دل است

حضرت رسول مقبولﷺ جن جو ارشاد آهي ته صلاح ڏيندڙ کي امانتدار ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن دشمن صلاح پڇيس ته ان کي به نيڪ صلاح ڏئي، عقلمند جو ڪم آهي ته:

تڏي آئي تنگ نه پئجي توڙي هجي ويري
مدي ۽ ميري، دشمن کي نه صلاح ڏي!

# بيوقوف جو اجايو اعتراض

هڪڙي هاري، ڪوڏر سان زمين ڪوٽي رهيو هو، ته هڪ بيوقوف اتان اچي لنگهيو ۽ چوڻ لڳو ته، اڙي هاري! تون ڪهڙو نه ظالم آهين جو هموار زمين کي ڪوٽي خراب ڪري رهيو آهين. هاري چيس ته هل هل اڙي بيوقوف هر ويرانيءَ ۾ آبادي آهي. جيڪڏهن آءٌ زمين جي سيني کي هر سان چيري، وڏن پٿرن کي ڪوڏر سان ڀڃي ڀورا نه ڪريان ته هي ٻج جيڪر ڪيئن ڄمي ۽ آبادي ٿئي. هي جو گل و گلزار ڏسين ٿو، سي زمين کي کوٽڻ ۽ ناهڻ جو نتيجو آهن. جيڪڏهن زمين کي ڪوٽيو نه وڃي ته وڻ ٽڻ ٻوٽا ۽ گاهه ڪيئن ٿين. جيڪڏهن تون غور ڪري ڏسندين تخريب ۾ ئي تعمير هوندي آهي. هر تڪليف ۾ تفريح آهي. مثلاً ڪنهن وڏي ڦرڙيءَ جو جيستائين چڱي طرح منهن نه ڪوليو ويندو، تيستائين ڦٽ جوخراب گند خارج ٿي ڇٽندو ئي نه. جيستائين خلطن کي دوائن سان ساڙيو نه تيستائين شفا ڪيئن حاصل ٿيندي. جيستائين درزي ڪپڙي کي ڦاڙي چيري ٽڪر نه ڪندو تيستائين ڪيئن سبجي پائڻ جي لائق ٿيندو. جستائين واڍو لوهار، ڪاٺ ۽ لوهه کي ٽڪر ٽڪر نه ڪندا تيستائين انهن مان مفيد شيون ڪيئن جڙنديون، جيستائين ڪٽڪ جنڊ ۾ پيسجي اٽو نه ٿيندي، تيستائين ماني ڪيئن تيار ٿي سگهندي، بس انهيءَ مان ثابت ٿيو ته هر آباديءَ لاءِ پهرئين ويراني ضرور آهي.

## شعر

سچ پچ ته ڏسڻ ۾ ڪانه آئي تخريب سوا تعمير ڪٿي
سيماب نه آتش جي جي پوي ڪم ڪيئن ٿي اچي اڪسير ڪٿي.

# نحوي ۽ ملاح

هڪ عالم نحو جو قابل، ڪشتي تي سوار ٿيو، ڪشتي درياءَ ۾ موج سان تري رهي هئي. تڏهن نحوي صاحب ملاح سان ڳالهيون شروع ڪيون، ته يار تون به علم نحو پڙهيو آهين يا نه. ڪشتيبان چيو ته، مولوي صاحب نحو ڪهڙي شي آهي؟ مون ته اڄ تائين انهيءَ جو نالو به نه ٻڌو آهي. نحوي چوڻ لڳو ته واه ڙي ميان ملاح واه! تو ته پنهنجي عمر ئي برباد ڪري ڇڏي آهي، جيڪو ماڻهو علم نحو کان واقف نه آهي، اهو حيوان آهي. ملاح ويچارو نحوي صاحب جي اِها ڳالهه ٻڌي چپ ٿي ويو. . .

ڪشتي جڏهن وچ درياءَ ۾ پهتي تڏهن قضا الاهي جو باد مخالف گُهلي پئي ۽ ڪشتيءَ جو سلامت ڪناري تي پهچڻ نا ممڪن نظر ٿي آيو، نا خدا واڪو ڪري چيو ته، يارو! ٻيڙي ٻڏڻ تي آهي، تنهن ڪري هڪدم ترڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ تري پنهنجي جان بچايو... نحوي صاحب کان پڇيائين ته مولانا توهين ڪجهه تري به ڄاڻندا آهيو؟ جواب مليس ته مان ته سڄي عمر علم نحو پڙهڻ ۾ مشغول رهيس انهيءَ ڳالهه ڏانهن ته ڪڏهن خيال به نه ڪيم. ملاح ٺوڪ سان چيس ته، چئبو ته تو به ساري عمر ائين برباد ڪري ڇڏي. هتي علم نحو ڪم نه ايندو، هتي ته ترڻ جو علم جان بچائيندو.

محومي بايد نه نحواين جا بدان
گر تو محوي بي خطر آبِ روان

هن حڪايت مان، انهن عالمن کي سبق سکڻ گهرجي جيڪي، ڪو ڏنڌو يا هنر نٿا ڪن، اگر هو علم سان گڏ ڪو ڏنڌو ۽ هنر به ڪن ته سوني تي سهاڳو ٿي پوي، ٻين جي محتاجي به ڪڏهن نه پوين ۽ پاڻ به باعزت گذارين. . . سچ آهي ته:

جڏهن علم ۽ انهيءَ سان گڏ هنر واپار ٿي ويندو
اسان جو تخت خوابيده تڏهن بيدار ٿي ويندو.

# ظاهر ۽ باطن هڪ رکڻ

هڪ واعظي صاحب، هڪ خوب صورت جبو ۽ وڏو گول گول پٽڪو ٻڌي منبر تي تشريف فرما ٿيو، هو مٽي کي خوب ناز سان ڌوڻي رهيو هو، ميان صاحب جو پٽڪو ظاهر ۾ خوبصورت هو، مگر اندران اهڙو هو، جهڙي طرح منافق جي دل! ظاهر ته خوب ڏسجي مگر اندر پاپ ۽ ڪيني سان ڀريل، واعظي صاحب جي پڳ نه هئي، مگر هڪ طلسم هو. جنهن مان ڪبر ۽ رعونت پئي بکي، اچي پڳ م پس اندر مڙئي اڱڙيون" وارو ليکو لڳو پيو هو.

واعظي صاحب هڪ ڏينهن صبح جو هڪ سوڙهي گهٽي مان لنگهي رهيو هو، ته هڪ چور اره زور به هن جي تاڙ ۾ بيٺو هو. جيئن ئي مولانا اتان لنگهيو تيئن، هن جهٽ هٽي، پٽڪو لاهي ورتس ۽ تڪڙو وٺي ڀڳو، ان تي مولانا رڙ ڪري چيس ته يار پٽڪو ٻاهران نه ڏس، ڪجھ نظر وجهي اندر ته جاچي ڏسينس اجايو ڏُکي ڏُکي اڏ مئو نه ٿيءُ، "اچي پڳ م پس! اندي مڙئي اڱڙيون" چور به جيئن خيال ڪري ڏٺو ته پٽڪي کي زور سان کوليائين ته هڪ اڱڙي هٿ ۾ رهيس، باقي ٽڱڙيون ۽ چتيون وچي هيٺ پيون. سڄو پول پڌرو ٿي پيو، چور چوڻ لڳو ته واه ڙي مولانا واه! خدا کان خوف ڪر، ائين خلق کي ٺڳ نه....

انسان کي گهرجي ته، پنهنجو ظاهر ۽ باطن هڪ ڪرو ۽ هڪ جهڙو رکي. هٿ ۾ تسبيح هجي، لبن تي توبه هجي، پر دل ۾ گناهه جو شوق هجي ته اهڙو عمل ريا ڪاري ۽ عياري آهي، جنهن کان عاقبت ۾ ذلت ۽ خواري کان سواءِ ڪجھ به حاصل نه ٿيندو.

لباس المومنين، قلوب الڪافرين وارو معاملو ڪرڻ نه گهرجي.

## بيت

منهن ته موسىٰ جهڙو اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوه نه ڇڏئين

# خوني ترڪ

ترڪن جي هڪ خونخوار ٽولي، ڦرمار ۽ خونريزي ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ وارد ٿيو، هنن اتي ٻن ماڻهن کي پڪڙيو ۽ هڪ جا هٿ ٻڌي هن کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. هن چيو ته صاحبو! مون اوهان جو ڇا بگاڙيو آهي، جو مون کي قتل ڪريو ٿا، پنهنجي پاڪ دامن منهنجي خون سان رڱيو ٿا، مان هڪ درويش ماڻهو آهيان، هٿ ۾ پيسو نه اٿم، بدن تي ڪپڙو نه اٿم مون کي مارڻ ۾ اوهان کي ڇا هٿ حاصل ٿيندو.

هنن چيو ته اسان کي توکي انهيءَ ڪري قتل ڪريون ٿا ته تنهنجو سنگتي خوفزده ٿي، مال ملڪيت ڏئي، هو چوڻ لڳا ته يارو اِهو منهنجو سنگتي ته مون کان به مسڪين اٿو، هو رپيا ڪٿان آڻيندو، اسان ٻئي هڪ جهڙا آهيون، ترڪن چيو ته اسان کي اطلاع مليل آهي، ته هي ٻئي تمام مالدار ۽ شاهوڪار اٿئو، مسڪين چوڻ لڳو ته سچ پچ ته اسان ٻئي مسڪين، غمگين آهيون، هاڻي هيئن ڪريو جو انهيءَ مخبر (اطلاع ڏيندڙ) کي اسان جي روبرو ڪهو، ته اسان خوفزده ٿي اوهان کي مال متاع ڏيون.

مولانا رومي اڳتي فرمائي ٿو ته، اي محمدﷺ جا امتي! تون شڪر ڪر، جو توکي محمد صہ جو امتي بنايو ويو آهي جيڪڏهن تون مسڪين و غريب آهين ته ان جو فڪر نه ڪر.

## شعر

محمد جو تون آهين امتي ڳڻتي ڪرين ڇو ٿو
غريبي پنهنجي تي ارمان موڳا ڪرين ڇو ٿو

# پوڙهي بيمار ۽ طبيب جي گفتگو

هڪ پوڙهو بيمار آدمي، هڪ طبيب وٽ آيو، ٻنهي جي وچ ۾ هيٺين طرح سوال و جواب ٿيا.

پوڙهو: مان پنهنجي دماغ جي ڪمزوريءَ سبب نهايت حيران آهيان.

طبيب: ضعيف دماغ ٻڍاپي ڪان اٿو.

پوڙهو: منهنجي نظر به گهٽ ٿي وئي آهي.

طبيب: ضعيف بصارت به پيريءَ سبب آهي.

پوڙهو: طبيب صاحب! منهنجي چيلهه ۾ به سور آهي.

طبيب: شيخ صاحب اِهو به ٻڍاپڻ سبب آهي.

پوڙهو: مان جو ڪجهه کانوان ٿو، سو به هضم نٿو ٿئي.

طبيب: انهيءَ جو ڪارڻ به پيري آهي.

پوڙهو: منهنجي مرداني طاقت به گهٽجي وئي آهي.

طبيب: بزرگ! اِهو به پيريءَ ڪان.

پوڙهو:مان هلڻ چلڻ کان به گويا بيهي ويو آهيان.

طبيب: جيڪڏهن ٻڍاپڻ زور ٿي وٺي، تڏهن انسان کي گوشہ نشين ٿي ويهڻو ٿو پوي.

پوڙهو: منهنجي چيلهه به ڪمان وانگر ٿي وئي آهي.

طبيب: اِهو سڀ ڪجهه پيريءَ جو ڪارڻ آهي.

هر سوال جو ساڳيو جواب ٻڌي پوڙهو، تيز ٿي چوڻ لڳو ته اي احمق! تو ميان منو وانگر بس هڪ ئي ڳالهه ياد ڪري ڇڏي آهي.

اي مدمغہ عقلت اين دانش ندان
کہ خدا هر درد را درمان نهاد

اي بيوقوف طبيب! توکي خبر آهي ته، هر هڪ بيماريءَ جي دوا خدا جدا جدا نهرائي آهي، بس تون ته علم طب ۾ صفا ڄٽ آهن.

”از طبيبي تو همين آموختي“
تون طب ۾ رڳو اهوئي سکيو آهين؟

طبيب چوڻ لڳس ته، اي پوڙها! تنهنجو اهو غصو ۽ بڪ شڪ به پيري سبب آهي.

تنهنجا عضوا سڀ ٿيا آهن نحيف
صبر تو ۾ ناهه رهيو اي صعيف

پيري بيشڪ زهيري آهي:

## شعر

وڪوڙي تا وڃن آلام ۽ آزار پيريءَ ۾.
رهي اڪثر بشر بيچاقو ۽ بيمار پيريءَ ۾،
لڏي ڪنڌ ۽ ڪمر ويچاري ٿئي ٿي ڪمان وانگر،
پڇن ڏند ۽ اچو منهن پنهن جو ڪن ٿا وار پيري ۾،
وجي ٿي صبر جي دامن ڇڏائي زور سان هٿ مان،
گهڻو غصو ۽ ڪاوڙ ۽ اچي ٿي خار پيريءَ ۾.

# قبر جو حال

هڪ ڇوڪرو پنهنجي فوت ٿيل پيءُ جي لاش سان گڏ قبرستان ڏانهن وڃي رهيو هو، ۽ پٽيندو، ڪٽيندو، چوندو پيو وڃي ته اي بابا! توکي اڄ ڪنيو ٿا وڃن، توکي مٽي ۾ پوريندا، توکي هڪ تنگ ۽ تاريڪ مڪان ۾ رکندا، جتي نه ڪو ٽپڙ آهي نه تڏو، نه ڏيئو نه بتي، ماني نه پاڻي، جيڪي ماڻهو تنهنجي جسم کي چمي رهيا هئا. سي توکي اهڙي انڌيري گهر ۾ هٿن سان پوري ايندا. . .

ڇوڪرو اهڙي طرح انهيءَ اجڙيل گهر جو بيان ڪري رهيو هو.

هڪ غريب جي پٽ ان جون،اهي ڳالهيون ٻڌي پنهنجي غريباڻي گهر تي نظر ڦيرائي، پنهنجي پيءُ کي چيو ته بابا! شايد انهيءَ ميت کي اسان جي گهر ۾ دفن ڪندا، ڇاڪاڻ ته اسان جي گهر جو به اِهو حال آهي، جيڪو ڇوڪرو بيان ڪري رهيو هو. . .

مولانا انهيءَ حڪايت مان هدايت ٿو ڪري ته، ڪيترائي اهڙا شخص آهن، جن جي برباد ٿيل دل جا نشانات ظاهر هوندا آهن، مگر هو سرڪشي سبب دل جي برباد گهر کي، خدا جي ياد سان آباد نٿا ڪن.

## شعر

دل اُها دل ناهه، جنهن ۾ رب جي ڪجهه ياد ناهه،
۽ مولىٰ جي محبت ساڻ ڪجهه آباد ناهه.

# انسان جي تلاش

هڪ شخص هٿ ۾ شمع کنيو، هر هڪ ايندڙ ويندڙ جي منهن ڏانهن چتائي پيو نهاري. هو هر هڪ بازار ۽ گهٽيءَ ۾ انهيءَ شغل ۾ مشغول رهيو، هڪ ماڻهو پڇيس ته توکي ڇا جي تلاش آهي؟

”هن ڇيو ڳوليان ٿو ڪو انسان مان
پر ليو تو ڪين، ٿيس حيران مان“

ان تي سوال پڇڻ واري چيس ته، اک کولي ڏس، شايد تنهنجي نظر ۾ نقص آهي، جو هيترا انسان هلندا گهمندا وتن ٿا مگر تو کي نظر نٿا اچن،

”هن ڇيو ڳوليان ٿو مان انسان سو،
شهوت و غصي کي ماري مرد جو،
مون کي اهڙي مرد جي آ جستجو،
تنهن ڪري ڦرندو رهان ٿو ڪو بڪو.

نالي جا انسان ته جام آهن. مگر صحيح انسان ڪوڪو آهي،

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي

# بخيل ۽ سندس ڪتو

هڪ اعرابي، پنهنجي ڪُتي تي، جو بک سبب مرڻ جي منزل ڪي وڃي رسيو هو ويهي رهيو زار زار روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته اي منهنجا رفيق! مان توکان سواءِ ڪيئن جي سگهندس، مان تنهنجي جدائي ۾ ڳري ڳري مري ويندس، اُتان هڪ اهل دل بزرگ اچي لانگهائو ٿيو، جنهن هن کي روئندو ڏسي، روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. اعرابي چيو ته، هي صاحب! منهنجو وفادار دوست (ڪتو) پوين پساهن ۾ آهي منهنجي دل ان جي ڏک جي باهه ۾ جلي رهي آهي. ڪتو نه هو، شينهن هو ڏينهن جو منهنجي لاءِ آڻيندو هو شڪار، رات جو منهنجو هوندو هو چوڪيدار! بزرگ چيس ته هن کي بيماري ڪهڙي ٿي آهي؟

اعرابي چيو ته ڪا به بيماري ڪانه اٿس ، فقط بک کان مري رهيو آهي.... بزرگ چيس ته هان، بک کان! پلا توکي هيءَ بيدڪ ڇا جي ڀڏل آهي؟ هن چيو ته هي ماني ۽ گوشت آهي، جو هڪ هفتي لاءِ مون واسطي ڪافي آهي. اِها ڳالهه ٻڌي، بزرگ چيس ته، اي شرم ۽ بخيل! تون ڏاڍو آهين ذليل. اکين مان پاڻي جا دريا وهائين ٿو، مگر هڪ ماني ڪتي اڳيان نه اڇلائين ٿو. هر منزل تي توکي ملي سگهندي روٽي، مگر تنهنجي دل آهي کوٽي، تون هڪ ماني لاءِ ڪتي کي مفت ٿو مارين، باقي خواه مخواه روئي ڏونگر ٿو ڏارين!!اعرابي چيو ته .يار ڳوڙهن وهائڻ سان آخر منهنجو بگڙي ڇا ٿو. جنهن وٽ ماني، تنهن وٽ ڪاني، مان پنهنجي ڳنڍ ڇو خالي ڪريان، جيڪا ماني ڪتي کي ڏيان، ان سان پنهنجو پيٽ ڇو نه ڀريان.

مولانا جلال الدين صاحب هيءَ حڪايت ڏئي هدايت ٿو ڪري ته اُهي انسان، ڪهڙا نه آهن نادان، جي آخرت جي خوف کان خواه مخواه روئن رڙن ٿا، مگر خدا جي راهه ۾ پائي به خرچ نه ٿا ڪن. انهن جو گريه ريا سان ڀريل آهي اهڙن انسانن لاءِ ئي چيو ويو آهي ته،

چپن تي يا قدوس، دل ۾ فلوس

### بيت

اندر وهارن ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنجهه جي،
اهڙو نلهو ٿانءُ، پيچي پورا ڪر تون.

# استاد ۽ ٽيڏو شاگرد

هڪ استاد، پنهنجي شاگرد کي چيو ته وڃ منهنجي گهر جي فلاڻي جاري ۾ شيشو رکيو اٿئي اُهو کڻي جلد اچ. هي شاگرد ڏاڍو هوشيار ۽ خبردار هو، مگر اک ٽيڏي هيس، جنهن ڪري هڪ شي جي بدران هو ٻه شيون سمجهندو هو. هو استاد جي گهر کان ٿي موٽي آيو ۽ اچي چيائين ته، استاد سائين! جيو سدائين! جاري ۾ شيشا ته ٻه رکيا آهن، ڪٽي کهڙو اچان، استاد چيس ته شيشو ته هڪ رکيو آهي، ڇا ٻيو آسمان مان لهي آيو؟ اهو تنهنجو نظر جو قصور آهي،تنهن جي اک ۾ فتور آهي.

شاگرد قسم کڻي چوڻ لڳو ته، نه ڙي سائين نه، شيشا ٻه آهن، استاد چيس ته، قسم کڻڻ شريفن جو ڪم نه آهي، ڪمينا ئي هر هڪ ڳالهه تي قسم کڻندا آهن، سچو آدمي قسم نه کڻي ته بهتر. شاگرد چيس ته قسم کڻڻ کان توبهه ٿو ڪريان. مگر ائين ضرور چوان ٿو ته شيشو هڪ نه آهي، ٻه آهن ٻه!! شاگرد جڏهن ٻه شيشن هجڻ تي تڪرار واري وينو. تڏهن استاد کيس لٺ ڏئي چيو ته، چڱو تڪڙو وڃ، هن لٺ سان هڪ شيشو ڀڃ، باقي هڪ کڻي اچ، اها ڳالهه مڃي، شاگرد وڃڻ سان ئي هڪ شيشي کي ڏنڊو وهايو جڏهن اهو ڀڳو، تڏهن ٻيو شيشو کيس نظر نه آيو تڏهن چوڪر سمجهي ويو ته برابر استاد پنهنجي ڳالهه ۾ هو سورهن ئي آنا سچو، مگر آءٌ هوس ڪوڙو ۽ ڪچو، اِهو منهنجي نظر جو قصور هو، منهنجي ديد ۾ نقص ۽ فتور هو، شيشو برابر هڪ هو، مگر مون کي ٻه نظر آيا.

## بيت

هوت ته آهي، هڪڙو ٽيڏيون ڏسن ٻي
آهي تنين کي، اکين اندر عيب کو

# زندگي جو وڻ

هڪ شخص بطور معما (ڳجهارت) بيان ڪيو ته، هندستان ۾ هڪ اهڙو وڻ آهي، جنهنجي ڇانوَ ڪيترن ئي ڪوهن ۾ پکڙيل آهي. سندس پاڙون پاتال ۾ پهتل آهن، سندس چوٽي آسمان سان پيئي گسي، ان وڻ جي عمر هزارها سال آهي، سندس ڦر سڄي دنيا جا آدم کائين ٿا. مگر هن جي پنن جي متعلق ماڻهن ڪي هي خيال آهي ته هو نهايت تلخ ۽ بدمزه آهن. قسمت سان ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو پتو هٿ اچي وڃي ۽ هو ڪوڙو منهن ڪري کائي وڃي ته، جيڪر هو قيامت تائين موت جو منهن نه ڏسي، انهيءَ وڻ کي هند جا، پنڊت ۽ رشي "درخت زندگي" چوندا آهن، ان وڻ هينان مردان خدا سالن جا سال وينا هوندا آهن، انهيءَ آسري تي ته من ڪو پن ڇڻي ۽ هٿ اچي. . . . .

بادشاهه جي هڪ مصاحب، اِها ڳالهه ٻڌي، مگر هن پروليءَ جي مخفي معنىٰ سمجهي نه سگهيو ۽ بادشاهه اڳيان ڏاڍي شدت سان هن وڻ جي تعريف ڪيائين، جيئن ته هو صاحب، بادشاهه جي هڪ وزير سان دشمني رکندو هو، تنهن ڪري بادشاهه کي چيائين ته انهيءَ آسري تي ته من ڪو پن انهيءَ وزير کي موڪليو وڃي.. . ..

بادشاهه يڪدم انهيءَ وزير کي گهرايو ۽ کيس فرمايو ته جلدي هندستان وڃي، انهيءَ وڻ جا پڻ ڳولي ٻن سالن اندر هٿ پهچي پن مون کي ڏي، ته کائي حياتِ جاوداني ۽ دائمي زندگاني حاصل ڪريان. . . .

"حڪمِ حاڪم، مرگ مفاجات" جي مصداق، وزير حڪم ٻڌي "حاضر حضور" چئي هندستان ڏانهن روانو ٿيو. هو اتي پهچي هندستان جي ذري ذري جي تلاش ڪري چڪو مگر کيس انهيءَ وڻ جو پتو نه لڳو، جهنگل، ميدان، ڳوليائين، جبل نديون جانچيائين مگر پتو ندارد، خزانو ختم ٿي ويس، ته فقير بڻجي به سرگرم تلاش رهيو، مگر وڻ نه لڌو. جڏهن هو مايوس ٿيو تڏهن درگاهه ايزدي ۾ التجا لاءِ هٿ کنيائين، روئي مقصد لاءِ عرض ڪيائين، روئندي اک لڳي ويس، خواب ۾ الهام ٿيس ته، اسان جو هڪ دوست مرغاب ۾ رهي ٿو، انهيءَ وٽان تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي خواب ۾ هيءَ خوشخبري ٻڌي "مرغاب" ڏانهن روانو ٿيو ۽ آخر اتي وڃي رسيو، ڏنائين ته ماڻهن جا هشام هڪ بزرگ طرف پيا پيا وڃن. پاڻ به انهن سان گڏجي وڃي منزل مقصود تي پهتو، جتي پهتو، جتي هڪ درويش، دلريش خنده رو ۽ شيرين بيان، تشريف فرما آهن ۽ ماڻهن جا ميڙ سندس چوڌاري گوڏا پيجيو ادب سان وينا آهن، وزير به آداب بجا آڻي ويهي رهيو ۽ پنهنجو بيان بزرگ کي ٻڌائڻ لڳو، بزرگ سندس بيان ٻڌي، پنهنجو مبارڪ دهن کولي هن طرح گوهرفشاني ڪرڻ لڳو ته، دوست! توهان جنهن کي درخت زندگي ٿا چئو، سو ڪو وڻ نه آهي، هيءَ هڪ معما ۽ ڳجهارت آهي. اوهان لفظن تي غور ڪيو، مگر معنىٰ ڏانهن پنهنجي عقل جي اسپ کي گامزن ڪيو ئي ڪونه، اُهو درخت زندگي اٿو علم ۽ هنر، ۽ ان جا پن آهن، خدا جي معرفت. جيڪو ماڻهو علم و هنر حاصل ڪري، معرفت جو پتو لهي اُهو زنده جاويد رهي ٿو. بقول شاعر:

نالو رهي ٿو علم سان زنده جهان ۾،
اولاد کان ٿو نام ٿئي هڪڙي ٻه پيڙهي مس.“

چوندا آهن تہ، علم هندستان جو ميوو آهي، جتان ان کي يوناني کڻي ويا، يونانين کان عربن علم حاصل ڪيو، عربن کان فرنگين پرايو.

سچ چيو اٿن تہ، علم انسان جي ٽين اک آهي، علم بنان انسان جانور مثل آهي.

تنهن ڪري اي دوست:

علم واري کي ڏئي ٿو هرڪو عزت، علم پڙهہ،
علم بيشڪ ٿو وڌائي شان شوڪت، علم پڙهہ.

ياد رک اي دوست:

علم حاصل ڪرڻ لئي سختين سهڻ کان ڪين ڊڄ
جي پوي پرديس وڃڻو تہ بہ وڃڻ کان ڪين ڊڄ.

# وهم

ڪنهن مڪتب جو استاد ڏاڍو سخت ۽ شاگرد کي مار ڏيندڙ هو، ويچارا شاگرد هن جي مهيب صورت ۽ مار کان تنگ آيا، تن پاڻ ۾ پهه پچايا ته، هاڻي اهڙي ڪا صلاح ڪريو، جيئن هن استاد جي تڪليف کان خلاصو حاصل ڪيون، هنن ۾ هڪ شاگرد نهايت چالاڪ هو، ان چيو ته يارو، مان اوهان کي هڪ رٿ ٻڌايان ٿو، جيڪڏهن اوهان ان تي عمل ڪيو ته بس ”پوءِ ٻارهن آهن“ مگر هڪ ته اِهو راز فاش نه ڪندؤ، ٻيو ته مون سان قسم کڻو، سيني قسم کنيا.. . سندس ليڊر شاگرد چيو ته بس ڳالهه سڻائي آهي، اسان مان جيڪو به شاگرد استاد کي ملي ته کيس سلام ڪري، سندس منهن ڏانهن چتائي ڏسي ۽ پوءِ چوي ته استاد سائين! چو اڄ اوهان جو مبارڪ ۽ گلابي چهرو زرد جهڙو هيڊ ٿي پيو آهي. ڇا رات بخار هو يا ناچاقائي ٿي پئي آهي. . .

مگر چويس هر هڪ شاگر ائين، بس اسان جي انهيءَ گفتگو کان هو وهم ۾ گرفتار ٿي ويندو، اُهو وهم هن جي دل ۾ گهر ڪري کيس بيمار بنائيندو، استاد بيمار ٿيو ته پوءِ اسان کان دفعه آزار ٿيو. . .

جڏهن ٻئي ڏينهن اسڪول کليو ۽ استاد ڪلاس ۾ تشريف فرما ٿيو، تڏهن شاگردن جي ليڊرکيس سلام ڪيو ۽ سندس چهري ڏانهن نهاريائين. . . استاد کي چيائين ته، چو اڄ سائيجن جو چهرو مبارڪ زرد آهي. . . استاد چيس ته وڃ وڃ بڪين ڇا ٿو. . .

وري ٻيو شاگرد آيو، جنهن چيو ته استاد صاحب! اوهان جو زرد چهرو اڄ ٻڌائي ٿو ته اوهان کي مٿي ۾ درد آهي. . . خدا خير ڪري اوهان کي سدائين، خوش خرم رکي!. . . ٽيون شاگرد آيو ان به ائين چيو، چوٿون آيو، پنجون آيو، سيني اِهو ئي ٻول ٻوليو. مطلب ته سين ڪلاس وارن استاد کي بيمار ٻڌايو. بس سندن استاد کي به وهم ٿيو، آءٌ برابر بيمار آهيان. سندس اهو وهم وڌي وڌي يقين جي منزل تي پهتو ۽ هو واقعي بيمار ٿي پيو، مٿي ۾ سور محسوس ڪيائين، بدن ۾ درد چاتائين ۽ شاگردن کي چيائين ته، مان سچ پچ بيمار ٿي پيو آهيان مان مڪتب ۾ ويهي نٿو سگهان ٽپڙ بند ڪريو، منهنجي گهر هلي پڙهو.

استاد اتان اٿي گهر آيو، زال کي چيائين ته بسترو وڇاءِ آءٌ چاق نه آهيان. . . هن سندس بدن کي هٿ لاهي چيو ته، ميان تون ته بلڪل ٺيڪ آهين. . . توکي بيماريءَ جو وهم آهي. وهم اهڙو مرض آهي، جنهن جو علاج لقمان جي شفا خانه ۾ به ڪونهي. زال جو اهي ڳالهيون ٻڌي استاد چڙي چوڻ لڳو ته توکي ڪهڙي خبر! هنڌ سوئي سڙي جتي ٻاهه ٻري، ڪهڙو سيڪ اچي پاڙي وارن کي.

مون سان جيڪا ويڌن آهي، ان جي توکي ڪهڙو خبر. . . ، مطلب ته استاد صاحب ڏاڍو بيمار ٿي پيو . . . شاگردن جي ليڊر سيني شاگردن کي چيو ته، استاد کي بيمار ڪيوسين، مگر پڙهڻ کان وري به جند نه ڇُٽي، هاڻي اهڙو ته زور سان پڙهو جيئن استاد جو گهر مٿي کڻي ڏيو، شاگردن زور شور پڙهڻ شروع ڪيو. تنهن تي استاد چين ته اي نياڳا! ڏسو ٿا ته مان بيمار آهيان اوهان وري گوڙ مچايو آهي،

وجو! وجو پنهنجي گهر، حياتي هوندي تہ پڙهائيندو سانوَ نہ تہ پرتوَ رب ڪي. . .ڇوڪرا بخوشي ٽپڙ بند ڪري گهرن ڏانهن راهي ٿيا، ڪين ايئڻ ڇڙو اڳ ڏسي سندن مائرون چوڻ لڳيون تہ هي ڇا! ملان جي عقل تي پردو پئجي ويو آهي ڇا؟ جو ڇورن کي هيئن ڪٽي ڇڙواڳ ڇڏيو اٿس، ڇوڪرا ڪين چوڻ لڳا تہ استاد صاحب بيمار ٿي پيو آهي. . . سيني کي حيرت لڳي ۽ ملان جي گهر آيون، اچي ڏٺائون تہ واقعي ملان بيمار آهي. . .۽ بستري داخل آهي، ڪانئس پڇيائون تہ ملان جي ڇا ٿيو، ملان چيو تہ مان صبوح جو اٿيس تہ منهنجي زال مون کي ٻڌايو ئي نہ تہ تون بيمار آهين، خدا ڀلو ڪري ويچارن ٻارن جو جن مون کي منهنجي بيماري جو اطلاع ڏنو، هاڻي دعا ڪيو تہ خدا جلد شفا ڏئي. وهم وڏي بڇڙي بلا آهي، جا پنهنجي ڏنگ هڻڻ سان جڏهن بدن ۾ زهر ڦهلائي ٿي، تڏهن چڱي ڀلي آدمي کي هڪدم بيمار بنائي ٿي. جيڪي شيون موجود ئي نہ هجن، وهم انهن کي روبرو آڻي بيهاري ٿو، ۽ آفتون بڻائي ڏيکاري ٿو، وهم لاعلاج مرض آهي.

# پوڙهو مڙس ۽ سندس چسيري بي بي

چوندا آهن تہ جڏهن گدڙ جي قسمت خراب ٿيندي آهي، تڏهن ان کي شهر ڏانهن ڊوڙڻ جي مت ايندي آهي. جڏهن هو شهر ۾ پهچندو آهي تڏهن وري جيئرو واپس نہ ورندو آهي. هڪ شخص. چڙو چاند رهي، سکيو وقت گذاري رهيو هو، اوچتو سندس ڪم بختي جا ڏينهن آيا، جو ٻڍاپڻ ۾ نڪاح ڪيائين سندس زال هئي ڏاڍي چالاڪ، نہ هوس شرم و حيا. هئي بي پرواهہ ۽ بيباڪ، رات ڏينهن کائڻ پيئڻ سندس ڪم هو، هو چسيري بہ ڏاڍي هئي.

هڪ ڏينهن گهر ۾ مهمان آين، پوڙهو سير گوشت جو وني آيو، زال کي چيائين تہ، چڱي طرح ڀاڄي تيار ڪري، مهمان لاءِ ماني بڻاءِ، هوءَ شريف زادي ٻوڙ تيار ڪرڻ وقت گوشت کي چکندي چکندي ٻوٽي ٻوٽي ڪري سير ئي گوشت جو هضم ڪري وئي. جڏهن ڪني بلڪل خالي ڏٺائين، تڏهن مڙس کي سڏ ڪيائين تہ مان جيئن مرچ مصالح ڪٽي رهي هيس تيئن گوشت، جو ٿالهہ ۾ رکيو هو، ٻلي اچي کائي وئي. ڏس هوءَ ٻلي ڪيئڻ گوشت کائي هاڻي منهن، چنبن سان صفا ڪري رهي آهي. وڃ هاڻ ٻيو گوشت وني اچ تہ مهمان لاءِ تہ ماني تيار ڪجي. اسان ڪٽي نہ کائيندا سين. مڙس ٻلي ڏانهن نهاري رهيو هوءِ سوچ ويچار بعد اٿيو، وجي تارازي کڻي آيو ۽ هڪ پڙ ۾ ٻلي کي وهاري ڪيس توريائين تہ سير کن وزن مس ٿي، تڏهن هو پنهنجي زال کي چوڻ لڳو تہ، اي بي حيا! ٻڌاءِ تہ سهي، مان سير گوشت جو وني آيس، جو خود تو بہ توري ڏنو هو، ٻليءَ جو تور بہ سير آهي، ٻڌاءِ تہ سير گوشت کائڻ بعد بہ ٻليءَ جو وزن ساڳيو سير آهي؟

اين اگر گر بہ است بس آن گوشت کو

ور بود اين گوشت، بنما گربہ تو

جيڪڏهن هيءَ وزن ٻليءَ جو آهي تہ گوشت ڪيڏانهن ويو، جيڪڏهن هي وزن گوشت جو، تہ ٻلي جو وزن ڇا آهي؟

مڙس جو اِهو عذر ٻڌي، هو چسيري عورت لاجواب ٿي پئي ۽ ڏاڍي شرمندي ٿي.

ڪوڙ هڻڻ سان ڪڏهن عيب لڪي نٿو سگهي. . . پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪرڻ، خود همت آهي، ڪوڙ نہ هڻڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ:

ٿئي ڪوڙ ڪنهن جو پڌرو ادا،
تہ ڪوڙو پيو ليکبو او سدا.
سچيون پوءِ کهڙيون بہ ڳالهيون ڪري،
تہ بہ هر ڪو چوندس پري ٿي پري.
سدا سچ چئو ۽ سچا ٿي رهو.
تہ هت توڙي هت مان ۽ عزت لهو.

# چار دوست ۽ انگور

بغداد جي شهر ۾ چار انڌا پنندا هئا، هڪ هندي، ٻيو ايراني، ٽيون عرب ۽ چوٿون ترڪ هو. هڪ سخي مرد انهي چئني کي گڏ هڪ رپيو ڏنو، ته ڪا شيءِ وٺي پاڻ ۾ ورهائي کڻن. هندي چيو ته مان ڊاک وٺندس، ترڪ چيو ته مان اوزم کائيندس، ايراني چيو ته منهنجي دل انگور کائڻ تي آهي، عرب چيو ته مون کي عِنب کپي. . . سيئي پاڻ ۾ جهيڙيندا رهيا ته هو هن جي خلاف چيز گهري ٿو، هي هُن جي خلاف شيءِ گهرائي ٿو. حالانڪ پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ هر هڪ انگور کائڻ لاءِ خواهان هو.

هنن کي پاڻ ۾ تڪڙو ڳالهائيندو ڏسي، هڪ شريف سندن وچ ۾ پيو، هن کي گهٽيون ئي ٻوليون اينديون هُيون. جو هنن جي جهالت تي افسوس ڪرڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳو ته، يارو! صبر ڪيو، آءٌ اوهان جو جهيڙو چڏايان ٿو، رپيو ڪائڻ وٺي، انگور خريد ڪري آيو، سيئي پنهنجي خواهش موجب ميوو ڏسي خوش ٿيا. ٻيءَ زبان سان نا آشنا هجڻ ۾ ايتري خرابي آهي، هم زباني الفت جو روح آهي.

جهالت فساد جي جڙ آهي، اهل عرب زمانہ جهالت ۾ پاڻ ۾ لڙندا رهندا هئا. جڏهن رسول مقبول ﷺ جن، سندن سمجهڻ ۽ ٻڌڻ وارا آيا، تڏهن سيني کي پاڻ ۾ يائر بنائي چڏيائون.

نفس واحد از وسولي حق برند
ورنہ هريک دشمنِ مطلق برند
کينہ ها، کهنہ شان از مصطفیٰ
محوشد در نور اسلام و صفا

# بيوقوف

هڪ شهر ۾ چار دوست هم پيالہ ۽ هم نوالہ رهندا هئا چئني جو اٿڻ ويهڻ گڏ ٿيندو هو، هئا بہ چارئي بيوقوف، هڪ ڏينهن چارئي گڏجي ٽيهريءَ جو مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويا. هڪڙي بانگ ڏني، ان بعد چئني مان هڪ امام ٿي نماز پڙهائڻ لڳو. ايتري ۾ مسجد جو اصل ملان بہ مسجد ۾ وارد ٿيو، ۽ بانگ ڏيڻ لاءِ ميمبر تي بينو. نماز پڙهندڙن چئن مان هڪ رڙ ڪري چيس تہ ملان صاحب! بانگ اچي وئي آهي، تون وڌيڪ تڪليف نہ ڪر. ٻئي چيو تہ خاموش، نماز ۾ ڳالهائڻ نيڪ نہ آهي. ٽيون ان کي چوڻ لڳو تہ تون وڏو نادان آهين، چئين بہ ٿو تہ نماز ۾ ڳالهائڻ جائز نہ آهي. وري هن سان ڳالهائين بہ ٿو، "پاڻ نہ پلي ڏوجهان متيان ڏيوي." باقي رهيو چوٿون بيوقوف امام صاحب، ان کان بہ رهيو نہ ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ، شڪر آهي، جو مان نماز ۾ نہ ڳالهايو آهي. . .

هر هڪ ٻئي جو عيب ڏٺو، مگر پنهنجي عيب تي نظر ئي نہ ڌريائون! دانا آدمي اهو آهي جو ٻئي جي عيب جانچڻ کان اڳ، پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسي، جيڪڏهن منجهس عيب هجي، تہ پهريائين پنهنجو عيب ڍڪي، پوءِ ٻئي کي چوي.

## بيت

پهرين پاڻ سڌار، پوءِ ٻين کي چئجہ تون
ڪين ڪنهين جا ڪڏهن آصف عيب پچار
غربت منجهہ گذار، ڏکيا سکيا ڏينهڙا

# درزي ۽ سپاهي

هڪ ڏينهن فرصت جي وقت ۾ چند دوست پاڻ ۾ چرچا ڀوڳ ڪري رهيا هئا، ڳالهين ڪندي، ذڪر اچي ويو ته فلاڻي درزي وڏو عيّار آهي، ڪيتري به هوشياري ڪير به ڪري ته به هو ڪپڙو چورائي وجي ٿو. اُتي هڪ ترڪ سپاهي به وينو هو، اُهو فخر سان چوڻ لڳو ته، دوستو! توهان جو چوڻ مان مڃڻ جي لائق نٿو ڄاڻان، هو مون کي ڌوکو ڏئي ته خبر پوي. مان سپاڻي هڪ ٿان، ڪپڙي جو آڻيندس، جيڪڏهن ڪپڙو چورائي ويو ته مان زين سميت گهوڙو شرط ۾ اوهان کي ڏيندس.

مطلب ته سپاهي، اطلس جو ٿان وٺي آيو، ۽ درزي وٽ ويو، گهوڙو هڪ طرف ٻڌي، درزي کي چيائين ته، مان ٻڌان ٿو، ته تون وڏو چالاڪ آهين ۽ ڪيترن کي ٺڳي وجين ٿو، مان تنهنجي ٺڳجڻ جو نه آهيان. درزي چيو ته، قبلا! تشريف رکو، توهان جي دل ۾ ڪنهن شڪ وڏو آهي؟ ۽ مون ڏانهن بد ظن ڪيو آهي. ڪم ڪندي عمر گذري وئي اٿم، مگر مان ته ڪتر به حرام ڄاڻيندو آهيان، توهان خيال نه ڪيو. آخر درزي ڪينچي کڻي ڪپڙي کي ڪٽڻ لڳو، مگر سپاهي پنهنجي نظر ڪينچي ۾ قابو وجهي وينو. درزيءَ سمجهو ته، هن کي ڳالهين ٻولهين ۾ مشغول رکي، غافل ڪري پنهنجو مطلب سڌو ڪريان سو هي لطيفو کڻي ٻڌائڻ شروع ڪيائين.

”هڪ درزي جي شادي جو موقعو ٿيو، ٻيبي پڙهيل مليس، هن کي استاد شاعرن جا هزارين شعر ياد هئا. هوءَ هڪ دفعي پنهنجي گهوٽ کي شعر ٻڌائي داد گهرڻ لڳي. مگر هو ته ڪجهه سمجهيو ئي نٿي. ابجد کان به واقف نه هو. جڏهن جوڻس سخت تنگ ڪيس، تڏهن ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ جواب ڏيڻ کان ٽارو ڪرڻ لڳو. جوڻس چيس ته ”مان سمجهان ٿي ته تون سمجهين سڀ ڪجهه ٿو، مگر مون کي دم تو ملائين . . درزي چيس ته، جو ڪجهه مون کي سمجهه ۾ آيو سو ته ٻڌايان ٿو. جوڻس چيس ته ڀلا ٻڌاءِ ته ڇا سمجهيئه؟ هن چيو ته الله جو قسم مون هي سمجهيو ته، تون مون وٽ ٽڪڻ پسند نٿي ڪرين. . .

هي ڳالهه ٻڌي سپاهي کل ۾ پٽجي ويو ۽ درزي موقعي کي غنيمت ڄاڻي، چوٿون حصو ٿان جو ڪاٽي جدا ڪري رکيو.

سپاهي چيس ته، خليفا! هاڻي ڪو ٻيو نقل به ٻڌاءِ. . مگر کل ۾ اچا به ويڙهيو پيو هو. درزي ٻيو ٽڪر به ڪاٽي لڪائي رکيو. . . . وري سپاهي فرمائش ڪئي، درزي چيس ته هاڻي فرصت ڪانه آهي، جلد ماپ ٻڌايو ورنه ڪڙتو خراب نه ٿي وڃي. هيڏانهن درزي ڪڙتو تيار ڪيو هوڏانهن سپاهيءَ جو گهوڙو چورن تڳايو.

هتي سپاهي مان مراد اُهو شخص آهي، جو پنهنجي تقوىٰ جي ڀروسي تي شيطان وٽ وڃي ويهي ۽ شيطان، درزي وانگيان هُن کي نفساني خواهشات ۾ لڳائي، عمر جي ٿان کي رات ڏينهن جي ڪينچي سان ڪاٽيندو رهي.

اطلسي کز بهر تقوىٰ و صلاح

دوخت بايد خرچ کردي از مزاح
اطلس عمرت بمقراض شهور
پاره پاره کرد خياط و غرور

## شعر

روز شب شيطان تو کي ٿو پلائيندو رهي
ڪين مڃ ان جو چيو، هوشيار ره شيطان کان!

# نانگ جو چور

هڪ جوڳي بازار ۾ نانگ جو تماشو ڏيکاري رهيو هو، جڏهن هن مرلي وڄائي، تڏهن ڪارو نانگ ڪر ڪڍي مٿي بيٺو، آخر مرليءَ جي مڌر آواز تي نانگ پڇ تي اُڀو ٿي بيهي رهيو، نانگ ڏاڍو خوبصورت هو سندس خوبصورتي ڏسي، ٻئي جوڳي کي حرص جاڳيو ته اِهو نانگ ڪيئن به ڪري، هٿ ڪريان. آخر ڏٺائين ته جوڳي هڪ ڪونيءَ ۾ نانگ واري ڳوٿري رکي آهي، رات جو ٻيو جوڳي پٽ کي ڪاٽ هڻي نانگ واري ڳوٿري ڪڍي رمندو رهيو، نانگ جو مالڪ صبوح جو جڏهن جاڳيو، تڏهن پنهنجو نانگ گم ٿيل ڏسي ارمان ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجي رزق جو ذريعو گم ٿيل ڏسي فڪرات ۾ پئجي ويو، زار زار روئي رب سائين کي ٻاڏائڻ لڳو ته، ياالله! جنهن منهنجي هيءَ دولت آهي لٽائي، انهيءَ جي دل ۾ وجهه سچائي، ته منهنجو نانگ مون کي موٽائي ڏي، نانگ جو چور چورائيندڙ جيئن پنهنجي گهر پهتو، تيئن خوشيءَ مان نانگ کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ جيئن هٿ وڌائين، تيئن ڪيس نڪاءُ ڪيرايائين. نانگ جي مستيءَ جا ڏهاڙا هئا، سندس زهر، يڪدم هن تي اثر ڪري ويو ۽ هو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو.

جڏهن نانگ جي مالڪ هي واقعو ٻڌو، تڏهن خدا جو شڪر ڪيائين ته، جيڪڏهن اهو نانگ مستيءَ ۾ مون کي به ڏنگ هڻي ها، ته مان به ائين ئي مري وڃان ها، مون کي نانگ جي چوري ٿي وڃڻ جو ارمان هو، مگر انهيءَ ۾ منهنجي بهتري هئي. انسان کي مال جي نقصان ٿيڻ تي ارمان ٿيڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڪان انسان جي سر جي بلا دفعي ٿئي ٿي.

# جج جي مشڪلات

هڪ بادشاهه پنهنجي هڪ صالح ۽ ديندار عالم کي قاضي القضات جي جليل القدر عهدي تي فائز ڪيو. اهو ٻڌي عالم زارو زار روئڻ لڳو، ان تي نائب قاضي چوڻ لڳس ته، هيءَ ته خوشي جو موقعو آهي، جو اوهان کي ايڏو عهدو مليو آهي، روئو چو ٿا؟ جيڪڏهن اوهان ديانت سان ڪم ڪري ماڻهن جي داد رسي ڪندا رهندا ته، بادشاهه جون عنايتون هڪ طرف ٿينديون ۽ الله وٽان اجر عظيم ٻئي طرف ملندو.

قاضي صاحب چيو ته، افسوس! جو توهان قضا جي مشڪلات جو علم رکندي به همدرديءَ جو اظهار نٿا ڪريو، مدعي ۽ مدعا عليه منهنجي روبرو ايندا هر هڪ پاڻ کي سچو ڪرڻ لاءِ زور ڏيندو، هر هڪ سچائيءَ جا ثبوت ڏيندو، مون کي اصل واقعي جي ڪهڙي خبر؟ غيب دان ته مولىٰ سائين آهي. جڏهن دارومدار ئي شهادتن تي هوندو، تڏهن ٻڌاءِ ته مان ڪهڙي نه مشڪلات ۾ هوندس! ته فتوىٰ ڪنهن جي فائدي ۾ ڏيان. الله جي مخلوق جي جان ۽ مال جو فيصلو پنهنجي قياس مطابق ڏيڻ وڏو خوفناڪ ڪم آهي. نائب چيو ته جيڪي اوهان فرمايو سو سڀ سچ آهي، مدعي ۽ مدعا عليه کي حرص ته انڌو ڪيو هوندو مگر خدا جي فضل سان اوهان جي امانت ۽ ديانت جون اکيون روشن هونديون توهان جيڪڏهن انصاف ڪندا رهندو ته پوءِ ڪهڙو خوف آهي؟ مگر جيڪڏهن ڪنهن جو خيال ڪيو ته، هنن ٻن انڌن ۾ توهان ٽيان انڌا ٿي پوندا. راشي جج فيصلو انصاف سان نه ڪري سگهندو آهي.

ياد رک دل تي سدا قول نبي

ويندا دوزخ ۾ راشي ۽ مرتشي

ڪي رشوت نه وٺندا آهن، مگر سفارش ٻڌي، انصاف جو خون ڪندا آهن، ڪي وري مذهبي تعصب سبب عدل نه ڪندا آهن. ڪي دوستي ۽ مٽيءَ جو خيال رکندا آهن، ڪي وري پاڻ کي مشهور ڪرائڻ لاءِ رشتيدارن خواه عزيزن جي خلاف فيصلو ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو سچ پچ ته رشوتين کان به بدتر آهن، چو ته راشي پنهنجو پيٽ پري ايمان ضايع ڪري ٿو، مگر هو ته مفت ۾ ايمان ضايع ڪن ٿا.

وٺ نه رشوت ۽ رسائي، لاڳ لاپو آنڪي

سون چاندي جي سڪن لئي قوم جو قاتل مَ ٿيءُ!

# مٺي کائيندڙ بيوقوف

هڪ بيوقوف کي مٺي کائڻ جي خراب عادت هُئي. هو هڪ ڏينهن، هڪ دڪاندار کان ڳڙ وٺڻ ويو، دڪاندار چيس تہ مون وٽ ڳڙ جدا جدا هنڌن جو ۽ سٺو آهي، مگر منهنجا وٽ مٺي جا آهن مگر آهن پوري پوري وزن جا. هن چيو تہ مون کي ڳڙ کپي، وٽ ڇا جا ئي هجن. دل ۾ چوڻ لڳو تہ منهنجي لاءِ مٺي جو هڪ هڪ ڳنڍو، گويا مصريءَ جو ڳنڍو آهي. دڪاندار وٽ تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ وجهي، پاڻ تيشو ڳولڻ لڳو تہ جيئن ڪپي، پورو وٽ بنائي. مٺي خور اک وٺي. ڏندن سان وٽ جو ڳپل پيجي کائي ڇڏيو ۽ هڪ پتر ڪيسي ۾ بہ وجهي ڇڏيائين. دڪاندار ڏسي دل ۾ چوڻ لڳو تہ پلي جيتري مٺي وٺيس، سا وٽ مان کائي مون کي ڪس تہ نہ آهي، ڪيترو وزن ڪم ڪندو، اوترو مون کي ڳڙ گهٽ ڏيڻو پوندو. آخر هن کي چيائين تہ تون ڊڄ نہ، تو کي جيتري بہ مٺي وٽي کاءُ مون کي ڳڙ تارازي ۾ تورو وجهڻوپوندو.

جهڙي طرح مٺي خور پنهنجي بيوقوفيءَ سبب مٺي کائڻ ۾ نقصان نٿي ڄاتو، تهڙي طرح دنيوي لذتن ۾ ڦاٿل شخص بہ نٿو ڄاڻي تہ مان پنهنجو عقبیٰ لاءِ ڪيترو نہ فقصان ڪري رهيو آهيان.

## بيت

رچي مَن خلل، ڦاهي ڦاٿو پاڻهي

سامي سمجهي ڪينڪي مورک مابا ڇا

# نقاشن جو مقابلو

هڪ دفعي، چيني ۽ رومي ڪاريگرن ۾ بحث مباحثو هليو. هو چون ٿا تہ اسان زور، هي چون ٿا تہ اسان زور، چيني دعوىٰ ڪرڻ لڳا، تہ اسان جادو قلم آهيون، ڪوئي نقاشيءَ ۾ اسان جو مَٽُ يا ثاني نہ آهي، رومي چوڻ لڳا تہ، هٿ جي صفائي ۾ اسان جو نظير ڪوبہ ڪونہ آهي.

آخر ڪار فيصلو ٿيو، تہ بہ شيون هجن وچ ۾ پردو هجي، هڪ پٽ ڪي چيني پنهنجي نقش ونگار سان چٽين، ٻيءَ کي رومي. . . چيني نقاشن پنهنجي ديوار کي گلزار بنائي ڇڏيو، هنن اهڙي طرح نقاشي ڪئي، جو پٽ، پٽ نٿي معلوم ٿي، مگر هڪ باغ ٿي سمجهڻ ۾ آيو. رومين، رنگ و روغن ڪم نہ آندو، مگر مصالح سان پنهنجي پٽ کي آئينو بنائي ڇڏيائون. جيئن پردو وچ مان ڪڍيو ويو تيئن چينين جو هر هڪ گل ٻوٽو هوبهو رومين جي پٽ تي نظر ٿي آيو. بس ٻئي پٽيون يڪسان پئي معلوم ٿيون، رومين جي هٿ جي صفائي ڏسي چيني حيرت زده ٿي ويا.

مولانا فرمائي ٿو تہ صوفي انهن رومين مثل آهن، جي دل جو رنگ دور ڪري، هن کي آئينہ وانگر صاف ڪن ٿا ۽ ان ۾ انور الاهي جي سدا بهار گل ٻوٽن جو عڪس وجهي رشڪ صد گلزار بنائي ڇڏين ٿا.

رومين کي ڄاڻ سي صوفي پسر
جي هلائين ڪين ٿا ٻيو ڪجهہ هنر
صاف صيقل ساڻ ڪن ٿا سيد کي
دور دل مان ڪن ٿا بخل ۽ ڪينہ کي

## بيت

سهي سجائي پاڻ، اٿيئي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪڍ قلوب مان ميرائي جو ماڻ،
ساجن توئي ساڻ، آهي رات ڏينهن روحل چوي.

# چور ۽ غافل گهر ڌڻي

هڪ بيمار، دل آزار کي گلي جي شدت مرض کان ننڊ ئي نٿي آئي. هن رات جو ڏٺو ته سندس پٽ کي هڪ چور ڪاٽ پئي هنيو. هن بيوقوف اِهو به نٿي ڄاتو، ته هي منهنجو دشمن آهي، ۽ جهڳڙو ئي جهڻ ٿو ڪري. اٿلو هن کي سلام ڪري چوڻ لڳو ته، يار تون ته ڪو ڏاڍو بزرگ ٿو ڏسجين، جو آڌي رات ٿي وئي آهي، ته خاڪ تي وينو آهين ۽ بيدار رهيو آهين، گرمي سردي جي به پرواهه ڪانه ٿو ڪرين، مگر ايترو ته ٻڌاءِ ته اِها نڪ نُڪ ڇا جي آهي؟ چور سمجهي ويو ته هي آهي ته ڪو ڇسو بيوقوف، سو سوچڻ لڳو ته ڍولڪ وڄائي رهيو آهيان. بيمار چيس ته ڇا سبب! جو ڍولڪ جو آواز ڪونه ٿو اچي. چور چيو ته، منهنجو هي ڍولڪ نئين نموني جو آهي. جي رات جو وڄندو آهي، صبوح جو آواز ڏيندو آهي، مان جڏهن هتان هليو ويندس، تڏهن تون صبوح جو سوير ان جي ڌؤن ڌؤن جو آواز ٻڌندين، مڪان جو مالڪ اِهو ٻڌي سمهي پيو ۽ چور پنهنجو ڪم پورو ڪري، سڄي گهر کي ٻهارو ڏئي راتو واه رمندو رهيو. . .

صبوح ٿيو ته، آواز اٿيو، ته بيمار جي گهر کي ڪاٽ لڳو آهي، ۽ سندس سمورو مال اسباب چور ڪٽي ويا. . . هو اِهو حال ڏسي زارو زار روئڻ لڳو، مگر هاڻ سندس روئڻ ڪهڙي ڪم جو. . .

شيطان به چور وانگر، انسان کي ڪاٽ هڻي رهيو آهي ۽ ٻبانگ دهل چئي به رهيو آهي ته مان تنهنجي پاڙ ڪوٽي رهيو آهيان، مگر ان جي ڍولڪ جو آواز غافل انسان ٻڌي نٿو. قيامت جي صبوح جو ڪيس خانه بربادي‌ءَ جو پتو پوندو، پوءِ گهڻو ئي پڇتائيندو مگر ورندو ڪجهه به نه.

## بيت

غافل غفلت تون ڪيئن اٺاسي اوجهرين
نيٽن ننڊاڪوڙ، متان ورن ۾ واڪا ڪرين

# ماءُ کي قتل ڪندڙ

هڪ نوجوان جي ماءُ تي ڪنهن بدڪاريءَ جي تهمت هنئي. نوجوان بہ اڳ پوءِ جانچيو ڪونہ، گهر اچڻ سان پهريائين پنهنجي ماءُ کي چڱي مار ڏنائين، آخر تلوار هڻي ڪيس قتل ڪيائين، هڪ شخص ان کي چيو تہ اي نادان! تو پنهنجي ماءُ جي حقوق جو بہ خيال ۽ ادب ئي نہ رکيو، سندس سڀ احسان ڀلجي وئين. . . هن مرد جواب ڏنو تہ، هن اهڙو برو ڪم ڪيو، جو هن لاءِ داغ هو، مون هن کي ماري شرمندگيءَ بدنامي کان بچائي ڇڏيو. هاڻي قبر سندس پرده پوشي ڪندي. . .

هن شخص چيس تہ، انهيءَ کان تہ بهتر هو تہ تون انهيءَ شخص کي مارين ها، جنهن تنهنجي والده تي تهمت هنئي آهي، هن چيو تہ ڇا، آءٌ روز پنهنجي ماءُ لاءِ هڪ هڪ آدمي جو خون ڪندو رهان ها؟ اڄ هن جي تهمت سڀاڻي هن جي تهمت. . . بس فساد جي جڙ ڪٽي ڇڏي ۽ خلقت جي خونريزي کان بہ ڇٽس. . . .

مولانا فرمائي ٿو تہ، اي غافل! تنهنجو نفس انهيءَ بدڪار مادر جي مثال آهي، تون ان جي خاطر خلقِ خدا سان جنگ ڪري رهيو آهين؟ تون انهيءَ ڪميڻي کي مار جيئن فساد جي جڙ ئي وڃجي وڃي.

## شعر

گُل! ڳچي پو ڪيم هن هُنَ سان مَر جهيڙ
وڙهہَ مَر ڪنهن سان، نفس پنهنجي ساڻ وڙهہ

# پينگي، عطر جي بازار ۾

هڪڙو چمار، عطارن جي بازار مان اچي لنگهيو، هن جي دماغ جو، چمڙيءَ جي بدبو تي هريل هو، تنهن کي عطر جي بانس پانءِ نہ پئي، سندس متي ۾ سور ٿي پيو ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا آيا، هن کي هوش ۾ آڻڻ جون ڪافي تدبيرون ڪيائون، مگر سي سڀ اجايون ٿيون. هو هوش ۾ اچي ئي نہ. . . . آخر هڪ ماڻهو ڊوڙي وجي هن جي ڀاءُ کي ٻڌايو. . . سندس ڀاءُ پڇيو تہ هو ڪٿي بيهوش پيو آهي؟ هن چيس تہ عطر وارن جي دڪان وٽ. . . هو دل ۾ سمجهي ويو، تہ بيهوش ڇو ٿيو آهي. . . سو ڇا ڪيائين، جو ڪتي جي ڪرفتيءَ جو ذرو لڪائي پاڻ سان کنيو آيو. . . . اچڻ ساڻ ئي ڀاءُ جي نڪ تي رکيائين تہ هو اُٿي ويهي رهيو. . .

ڀلا هو رات ڏينهن بدبو تي هريل هو، خوشبوءَ هن کي ڪيئن پسند ايندي! قرآن شريف ۾ لکيل آهي تہ، خبيثات، خبيثن لئي طيبات طيبن لئي آهي.

هرکرا مشک نصيحت سود نيست
جزبدين بوئي بدش بهبود نيست
کرم کو زاداست از سرگين ابد
مي نگر داند بعنبر بوئي خود

## بيت

چڱن جي سنگت ۾ گذارج سدا
جو صحبت جو ٿئي ٿو اثر اي ادا
سنگت آهي بڇڙي جو بڇڙو ڦل
رهج تون سدائين انهيءَ کان ڇٽل

# صوفي ۽ سندس گڏهه

هڪ صوفي سگهورو، گڏهه تي سوار ٿي، سفر ڪندو، هڪ شهر ۾ وارد ٿيو، ۽ صوفين جي خانقاه ۾ منزل انداز ٿيو، گڏهه کي خوب چنبڙي ڦوڪي، گاهه داڻو ڪارائي، خانقاهه جي پاسبان کي چيائين ته گڏهه جي پارت اٿئي. هن چيو ته، منهنجو پلا ٻيو ڪهڙو ڪم آهي. خانقاه جو صوفي وڏو فياض ۽ مهمان نواز هو. مهمانن جي ڏاڍي خاطرداري ڪندو هو. ٻيا صوفي به دوست احباب سڀ ڪجهه خرچ ڪرڻ کان دريغ نه ڪندا هئا. هڪ ٻئي جو مال پنهنجو تصور ڪندا هئا. جنهن ڏينهن هيءُ مسافر صوفي وارد ٿيو هو. ان ڏينهن قدرتاً صوفين سگهورن وٽ ڪجهه نه هو، هنن بي تڪلفيءَ سان سندس گڏهه کپائي، سامانِ دعوت مهيا ڪيو ۽ سيني خوب کائي پي موجون ماڻيون، رات جو جڏهن مجلس حال وقال منعقد ٿي تڏهن صوفي وجد ۾ اچي نچڻ ۽ ٽپڻ لڳا، خانقاهه جو شيخ، گڏهه واري صوفي کي ڏسي، بيساخته چوڻ لڳو:

خر برفت وخر برخت وخر برفت

"ويو گڏهه بس ويو گڏهه بس ويو گڏهه"

اهو ٻڌي صوفي روئڻ لڳا ۽ اهو مصرعو بار بار چوڻ لڳا، مجلس خوب گرم ٿي، گڏهه جي مالڪ تي به ان جو اثر ٿيو ۽ بيڪمال رقت ساڻ چوڻ لڳو ته "خر برفت وخر برفت وخر برفت" صبوح جو جڏهن محفل ختم ٿي، تڏهن صوفي لغام ۽ ٽپڙ ڪڍي طبلي ۾ ويو ته گڏهه کي سنجي، ڏٺائين ته گڏهه گم آهي" پاسبان کان پڇيائين ته گڏهه ڪٿي آهه، جواب مليس ته راتوڪي دعوت جو خرچ ٿي ويو. صوفي لنيون ڪڍي منهنجي مٿان اچي بيٺا، چيائون ته گڏهه ڏي نه ته سر ٿا نيوئين، مون اوهان کي اطلاع ڏيڻ جو ارادو ڪيو ته هو، روئڻ لڳا، آخر هو جڏهن گڏهه ڪاهي ويا، تڏهن مان اوهان کي ٻڌائڻ آيس، ان وقت اوهان جي محفل گرم هئي، خود اوهان " خر برفت وخر برفت وخر برفت" چوندي زار زار روئي رهيا هئا. مون سمجهيو ته اوهان کي اڳ ئي اطلاع ملي چڪو آهي. صوفي چيو ته، "مون سمجهيو ته انهي مصرعي ۾ به ڪا صوفيانه رمز آهي مون کي ڪهڙي خبر ته هو مون سان مسخري ڪري رهيا آهن، افسوس! مون جاهلن جي تقليد ڪئي ۽ پاڻ کي نقصان ۾ وڌم.

مرد مرا تقليد شان برباد داد

ڪه دو صد لعنت برين تقليد باد

شريعت جي معاملات ۾ دين جي امامن جي تقليد ڪرڻ واجب آهي، مگر جاهلن جي تقليد ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ بهتر آهي.

جاهلن جي ڪر نه هرگز پيروي

علم وارن ساڻ رک تون دوستي

# حريص ڳئون

هڪ سرسبز ٻيٽ ۾ هڪ ڳئون رهندي آهي، هن جي عادت آهي تہ هوءَ صبح کان شام تائين گاهہ چرندي رهندي آهي، سمورو گاهہ شام تائين ختم ڪري ڇڏيندي آهي، هوءَ سڄي رات متفڪر رهندي آهي، تہ صبوح جو ڇا کائيندس، انهيءَ غم ۾ هوءَ ڳري ڪنڊا ٿي وڃي ٿي. صبوح جو اٿڻ سان وري سرسبز ۽ گاهہ سان پر جهنگل ۾ وڃي چرندي آهي ۽ ڏاڍي حرص سان ڪک پن چونڊيندي کائيندي ويندي آهي، تان جو سج لهڻ تائين سمورو گاهہ ختم ڪيو ڇڏي، وري صبح تائين ڪيس روزگار جو فڪر رهي ٿو ۽ صبوح ڪيس ڳاري ڪنڊا ڪري ٿو.

اهڙي طرح انهيءَ ڳئون کي ڪيئي سال گذري ويا، تہ بہ اهو ويچار نہ ڪيائين تہ مان ڪڏهن بہ هيتري وقت ۾ هڪ ڏهاڙو بکي نہ رهي آهيان، پوءِ روزگار جو فڪر ڇو ٿي ڪريان. . . هن حڪايت مان ڪا ڳالهہ سمجهو ٿا؟ اچو تہ اوهان کي کولي ٻڌايان:

نفس آن گاو است آن دشت آن جهان

کہ همي لاغر شود از خوفِ نان

ڳئون کان مراد، انسان جو نفس آهي، جهنگل هيءَ دنيا آهي، نفس پيٽ جي فڪر ۾ رهي ٿو، نٿو ڏسي تہ رزق ڏيڻ وارو رزاق آهي، جو سڀ کي پيو روزي رسائي.

خدا تي مڪمل ڀروسو رکڻ گهرجي، جنهن هيترو وقت ڏنو آهي، اڳتي بہ اُهو ڏيندو. سدائين سائين کي هيئن چئجي تہ:

جيڪي منجهہ جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي

لطف جي لطيف چئي تو وٽ ڪمائي ڪانہ

# ٻوڙو ۽ بيمار

هڪ ٻوڙي ماڻهوءَ جو ڪو پاڙيسري بيمار ٿي پيو، هُن کان حال پرسيءَ لاءِ سندس گهر ويو، ڇاڪاڻ جو بيمار کان پڇڻ سنت نبوي آهي. دل ۾ هي خيال هوس ته، آءٌ آهيان ٻوڙو، هو ويچارو بيمار ٻه گهٽن ڏينهن جو آهي، سندس آواز ٻه ڪمزور ٿي ويو هوندو سندس ڳالهه ڪيئن سمجهندس، مگر جڏهن سندس چپ چرندا ڏسان، تڏهن سمجهان ته هو هاڻي مون سان گفتگو ٿو ڪري، مان هن کان پڇندس ته، ڇا حال آهي؟ ته هو ضرور چوندو ته چڱو حال آهي، مان چوندس ته الحمدلله. وري مان پڇندومانس ته دوا ڪهڙي آهي هو چوندو ته فلاڻي فلاڻي دوا کانوان ٿو، مان چوندس ته سٺي دوا اٿو، وري پڇندومانس ته طبيب ڪهڙو اٿو، هو ضرور ڪنهن جو نالو وٺندو. مان چوندس هو نهايت قابل آهي، جتي وڃي ٿو اتي ڪم ٺيڪ ڪري ٿو، مون ٻه هن کي آزمايو آهي، بس اهي سوال و جواب ذهن ۾ ويهاري مريض کان حال پرسي ڪرڻ لڳو، ته ڇا حال آهي، هن چيو ته مان مران ٿو، ٻوڙي چيو ته، الله جو شڪر ۽ احسان آهي. هي ٻڌي مريض ڏاڍو ملول ۽ خفي ٿيو. . . وري ٻوڙي دوا جو سوال پڇيو، هن چيو ته، زهر ٿو کاوان. . . . ٻوڙي چيو ته نهايت عمده دوا کائين ٿو، چڱو فائدو ڏيندءِ. مريض وڌيڪ بگڙيو ۽ چوڻ لڳو ته هي منهنجو جاني دشمن آهي، تيون سوال طبيب متعلق ڪيائين، بيمار چيو ته عزرائيل ٿو دوا ڪريم. هن چيس ته يار واه واه، اِهو اعلىٰ حڪيم آهي، جتي سندس پير پوي، اتي خير ٿيو وڃي، نهايت سٺو طبيب اٿئي. مان ٻه هن کي تنهنجي سفارش ڪندس ته توکي جلد مصيبت کان ڇڏائي. . . .

انهيءَ کان پوءِ هو اٿي، پنهنجي گهر آيو، دل ۾ چيائين ته ڏاڍي سٺي، نموني سنت نبوي ادا ڪريو آيو آهيان، مگر هن کي پنهنجي ٻوڙاڻ سبب ٻئي جي ناراضگيءَ جو پتو نه پيو. سندس هر لفظ مريض کي ڏکوئيندڙ هو، مگر هن يار ته خوشگوار ٿي ڄاتو.

مولانا فرمائي ٿو ته، دنياوي غرضن لاءِ جيڪي عبادت ڪن ٿا ۽ دل ۾ سمجهن ٿا ته اسان هيءُ نيڪي ٿا ڪيون سي سچ پچ هُن ٻوڙي وانگر آهن.

عبادت، عبد ٿي ڪجي، نه ٻين جي ڏيکاءَ لاءِ ڪجي

خدا جي در مٿان هردم نماڻو ٿي نمڻ گهرجي

# مفلس امير

هڪ علم ۽ حيا وارو روشن ضمير، امير گردش ايام سبب مفلس ٿي ويو. هو ظاهري پنهنجو اميرانه ٺاٺ رکندو آيو، هڪ پراڻو وڳو هوس، اِهو پائي شام جو ديوان خانه ۾ اچي وهندو هو، مٿي تي اُهو ئي ڪلاه ۽ شيرواني زيب تن ڪندو هو، عطر جو ڦڙو به ڪن ۾ هوندو هوس، ٻڪن تي ٻکون آيس ته مجال جو ٻڙڪ ٻاهر نڪري! پاڙي وارن کي به خبر ڪانه رهي، هن جي هڪ دوست دنبي جي چرٻي موڪلي هئي. هو شام جو هر روز انهي مان آڱر مڇن کي مکي چپ سٽيا ڪري، ٻاهر نڪرندو هو ته جيئن ٻيا سمجهن ته ڪا سٽيي ماني ڪاڌي اٿس. هن جا دوست سڀ آسوده ۽ مال متاع وارا ۽ دوست نواز به هئا، جيڪڏهن هي رڳو اشارو ڪري ها ته به سندس دوست هر مشڪل آسان ڪن ها، مگر هن ظاهري ڏيک ويک کي نه ڇڏيو.

هڪ ڏينهن، هو قسمت جو ماريو، جيئن دوستن جي محفل ۾ وينو هو، تيئن سندس ننڍڙو نينگر، ڊوڙندو آيو ۽ چوڻ لڳو ته، ابا ابا، جنهن لسي مان توهان روز آڱر ٻوڙي، چپن ۽ مڇن کي سٽيو ڪندا هئا، سا سموري ٻلي چٽي وئي. . . .اِهو ٻُڌي هو دل جو دل ۾ شڪي ٿيڻ لڳو، پر هيئن هونءَ ڪري ڳالهه ٽارڻ لڳو، دوستن چيس ته يار ڳالهه لڪائين چو ٿو، ٻڌاءِ ته ڇا حال آهي؟ هن چيو ته، يارو هاڻ ته سارو راز فاش ٿي پيو، مون وٽ ته هڪ درهم به نه آهي. سندس دوستن اُتي جو اتي چندو ڪيو ۽ هن کي پاڻ جهڙو مالا مال ڪيائون. دوست ته اهڙا هجن.

دوست آن باشد ڪه گيرد دست دوست

در پريشان حالي و درماند گي

جو انسان ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو نٿو رکي اُهو آخر شرمندو ٿئي ٿو، اجائي مشائخ ۽ رياڪاري، چپ سٽيا جو پاندو آخر کُلي پوندو.

# اعرابي ۽ عالم

هڪ اعرابي اٺ تي ڪجهه سامان لڏيو، واٽ وٺيو پئي ويو ته واٽ ۾ هڪ مفلس مليس، واٽ تي سندن هيٺين طرح گفتگو ٿي.

عالم صاحب: اي نوجوان، هنن ڳوڻين ۾ ڇا ڪنيو ٿو وڃين.

اعرابي: حضرت! هڪ ۾ واري ۽ ٻي ڳوڻ ۾ ڪڻڪ آهي.

عالم صاحب: واري ڇو ڪنيو وڃين ٿو.

اعرابي: وزن پوري ڪرڻ لاءِ.

عالم: يار تو ته ناحق اٺ تي ايترو بار لڏيو آهي، واريءَ واري ڳوڻ خالي ڪري، هن ڳوڻ مان اڌ انهيءَ ۾ وجهي وزن جي پورائي ڪري ڇڏ.

اعرابي: اي دانا انسان! تو واه جو عقل جي ڳالهه ٻڌائي.. افسوس! تو جهڙو عقل مند آدمي پيرين مٿي اگهاڙو پنڌ پيو وڃي!. . .جيترو توکي عقل آهي، مان سمجهان ٿو ته هوندين ته بادشاهه نه ته وزير ته پڪ هوندين.. .

عالم صاحب: يار! مان نه وزير آهيان ۽ نه بادشاهه فقط معمولي آدمي آهيان، منهنجا هيٺيا حال نٿو ڏسين.

اعرابي: تو وٽ ڪيترا اٺ ۽ ٻيو مال آهي.

عالم صاحب: ڪجهه به مال نه اٿم.

اعرابي: ڇئبو ته دڪاندار آهين.

عالم صاحب: نه، مون وٽ دڪان به ڪونه آهي. تنهن ڪري ماني ۽ ڪپڙي لاءِ به محتاج آهيان.

اعرابي: تو وٽ روڪڙا پئسا ته ضرور هوندا، هٿ ڪنيا نه اٿئي ته گهر ضرور رکيا هوندءِ. ڇاڪاڻ ته تون وڏو عقلمند آدمي آهين، ضرور عقل و حرفت سان ڪجهه نه ڪجهه گڏ ڪيو هوندءِ.

عالم صاحب: اي اعرابي ادا، يقين ڄاڻ ته، مون وٽ ڪجهه به نه آهي، مون کي هن عقل و هنر مان ڪجهه به حاصل نه ٿيو آهي.

اعرابي: جڏهن اهڙا تنهنجا حال آهن، ته تون وڏو منحوس آهين، مون کان دور ٿي وڃ، متان تنهنجي بدبختي جو بار مون تي پوي، تنهنجي حڪمت تنهنجو علم، تنهنجو عقل منحوس، تون هوڏانهن مان هيڏانهن وڃان ٿو. جيڪڏهن توکي اڳتي وڃڻو آهي ته مان پٺتي وڃان. مون کي منهنجو اِهو عقل ڪافي آهي، ته هڪ ڳوڻ ۾ واري هجي ۽ ٻيءَ ۾ ڪڻڪ، تنهنجي بڪ مارڻ واري عقل کان بس چڱي آهي. . .

ائين چئي هو اٺ هڪلي عالم کان دور ٿي ويو. . .

”اي رازق تنهنجي بي نيازيءِ تان قربان! تون نادان کي، دانائن کان اڳ روزي رسائين ٿو، جيڪڏهن روزي جو مدار عقل تي هجي ها، ته سڀ بيوقوف بک مرن ها. تون سڀني جو روزي رسان آهين، سچ آهي ته:

جني ڏاند نه ٻج تني به آسرو تنهنجو،
پوءِ اُپارين سچ، اول ڏيين انهن کي.

# انسان ۽ رڇ جي دوستي

هڪ وڏو نانگ (ازدها) هڪ رڇ کي وات ۾ ڪيو، غار ڏانهن ڀڄڻو تي ويو، رڇ دانهون ڪري رهيو هو، مسلمان جڏهن ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسندو آهي، تڏهن ڪيس ارمان ٿيندو آهي. هو بيتاب ٿيندو آهي. هڪ مسلمان کي رڇ جي حال تي ڏاڍو رحم آيو ۽ هن کي ڇڏائڻ جو ارادو ڪيائين، ڪنهن تدبير سان رڇ کي آزدها جي منهن مان ڇڏايائين، رڇ انهيءَ انسان جو احسان مڃڻ لڳو ۽ سندس غلام ٿي رهڻ لڳو. هو هر وقت ان سان گڏ رهندو هو، جڏهن رات جو سمهندو هو ته رڇ مٿانس پهرو ڏيندو هو. هڪ ماڻهوءَ ڪائنس پڇيو ته ڇا سبب آهي، جو رڇ جي توسان هيڏي دوستي آهي. هن چيس ته، مون رڇ کي ازدها کان ڇڏايو، هاڻي هي منهنجو مطيع بڻجي ويو آهي. هُن شخص چيس ته يار، غير جنس ۽ نادان سان سنگت رکڻ چڱي نه آهي، حيوان جي سنگت ڇڏي، انسانن سان الفت رک ورنه انهيءَ جو نتيجو خراب ڏسندين.

هن چيس ته هل ڙي يار هل! تنهنجي نصيحت مون کي ڪانه ٿي گهرجي. . . هو ويچارو هن جو اهڙو رکو جواب ٻڌي ويندو رهيو. . .

هڪ ڏينهن جنگل ۾ مسلمان ستو پيوهو ۽ رڇ پرسان ويٺو هوس. هڪ مک مسلمان جي بت تي اچي ويٺي، رڇ ان کي هڪليو، مگر مک ضد ڪري هر هر هِن جي بت تي ويهڻ لڳي، آخر رڇ ڪڪ ٿي پيو ۽ هڪ وڏو پٿر کڻي مک کي مارڻ لاءِ تيار ٿيو. مک به انسان جي نڪ تي وڃي ويٺي. رڇ به پٿر کڻي مک کي هنيو، مک ته اڏامي وئي پر هن کي اهڙو ڌڪ لڳو، هو هن جو مٿو پرزا پرزا ٿي ويو ۽ هو مري ويو. سچ چيو اٿن ته، نادان دوست کان دانا دشمن ڀلو آهي.

نادان دوست، دشمن کان به خراب آهي، جنهن جا هم نشين نادان ۽ بُرا هوندا، اُهو آخر تباهه ٿي ويندو.

## شعر

چڱن ساڻ رهه تي سدا هم نشين
ته پوندين چڱو تي ادا باليقين

# سپاهي ۽ واٽ ۾ ستل مسافر

هڪ سپاهي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيو، رستو وٺيو پئي ويو، ڏٺائين ته رستي ۾ هڪ انسان غافل ٿيو ستو پيو آهي. ننڊ ۾ سندس وات کُلي ويو آهي ۽ هڪ ننڍو نانگ، ڊڪندو هن جي وات کي ڏرڙ ڄاڻي، اُن ۾ گهڙي ويو. سوار دل ۾ چيو ته، هن جو نانگ ٻاهر ڪيئن ڪڍجي؟ آخر هن کي دل ۾ هڪ رٿ آئي، گهوڙي تان لهي، هن نادان کي ٻتي ڏڪ وهايائين، هو جاڳي اٿي ڀڳو، پرسان صوفن جا وڻ هئا، اتي وڃي لڪو، سوار به هن کي اچي پهتو، ۽ چيائين ته اي نادان هيٺ جي صوف ڪري پيا آهن، سڀ کاءُ نه ته تلوار سان ڪم پورو ڪري ڇڏيندوسانءِ. هي ويچارو خوف کان صوف کائڻ لڳو ۽ تمام گهڻا صوف کاڌائين هن بس تي ڪئي، سپاهي زور ڪري تي کارايس، جڏهن معدي ۾ ڪابه گنجائش نه رهيس، تڏهن سپاهي چيس ته هاڻي منهنجي گهوڙي اڳيان تکو تي ڊوڙ، نه ته تلوار سان ڏڌ کان ڏر ڪندو سانءِ.

هي شخص گهوڙي اڳيان ڊوڙڻ لڳو، سهڪي پيو ته ڪٿي ٿورو بيٺو تي ته، سپاهي ٺڪاءُ تي چهبڪ ڪرايس آخر هو ڊڪي ڊڪي ٿڪو ۽ بيهي هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته حوالدار صاحب! مون ڪا چوري ڪانه ڪئي آهي نه ڪو ڏوهه ڪيو اٿم، مون کي ڪهڙي جرم ۾ ههڙي سزا ڏيو ٿا، سپاهي وري به ٿي ڏڪ هنيس ۽ ڊڪڻ لاءِ تاڪيد ڪيائينس. هو ويچارو ڇا ڪري! وٺي ڊوڙيو اتي سندس دل ڪچي ٿيڻ لڳي ۽ قئي ڪرڻ لڳو. قئي ڪري ڪري ساٽو تي پيو، آخري دفعي زور سان قي ڪيائين ته، نانگ نڪري ٻاهر ٿيو. . جڏهن هن نانگ ڏٺو، تڏهن سمجهه ۾ آيس ته سپاهي مون کي چو تي ماريو. . . سوار جو دل و جان سان شڪريه ادا ڪيائين ۽ ڪيس دعائون ڏنائين. چيائين ته، جيڪا تو سختي مون تي ڪئي، اُها سچ پچ تنهنجي مهرباني هئي.

پيءُ ماءُ ۽ استاد جيڪا ٻارن تي سختي ڪندا آهن، حقيقت ۾ اُها سندن مهرباني آهي.

"جورِ استاد به از مهر پدر"

مگر ناسمجهه ٻار انهن کي برو ڄاڻندا آهن، سعادت مند ٻار اُهو آهي، جو انهن جي سختي سهي ۽ سندن فرمان ۾ رهي ڇاڪاڻ ته:

دشمني عاقلان زين آسمان بود
زهر ايشان ابتهاج جان بود

## بيت

سختي سچارن جي اڪثر اوجاري.
ماري يا ڪاري، الفت اڻ ڄاڻن جي.

# ”مان“ رکندڙ عاشق

هڪ ويچارو عاشق، پنهنجي معشوق جي دروازي تي پهچي دروازو کڙڪائڻ لڳو. اندران آواز آيو تہ ڪير آهين؟ عاشق عرض ڪيو تہ ”مان آهيان“ اوهان جو غلامُ، باچشم گريان، سينہ بريان، حاضر ٿيو آهيان، تہ توهان جي ديدار فرحت آثار سان، بيقرار دل کي قرار ڏيان.

معشوق جواب ڏنو تہ، منهنجي دوست ۾ ”مان“ وارو ڪو نہ آهي. انهيءَ ”مان“، منجهان غرور جي بانس پئي اچي، تون اجان ”مان“ ماري پختو نہ ٿيو آهين، وڃي آتش هجر ۾ پاڻ کي پچائي پڪو ڪري، ”مان“ کي ماري اچ. . . ويچارو عاشق صادق سال تائين، فراقِ يار ۾ حيران و سرگردان رهيو ۽ وري اچي معشوق جو دروازو کڙڪيائين.

بانگ زد يارش کہ بردر کيست آن،
گفت بر در هم توئي اي داستان.

اندران آواز تہ ڪير آهين، عاشق چيو تہ بس تون ئي آهين. ٻيو ڪير آهي؟ معشوق هي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي اندر گهرايائين ۽ چيائين تہ، يار! معاف ڪج، هاڻي تون ۽ مان هڪ آهيون.

چون يکي باشد همہ نبود دوئي
هم سني بر خيزد آنجا هم توئي
نيست سوزن را سر رشتہ دوتا
چونکہ يکتائي درين سوزان در آ

## بيت

پائڻ جي پائين، سي ڪڏهن ملنديون ڪين کي

# چور ۽ مالهي

هڪ چور هڪ باغ ۾ انب جي وڻ تي چڙهي ان کي اهڙو ڌوڻيائين جو سڀ انب هيٺ اچي ڪريا. اتفاق سان باغبان به اتي پهچي ويو ۽ چور کي چيائين ڪجهه خدا جو به خوف ڪرڻ گهرجي! توکي آخر مرڻو آهي، وري حساب ڪتاب لاءِ قيامت ۾ به هلڻو اٿئي. خدا کي ڪيئن منهن ڏيکاريندين. چور چيو ته تون ڪير آهين؟ جي باغ خدا جو آهي، مان خدا جو بندو آهيان، هُو ڪارائي ٿو ته مان ڪان ٿو، هن جي حڪم کان سواءِ وڻ جو پن نٿو چري، مون سان اِهي جاهلاڻه ڪلام نه ڪر، تو ۾ ته عقل جو ذرو به ڪونه آهي. باغبان دل ۾ سوچيو ته، چور ته وڏو ڪو منطقي آهي، مان به هن کي اهڙو جواب با صواب ڏيان جو عمر ۾ ڪنهن نه ڏنو هوندس.

باغبان چيس ته، يار هيٺ لهي اچ، ته تو چيو آهي سچ، تنهنجي سنگت ۽ صحبت، مون لئي ٿيندي غنيمت. مدت پجاڻ تو جهڙو بزرگ مليو اٿم، بس تون منهنجو مرشد، آءٌ تنهنجو مريد، مون کي راهه نجات ڏيکار!! چور هيٺ لهي آيو، باغبان يڪدم ڪيس پڪڙيو ۽ هڪ وڻ سان ڪيس جڪڙيو، پهريائين مڪن جي مار ڏنائينس، پوءِ وري لنيون هنيائينس. . . ان تي هن وٺي دانهون ڪيون ته خدا جي نالي مون کي نه مار. . .

تنهن تي باغبان چيس ته ايتري ۾ پنهنجو منطق پلجي وئين؟ ڇا هيءُ لٺ خدا پيدا نه ڪئي آهي؟ ڇا توکي مارڻ وارو هٿ ۽ جسم خدا پيدا نه ڪيو آهي؟ تون ناحق منهنجي گلا ڪرين ٿو ۽ مون تي ڏوهه ڌرين ٿو هي تنهنجو فرياد جاهلانه آهي.

چور چيو ته، معاف ڪر! مون اجائي بڪواس ڪئي، مون کي آزاد ڪر اڳتي ائين نه ڪندس.

جيڪي ماڻهو گناهه ڪن ٿا ۽ چون ٿا (معاذالله) " هي به خدا جي طرفان آهي" سي بيهودي بات بڪن ٿا. انسان فاعل مختار آهي، جو ڪجهه ڪري ٿو ان جو پاڻ ذميوار آهي، خدا ان کي عقل ڏنو آهي، ته سمجهي سوچي قدم ڪڻي.

## بيت

درجهان تون اي ميان ڪڻ سوچ سان پنهنجو قدم
جو قدم سمجهي نه ڪڻندو سو ته سهندو درد غم

# ٽي چور ۽ هڪ باغائي

هڪ باغائي ويچاري کي پتو ئي نہ پوندو هو، تہ ڪير ٿو باغ مان ميوا چورائي ڪائي وڃي. . . هڪ ڏينهن هن اوچتو ٽي چور ڏٺا، ٽي ئي نيا نينگرا هئا. هڪ سيد زادو، ٻيو قاضي جو پٽ ۽ ٽيون صوفي جو فرزند هو. باغائي دل ۾ سمجهيو تہ هي آهن ٽي مان هڪ ڄڻو، ڪيئن هنن سان پُڄان، هڪ جو آهي ٽن سان مقابلو، سترو ناهي معاملو، ڪجي ڪو حيلو وسيلو.

باغبان هنن جي ويجهو ويو ۽ چوڻ لڳن تہ صاحبزادا! سلام ٿئي، منهنجا وڏا نصيب آهن، جو هت قدم پيري آيا آهيو، بس منهنجي باغ کي برڪت سان پرپور ڪَيُوَ. صوفي صاحب! توهان منهنجي گهر وڃو اُتان تڏو فراسي ڪٽي، وڃايو ان تي ويهو، ميوا ڪائو ۽ گلن مان گلدستا بنايو. هن جي وڃڻ کان پوءِ باقي ٻن کي چيائين تہ، توهان تہ منهنجا سائين آهيو، صوفي جو ڪهڙو حق آهي، جو ميوا ڪائي ۽ گل وڃائي. اِهو ٻڌي هو ٻئي ڄڻا خوش ٿيا، تہ باغائي اسان ٻنهي تي مهربان آهي، صوفي سان جيڪي وٽيس سو ڪري.

باغائيءَ پوءِ صوفيءَ کي وڃي ڇهٽيو، خوب مار ڏنائينس ۽ چيائينس تہ ٻڌاءِ تہ، ڪهڙي تصوف جي ڪتاب ۾ لکيل آهي، تہ پرائو مال ڪائجي. . .

باغائي موٽي ٻنهي وٽ آيو ۽ سيد زادي کي چائين تہ شاهہ صاحب! توهان ذرا تڪليف ڪري، منهنجي گهر تائين وڃو ۽ ڪاڏو تيار ڪرائي اچو تہ هت ويهي موج سان ڪائون. . سيد صاحب ويو تہ، باغبان قاضي جي پٽ کي چيو تہ، توهان تہ عالم آهيو، عالم انبياءِ جا وارث آهن، توهان جي عزت ڪرڻ مون تي واجب آهي، مگر هو سيد صاحب تہ الاهي ڪير آهي، جيڪو اُٿي سو ٿو علي ۽ محمدﷺ جي اولاد پاڻ کي سڏائي. . .

قاضي زادي دل ۾ ڄاتو تہ باغائي سچ ٿو چوي، اڄ سيڪو ئي پيو پاڻ کي سيد سڏائي، باغائي هن کي باغ ۾ ڇڏي سيد زادي وٽ پهتو ۽ کيس چوڻ لڳو تہ، توکي ڪنهن چيو تہ باغ ۾ اچ.

گفت اي خر اندرين باعت کہ خواند

دزدي از پيغمبر ميراث ماند

ٻڌاءِ، ڇا تنهنجا وڏا چور هئا؟ تون چوندين تہ، نہ هو چور نہ هئا، پوءِ ٻڌاءِ تہ تو چوري ڪنهن کان ورثي ۾ ورتي آهي. . . ٻڌاءِ تنهنجي ڪهڙي ڳالهہ، محمد صہ ۽ عليءَ رضہ سان ملي ٿو اچي؟. . . ڇا سيّد زادن کي واجب آهي تہ ٻين جا مال چوري ڪري ڪائين؟ باغائي ايترو چئي سيد زادي کي چڱي ڇپيٽ ڏني.

باغبان پوءِ وري هن قاضي زادي ڏانهن آيو ۽ چيائينس تہ ڪهڙي فقہ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ پرائو مال چوري ڪري ڪائجي، ڪنزالعمال ۽ هدايہ مان جواب ڏي تہ پراوا ميوا ڪائڻ جائز آهن. .

بس ايئن چئي، ڏندن جو وسڪارو ڪيائينس، قاضي جو پٽ چوڻ لڳو ته، پلي مار توڪي مارڻ جو حق آهي. جيڪو پنهنجي دوستن سان بيوقافي ٿو ڪري، ان لاءِ سزا واجب آهي. مون ڪي هنن ڳان سو دفعا وڌيڪ سز ملي ته بہ جائز آهي، چاڪاڻ جو مان دوستن کي ڇڏي، دشمن جي ڳالهہ تي اعتبار ڪيو. مطلب ته باغبان هنن کي چڱي چٽ ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

## شعر

بري کي ڏئي ڇڏ برائي جي سيکت
چڱن سان رک تون چڱي چال چلت

# سونارو ۽ پوڙهي

هڪ سوناري وٽ هڪ پوڙهي آئي، چيائينس تہ ابا! مون کي ڪانٽو ڏي تہ گهران سون ذرو توري آڻي ڏيانءِ، سوناري چيو تہ امان! مون وٽ ڇاڻي ڪانہ آهي. پوڙهي چيس تہ مونکي ڪانٽي جي ضرورت آهي ۽ نہ ڇاڻي جي. سوناري چيس تہ مون وٽ ٻهارو ڪونہ آهي، گهر پيو آهي. پوڙهي ڪاوڙ مان چوڻ لڳس، تہ تون مون سان چرچا ٿو ڪرين ڇا؟ تو کي خدا جو خوف ڪو نٿو ٿئي، اُهو هر ڳالهہ تي قادر آهي، توکي مون جهڙو ڪمزور ڪري وجهي ۽ تنهنجي جواني مون کي ڏئي تہ ٻہ ڪري ٿو سگهي. جيڪڏهن تون ٻوڙو آهين، تہ مان با آواز بلند توکي چوان ٿي، تہ مون کي ڪانٽو ڏي ڪانٽو. . . سوناري چيس تہ امڙ! مون پهرين ئي سمجهو آهي تہ، توکي ڪانٽو کپي، مگر حقيقت هي آهي تہ تو کي هٿ ۾ سون جا ذرڙا آهن، پر ڪمزوري سبب تنهنجا هٿ ڏڪن ٿا، تون جيئن سون تورڻ لاءِ ڪانٽي جي پڙ ۾ وجهندينءَ تيئن سون ڪري پوندو هيٺ، وري ضرورت ٿيندي ٻهاري جي، جنهن سان مٽي ميڙي گڏ ڪرڻي پوندي، وري اها مٽي جڏهن ڇاڻيءَ ۾ ڇاڻبي تڏهن سون جا ذرا لڀندا. . . تنهن ڪانسواءِ مون کي چوندينءَ تہ پٽ! اڇي ڏس تہ سون جا ذرا اجا مٽي ۾ رهجي تہ نہ ويا آهن. . . مون کي ايتري فرصت نہ آهي، جو اهو تنهنجو بکيڙو ويهي نبيريان، مون کي معاف ڪر، مون وٽ ڪانٽو ڪونہ آهي.

عقلمند انسان جو ڪم آهي، تہ ڪوبہ ڪم ڪري تہ ان جي نتيجي جو اڳ ۾ ئي ويچار ڪري.

هرکہ اول بين بود اعمىٰ بود
هر کہ آخر ڇہ بامعنىٰ بود
عاقبت بينان بوند اهل رشاد

## شعر

ٿئي ٿو بشر دور انديش جو
نہ ڪائي ٿو دوکو ڪهين ڪم ۾ سو

# ٽرڙو پهلوان

اهل قزوين ۾ هي برو رواج هو ته جسم تي نقش و نگار ڪيرائيندا هئا. اُتان جو هڪ پهلوان حجم وٽ ويو، ان کي چيائين ته منهنجي بدن تي تصويرون ڪڍ. هن چيو ته، ”ڇا جي تصوير ڪڍان“ پهلوان چيو ته، مان شير آهيان، منهنجي طالع جو ستارو به اسد آهي، تنهن ڪري شينهن جي تصوير ڪڍ.

حجم سُيون ڪٽي جيئن ڏينيوڙيون هڻي تصوير ڪڍڻ لڳس، تيئن ايذاءَ سبب هو چوڻ لڳو ته ڏاڍو عذاب ٿو اچي، تو ته ماري وڌو. . . حجم! ٿورو ترس، ٻڌاءِ ته شير جو ڪهڙو عضوو چٽي رهيو آهين؟ حجم چيس ته، صاحب! شينهن جو پڇ ٺاهي رهيو آهيان، تون ايتري قدر بيقرار ڇو آهين؟ هُن چيو ته مون ۾ ايتري برداشت جي طاقت ڪانه آهي، ڇگو پڇ نه ٺاهينس، شينهن بنا پڇ جي ئي بهادر هوندو آهي، حجم وري سُئي هينس ته هو وري ڇيچلائي چوڻ لڳو ته استاد! هاڻي ڪهڙو عضو ٺاهينس ٿو. تنهنجي سُئي آهه، يا نشتر مون کي ته ماري ٿو وجهين. . . حجم چيس ته صبر ڪر، هاڻي مان شينهن جا ڪن ٺاهي رهيو آهيان. پهلوان چيس ته يار! خبر نه اٿئي ته ڪتي جا ڪن وڍيا ويندا آهن، ته هو وڌيڪ بهادر ٿيندو آهي، تنهن ڪري تون به اهڙو شينهن ٺاهه جنهن کي ڪن نه هجن. . .حجم وري اڳتي ڪم شروع ڪيو ته وري پهلوان دانهن ڪندي چيو ته جيڪڏهن شينهن بنا پيٽ جي نهي پوي ته ڇا حرج آهي؟ نائي هن جون بزدلانه ڳالهيون ٻڌي، سُئي ڇڏي ماٺ ڪر ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳوته يار تون! ڪو ڏاڍو بزدل آهين، تو ڪڏهن ڏٺو يا ٻڌو آهي ته، ڪو شينهن، بنا پڇ، ڪنن ۽ پيٽ جي هجي. تون سُئي جي چهنب کان ڊڄين ٿو ۽ چوين ٿو آهيان ”شير“ بهادر! متان انهيءَ حالين جنگ جي ميدان ۾ پير پائين!.

انسان کي گهرجي ته پهريائين، پاڻ کي آزمائي پوءِ ميدان ۾ پير پائي، جيئن وقت تي شرمندو نه ٿيڻو پويس.

چون نداري طاقت سوزن زدن
از چنين شير ژڙيان بس دم مزن
اي برادر صبر کن بر درد نيش
تا رهي از نيش قفس کبر خويش
اڳ ۾ پنهنجي پاڻ کي تون آزماءِ
اي ادا! ميدان ڏي پوءِ وک وڌاءِ.

# بزدل هٿيار بند نوجوان

هڪ هيبتناڪ جوان، نيزي، تلوار، ڍال ۽ تير سان آراسته، هڪ اصيل گهوڙي تي سوار ٿيو، جهنگ ڏانهن پئي ويو. واٽ تي هڪ پيادو ڏٻرڙو ڪمزور پوڙهو گڏيس، جنهن کي سواءِ تير ڪمان جي ٻيو ڪجهه به نه هو هن پيادي کي خوف ٿيو ته متان اِهو سوار مون تي حملو ڪري، منهنجو ڪم تمام ڪري مون کي قتل ڪري، تنهن ڪري هن تير ڪمان ۾ وجهي، سوار تي ڪمان سڌي ڪئي. سوار اهو حال ڏسي ڊڄي، رڙ ڪري چوڻ لڳو ته،

”وجهي ڪان ڪمان ۾ ميان مَر مون“

خدا جي واسطي مون کي نه مار، مون کي ٿلهو متارو ڏسي خوف نه ڪر، مان ڪراڙي عورت کان وڌيڪ ڪمزور آهيان، تنهن تي پيادي چيس ته،چڱو بروقت دانهن ڪيئه نه ته تير سان تنهنجو ڪم لاهي ڇڏيان ها، اي نوجوان جڏهن تون هٿيار هلائڻ نٿو ڄاڻين، تڏهن پنهنجي بت تي انهي جو بار ڇو کنيو اٿئي. وڃ گهر وڃي اِهي لاهي رک ورنه هڪ ڏينهن تنهنجا هٿيار توتي وهندا. تون شڪر ڪر جو تنهنجي جان بچي آهي.

چونکہ مردي نيست خنجرهاچہ سود
چون نباشد دل ندارد سود خون

جو ماڻهو هٿيار هلائي نه ڄاڻي انهيءَ کي هٿيار رکڻ ئي نه گهرجي.

# مسافر ۽ هاٿي

چند دوست گڏجي، هندستان جي سير تي روانا ٿيا، واٽ تي هڪ داناءُ انسان، کين هدايت ڪئي تہ، سفر سقر (سفر تي نڪرڻ دوزخ ۾ گهرڻ مثل آهي). سفر ۾ بک ۽ اڃ جي تڪليف ۽ ٻيا ڏک ڏاکڙا ڏسڻا پوندا آهن، سندن ماءُ انهن جي آس پاس رهندي آهي ۽ هر وقت سندس سنڀال لهندي آهي. سندس ٻچا جيڪڏهن، هن جي نظر کان ٿورو پري ٿيندا آهن تہ، هوءَ آهہ و زاري سان آسمان ڏاري وجهندي آهي. جيڪڏهن ڪو، هن جي ٻچي کي قتل ڪري ٿو تہ هُوءَ ڳولي ڳولي بہ انهي کي ماريندي آهي. تنهن ڪري توهان کي هدايت ٿي ڪجي، تہ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ حالت ۾ هاٿي جي ويجهو نہ وڃجو، نڪي ڪنهن کي مارجو، بک جي تڪليف سهجو، مگر هاٿي جي ٻچڻ کي هٿ نہ لائجو.

انهن يارن مان، سواءِ هڪ ڄڻي جي ٻين سيني هنن ناصح مشفق جي نصيحت جڻ ٻڌي ئي ڪانہ. سچ چيو اٿن "نصيحت نادان کي ڪندي نہ اثر" هو جڏهن هندستان جي جهنگ ۾ پهتا، تڏهن هڪ ڏينهن بک جي شدت کان بيقرار ٿي، هڪ هاٿي جي ٻچيءَ کي ڪنائون، "بک بڇڙو ٿول دانا ديوانا ڪري" اڳ پوءِ ڪانہ جاچيائون، گوشت پُچي خوب پيٽ ڀريائون. گهڻي کائڻ سبب مٿن ننڊ جو نشو بہ چڙهڻ لڳو، مگر انهن مان هڪ ڄڻي، ناصح جي نصيحت تي عمل ڪري، گوشت کي هٿ بہ نہ لاتو، ائين ئي سمهي رهيو، ٻيا تہ گوشت جي خمار ۾ سڀ غافل ٿي ننڊ ۾ ستا رهيا. ايتري ۾ هاٿڻ بہ اچي وئي، پنهنجي ٻچڙي کي ڪنل ڏسي، پاڻيءَ کان نڪري وئي، سڌو هنن ستلن جي مٿان اچي ڪڙڪي، مگر ايترو ڪيائين جو هر هڪ جو وات سگهندي ٿي وئي. ڀيريائين انهيءَ شخص جو منهن سنگهيائين، جنهن گوشت ڪونہ کاڌو هو، ان جي وات ۾ گوشت جي بانس نہ ڏسي اڳتي وڌي، هڪڙي کان ٻئي، ٻئي کان ٽئين جو اهڙي طرح سيني جو وات سنگهندي وئي. پنهنجي ٻچڙي جي گوشت جي بانس ڪيس ايندي ٿي وئي، پوءِ هن هڪڙي هڪڙي کي چيپاٽي ماري ڇڏيو. مولانا صاحب اڳتي نصيحت ٿو ڪري تہ،

رت خدا جي خلق جو پيئندڙ! سنڀال،
چو ڦبائين ٿو ٻين جو مفت مال،
تنهنجو پي نت حال ٿيندو ڏس ائين
فيل جي ٻچي جا کهندڙ مئا جيئن.

حديث شريف ۾ آيو آهي، امت جا اعمال رسول مقبول جن جي خدمت ۾ پيس ڪيا ويندا آهن.

تنهن ڪري اي حرام خور! توکي خلق خدا جي خون پيئڻ ۽ رسول الله ﷺ اڳيان شرمندو ٿيڻ کان توبهہ ڪرڻ کپي! تنهنجي حرص و آزار جي بدبوءِ بصر جي بانس وانگر چپائڻ سان بہ چپي نٿي سگهي. انهيءَ حرام خوري سبب تنهنجي عبادت قبول نہ پوندي، اُها بيڪار ۽ رد رهندي.

## بيت

مورک ميڙن مال، استر جاڻي پاڻ کي
جهپي وٽ جڳديش کي ڇڏي خام خيال
ڏسي پنهنجو حال، رئندي رت اکين مان

# طوطو ۽ دڪاندار

هڪ دڪاندار، هڪ طوطو ڌاريو، جنهن منيون منيون ٻوليون ڪري سندس اندر تي ٺاريو. طوطو نهايت هوشيار هو، هو انسان وانگر سمجهدار هو. جڏهن دڪاندار دڪان مان ٻاهر ويندو هو، تڏهن طوطو دڪان تي گويا چونڪي ڏيندو هو. ڪو ڌاريو دڪان تي ايندو هو، تہ طوطو ان کي ڪا شيءَ کڻڻ نہ ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن دڪاندار ٻاهر نڪري ويو، تہ هڪ ٻلي دڪان ۾ گهڙي آئي. ٻلي بہ ٻلي هُئي، گويا شير ٻبر جي پيڻ هئي! دڪان ۾ ڪيترا بہ ڪئا هئا تن سيني کي هن ڪائي ڪپائي ڇڏيو هو ۽ ڪيترن کي طوطي جي اڳيان ماري رهي هئي. طوطو اهو حال ڏسي، دل جو دل ۾ پيو مُسي، خوف کان وٺي ڦٽڪيو، انهيءَ بيخوديءَ جي عالم ۾ جيئن اڏريو تيئن پڃرو وڃي بادام روغن جي شيشن کي لڳو جي سڀ ڪري پجي پيا ۽ تيل سان دڪان تر ٿي ويو.

ٿوري دير بعد:

گهر کان واپس ان جو مالڪ آئيو
۽ دڪان تي سو اچي آراميو
تيل ۾ سٽيا ڏٺئين ڪپڙا دڪان
طوطي کي گنجو ڪيائين چوٽ سان.

طوطي پاڻ سان اِها تعدي ٿيندي ڏسي، ڳالهائڻ ۽ ٻولين ڪرڻ کان ماٺ ڪٽي ڪئي . . بس پڃري جي ڪنڊ ۾ منهن هيٺ ڪري ويهي رهيو، هن جي خوشبياني ۽ گوهر فشاني بند ٿي وئي. اِهو حال ڏسي سندس مالڪ بہ گهبرائڻ لڳو، پنهنجي ڪئي تي پڇتائڻ لڳو. طوطي سان ڏاڍي قرب سان ڳالهائڻ لڳو. هن کي منيون منيو شيون کارائڻ لڳو، درويشن ۾ ڏوڪڙ ورهائڻ لڳو مگر طوطي ڳالهائڻ کان صفا بس ڪئي هئي.

هڪ ڏينهن هڪڙو گنجو فقير دڪان تي آيو ۽ مٿو اگهاڙو هوس. خيرات لاءِ صدا هنيائين طوطي جو هن آواز ٻڌو، سو ڪنڌ مٿي کنيائين. هن جي لوڙهہ جهڙي ٺوڙهہ ڏسي، ڪلي ڏنائين ۽ فقير کي چوڻ لڳو تہ فقير سائين! خبر ڪر تہ، تنهنجو مٿو ڪيئن گنجو ٿيو، سچ سچ ٻڌائجاءِ، ڇا تو بہ ڪنهن دڪاندار جي تيل جا شيشا پڳا آهن ڇا؟ جو تو کي ماري تنهنجا وار پٽي تو کي گنجو بنايو اٿس.

دوڪاندار طوطي کي ٻوليندو ڏسي، نهايت خوش ٿيو، ۽ هن جي گنجي فقير کي رپيو ڏئي چيائين تہ، تنهنجي وڏي مهرباني، جو تنهنجي اچڻ ڪري، منهنجي طوطي پنهنجي لبن تان خاموشيءَ جي مهر ٽوڙي، وري ڳالهائڻ لڳو آهي ۽ دوباره منهنجي دوڪان جي رونق وڌڻ لڳي آهي. مگر سياڻا ماڻهو، طوطي جي قياس تي  کلڻ لڳا، تہ هُن فقير، روشن ضمير کي پاڻ جهڙو ڄاتو آهي.

مولانا نصيحت ٿو ڪري ته اي بي سمجهه انسان! تون پاڻ کي، بزرگن جهڙو نه ڄاڻ، شير ۽ شير لفظ لکڻ ۾ ته هڪ جهڙا آهن، مگر معنيٰ ٻي ٻي اٿن. شير (کير) ماڻهوءَ جي خوراڪ آهي، مگر شير (شينهن) ماڻهو کي خوراڪ بنائي ٿو.

کار پاکان راقیاس از خود مگیر

زانک ماند درنوشتن شیر و شیر

هڪڙو هرڻ آهي، جو گاهه کائي بس ڦولڙيون لاهي ٿو، ٻيو هرڻ آهي جو گاهه کائي ٿو ته ساڳيو کائي ٿو، مگر پيدا مشڪ ڪري ٿو.

”چہ نسبت خاک رابا عالمِ پاک“

## بيت

روءِ راڻي جي ناهه ڪو سوڍو سيني سونهن،

لاتائين لطيف چئي مٿان دلين دونهن.

ڪانهي ٻي رونهن، ٿيو مڙيو ئي مينڌرو.

# جهرڪي ۽ ماريُ

هڪ ماريءَ، هڪ ڏينهن، پوک ۾ وجهي ڊيجي وڌي ۽ مٿان وري ان چٽي چڙيائين، هڪ جهرڪي ان ڏسي، وجهي اتي ڦاٿي ماريءَ وٺي هن کي قابو ڪيو. جهرڪي ڏاڍي سياڻي هئي. خدا تعاليٰ ان جي آزاديءَ لاءِ سندس زبان ۾ ڳالهائڻ جي قوت وڌي، چوڻ لڳي ته اي ماري! تو وڏا وڏا جانور شڪار ڪيا، ۽ کاڌا مگر انهن مان توکي ڍءُ ڪو نه ٿيو، تڏهن ٻڌاءِ ته مون مان توکي ڪيئن قوت ٿيندي؟ جيڪڏهن تون مون کي آزاد ڪرين، ته تو کي ٽي اهڙيون مفيد ڳالهيون ٻڌايان، جي توکي هر وقت ڪم اينديون. هڪ ڳالهه ته تنهنجي هٿ ۾ ئي توکي ٻڌائيندس، نصيحت جو ٻيو موتي تو کي انهيءَ وقت ڏيکاريندس جڏهن مون کي ڇڏيندين ۽ پٽ تي وڃي ويهنديس. ٽيون گوهر تڏهن تنهنجي حوالي ڪندين، جڏهن هن درخت جي چوٽيءَ تي وڃي ويهندس.

ماري دل ۾ پڪ ڪيو ته، جهرڪي چوي سچ ٿي، هن جي ڪاڻ مان ڪهڙو پيٽ ڀريندس، هائو هن جون ڳالهيون البت مفيد ثابت ٿي سگهن ٿيون، جهرڪيءَ کي چيائين ته، هائو مان تو کي آزاد ڪريان ٿو، مون کي تنهنجا ٽئي شرط منظور آهن، جهرڪي هن جي هٿ تي ٽي ويني ۽ چوڻ لڳي ته:

1: جا ڳالهه اڻ ٿيڻي هجي، ان تي يقين ڪرڻ نه گهرجي. . . ائين چئي جهرڪي ديوار تي وڃي ويٺي.

2: گذريل ويل ڳالهه جو ارمان ڪرڻ نه گهرجي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ مان ڪو فائدو ڪو نه ٿيندو، اٽلو پريشاني وڌندي. ائين چئي، چوڻ لڳيس ته ماري! تون وڏو خوشي نصيب هئين تون مون کي کهي پيٽ چيرين ها، ته هڪ موتي پاءُ وزن جيترو مون مان نڪري ها، جو ڏاڍو قيمتي هو، ان مان تون ۽ تنهنجو اولاد پوٽن تائين خوش رهي ها، مگر جا شي هٿن مان وڃي ان جو فڪر نه ڪجي.

هيءَ ڳالهه ٻڌي ماري چوڻ لڳو، ته اي جهرڪي! تون ڏاڍي مڪار ۽ عيار آهين، تو مون کي دوکو ڏنو، جهرڪي، مرڪي چوڻ لڳس ته اي ماري! تون ڏاڍو بيوقوف آهين، ايتري ۾ ئي منهنجون ڪيل ٻه نصيحتون وساري ويهي رهئين؟ خيال ته ڪر، ته منهنجو وزن ئي اڌ پاءَ مس ٿيندو. منهنجي پيٽ ۾ پاءُ وزن جو موتي ڪيئن هوندو. . . . پر جي هجي ٻه، ته ٻه هٿان ويل چيز جو ارمان نه ڪجي. . .

.

اها ڳالهه ٻڌي ماري کي عجب لڳو ۽ چيائين ته اي جهرڪي تو سچ چيو آهي، پر هاڻي باقي رهيل ٽين ڳالهه به ٻڌاءِ، ته ٿئي دلجاءِ. جهرڪي اڏرندي چوندي وئي ته، جيڪو بيوقوف ڪنهن جي ٻن نصيحتن تي عمل نه ڪري تنهن کي ٽين ڪهڙي نصيحت ڪجي، سچ چيو اٿن:

نه ڪر تون ياد گذري کي جا گذري سا سمجهه چوڪي،
مگر ڪر انتظار الڪو هميشه پيش آئي جو.

# سياڻو سَهو

هڪ سرسبز جهنگل ۾ هر قسم جي جانورن پنهنجي سڪونت اختيار ڪئي. اتي انهن کي خوراڪ به هر قسم جي مهيا ٿي سگهي ٿي. بي خوف و خطر مزا ماڻيندا رهيا ٿي. اُهو جهنگ خوفناڪ درندن جانورن کان پاڪ هو. قضا سان هڪ شينهن اتي اچي نڪتو، اُتي پنهنجي شڪار جي فراواني ڏسي دائمي سڪونت اختيار ڪيائين، ڪيترن ئي جانورن کي کائي کپايائين. جهنگ جي قديمي رهندڙ جانورن کي خوف ٿيو ته هاڻي اجهو ٿو، هڪ هڪ ڪري اسان کي به نهوڙي نئين، تنهن ڪري چو نه اسان شينهن جي ناشته جو بندوبست واري واري تي ڪيون، جيئن بين جو ته نقصان نه ٿئي. اِهو پهه پچائي ڊڄندا ڊڄندا شينهن وٽ حاضر ٿيا ۽ ان کي چيائون ته تون اسان جو بادشاهه آهين، اسان تنهنجي رعيت، ۽ رعيت کي واجب آهي، ته بادشاهه جي آسائش جو خيال ۽ بندوبست ڪري. تنهن ڪري هاڻي توهان پنهنجي کاڌي لاءِ تڪليف نه وٺندا، از خود ئي توهان وٽ توهان جي لاءِ کاڌو پهچندو رهندو. شينهن چيو ته مان هٿن پيرن هلائڻ ۽ محنت ڪرڻ کانسواءِ هٿ ڪيل کاڌو حلال نه ڄاڻيندو آهيان. پهريائين ڪوشش ۽ پوءِ توڪل اِها منهنجي عادت آهي، حرڪت ۾ برڪت آهي، الله هٿ پير اسان کي ڏنا آهن ته، پورهيو ڪري کائون. جانورن عرض ڪيو ته حضور جن وٽ، وقت تي زنده شڪار پهچندو، توهان پاڻ پوءِ ان کي ماري ۽ کائو. . .شير چيو ته اِها ڳالهه مون کي منظور آهي. مطلب ته جانور موٽي ويا ۽ واري واري ته ڪٺا وجهي هڪ هڪ جانور ازخود شينهن وٽ وڃي، ان جي قوت ٿيندو رهيو. هڪ دفعي هوشيار خرگوش (سيهڙ) جي نالي ڪُٽو ۾ پيو، هن شينهن وٽ حاضر ٿيڻ ۾ جاڻي واڻي دير ڪئي. سيئي جانور هن کي سمجهائڻ لڳا ته، "يار! سگهو وڃ، دير نه ڪر نه ته اسان سيني جو خير ڪونهي." سيهڙ چيو ته اوهان فڪر نه ڪريو، منهنجي شينهن تي اک ئي نٽي ٻڏي، مان اڄ جو اڄ ان جو خاتمو ڪريان ٿو، اوهان سين سان پلائي جا پير پريان ٿو. جانورن چيو ته يار! ايتري مغروري نه ڏيکار، چا تون ۽ چا تنهنجي ڳالهه! "چوٽا مونهه بڙي بات"! وڏا وڏا جانور به هن جي چنبي جي ضرب نٽا سهي سگهن، تو ۾ ڪهڙي مجال آهي، جو هن جي سٽ سهين، پلا تو ڪهڙي تدبير ڪئي آهي، اُها ٻڌاءِ ته سهي؟

سيهڙ چوڻ لڳي ته يارو! اوهان بزدل چو ٿا ٿيو دلير بڻجو، خدا کي وڏي طاقت آهي، هو ماڪوڙي کي هاٿي مارائي سگهي ٿو. مان وجان ٿو، ان جو مغز پچان ٿو، مون جيڪا رٿ رٿي آهي سا اڳ ۾ توهان کي نه ٻڌائيندس چاڪاڻ ته، پتين کي به ڪن آهن، راز اڳ ۾ ظاهر نه ڪجي انهيءَ ۾ جان جو خطرو آهي.

هوڏانهن شينهن جو کاڌو نه مليو، سو ڪاوڙجي غضبناڪ ٿيو وينو هو، ته خرگوش به ڊڪندو ڊڪندو هن وٽ پهتو ۽ چوڻ لڳو ته اي اسان جا بادشاهه عاليجاه! اسان تون تان سڀ قربان وڃون، اڄ مان ۽ منهنجو ياءُ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ آياسين ٿي ته، هڪ ٻيو شينهن واٽ ۾ مليو ۽ اسان کي گهيري ويو، اسان هن کي چيو ته، تون اسان کي نه روڪ ته اسان پنهنجي بادشاهه وٽ حاضر

ٿيون. . . . هن چيو تہ بادشاهہ مان آهيان، توهان کي ٻي طرف وڃڻ نہ گهرجي، مان تہ هن کان لڦڙائي سڦرائي هليو آيس مگر منهنجي پاءُ کي جهٽي هليو ويو.

شينهن هي ڳالهہ ٻڌي غضبناڪ ٿي ويو، چوڻ لڳو تہ، اُهو ڪير آهي، جو منهنجي بادشاهي ۾ دخل ٿو ڏئي؟ ۽ منهنجو شڪار ڪسي وجي؟ خدا جو قسم جيستائين هن جو خاتمو نہ ڪريان، تيستائين ٻيو ڪوبہ ڪم نہ ڪندس. اي خرگوش! مون سان گڏ هل، مون کي هلي ڏيکار، تہ ڪٿي آهي، اهو مردار. . . . خرگوش شينهن جي اڳيان ٿي هليو ۽ هڪ کوهہ وٽ پهچي ان ۾ جهاتي پائي وري پنتي هٽيو ۽ چيائين تہ حضور مون کي تہ ڊپ ٿو ٿئي، اوهان جو دشمن هن کوهہ ۾ آهي، ملاحظہ فرمايو، شينهن جو اندر نهاريو تہ هن کي پنهنجو ۽ خرگوش جو پاڇو ڏسڻ ۾ آيو، هن دل ۾ ڄاتو تہ خرگوش سچ ٿو چوي، هو شينهن ۽ هو خرگوش . . . بس شينهن نہ اڳ ڄاڇيو نہ پوءِ ڏو کوهہ ۾ . . . کوهہ ۾ پاڻي بہ هو وڏو هن گهڻي ئي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر اتي ئي ٻڏي مئو.

عکس خودرا او عدوئي خويش ديد
لاجرم برخويس شمشير کسيد
آن توئي آن زخم برخود مي زني
بر خود آن دم تار لعنت مي تني

خرگوش شينهن جو ڪم لاهي، زنده و سلامت پنهنجي قوم ۾ پهتو، ساري ماجرا هنن کي ٻڌايائين، سڀني سندس عقل تي شاباش ڪئي ۽ هن کي پنهنجو ”نجات ڏيندڙ“ سردار تسليم ڪيائون. خرگوش چيو تہ، ڀائرو مان اوهان جو سردار نہ آهيان، مگر خادم آهيان. جو ڪجهہ ٿيو، سو خدا جي فضل و ڪرم سان ٿيو، جيڪڏهن هو مون کي سمجهہ عطا نہ ڪري ها، تہ هي دشمن ڪئين مري ها! انسان کو بہ سنو ڪم ڪري تہ الله جو شڪرانہ ادا ڪري، جنهن کيس انهي ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا ڪئي.. . .

شڪر مولىٰ جو سدا.ئين ڪج ادا
جو ڪري توفيق ٿو توکي عطا.

# موقعو سڃاڻجي

هڪ شخص قضا حاجت بعد، استنجا (طهارت) ڪري رهيو هو. مگر دعا گهري رهيو هو ته ”يا الله مون کي جنت جي خوشبو سنگهاءِ. . .“ ٻئي شخص سندس دعا ٻڌي چيو ته، ياءُ آهي ته اِها به دعا، پر موقعي ٻئي لاءِ. . . افسوس تو موقعو ۽ مهل سڃاتي ئي نه! تو هي به نه سمجهيو ته، خوشبو سنگهڻ جو سوراخ ڪهڙو آهي.

هن ڳالهه جو مطلب آهي ته جيڪو شخص، موقعو نٿو سڃاڻي، اهو ذليل ۽ خوار ٿئي ٿو مثلاً خسيسن ۽ ڪميڻن سان سختيءَ سان ۽ بادشاهن سان تواضع سان پيش اچجي، مگر جو انهيءَ جي خلاف هلندو، سو ذلت ڏسندو.

تنهن ڪري تون اي ادا موقعو سڃاڻ
موقعي موجب عمل ۾ ڳالهه آڻ

# ٽي مڇيون

هڪ دريا جي پرسان چند پاڻيءَ جا ڪامان هئا. شڪاري مڇيون ڦاسائڻ آيا ته، انهن ڪامن جي مڇي به نظر مان ڪڍي ڇڏي هئي، هو هڪ ڪامي جي مٿان بيهي چونڊ لڳا ته، سياٽي هڪ وڏو ڄار آٽيندا سين ۽ هنن ڪامن جي مڇي مارينداسين. هڪ ڪامي ۾ ٽي مڇيون هُيون، انهن مان هڪ تمام سياڻي، ٻي درميانه عقل جي ۽ ٽين بلڪل بيوقوف هئي.

عقلمند مڇي، ٻين مڇين کي چيو ته، پينرو! اوهان ملاحن جون ڳالهيون ٻڌيون هيون، منهنجي صلاح آهي ته اسان راتو واه ڪنهن نموني ٽپنديون، ڪڏنديون، هن ڪامي ڪان نڪري دريا داخل هلي ٿيون، نيم عاقل مڇي چوڻ لڳي ته، اديون مون ٻڌو آهي ته وطن جي محبت ايمان جو ڀاڱو آهي، مان هت مرڻ ۽ هت جيئڻ ٿي چاهيان، عاقل مڇي ورندي ڏنيس ته، تو عارضي پاڻيءَ کي پنهنجو وطن ڪٿي سمجهيو آهي، اسان جو اصل وطن ته دريا آهي، افسوس جو سيلاب اسان کي وطن ڪان ڌار ڪيو آهي، هلو ته پنهنجو وطن ڏانهن هلون، جتي اسان کي امن ملندو.

گر وطن خواهي گرز آن سوئي شط

اين حديثي راست را کم خوان غلط

احمق ۽ نادان مڇي چيو ته مون کي ملاح ڇا ڪري سگهندا مان هيٺ تري ۾ اهڙي طرح ڇپي پونديس جو، هنن جا ڄار مون کي ڪجهه نه ڪري سگهندا. عقلمند مڇي هنن ٻنهي کي ڇڏي، همت مردان مدد خدا چئي دريا جي طرف رواني ٿي، پاڻيءَ ڪان ٻاهر نڪرڻ سبب هن جو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو، مگر هن عارضي تڪليف جي ڪا پرواهه نه ڪئي. هن ڄاتو ٿي ته مادر وطن مون کي پنهنجي جهوليءَ ۾ محبت سان جاءِ ڏيندي، تڪليف دور ٿي ويندي.

رانجها بسيار ديده عاقبت

رفت آخر سوئي امن و عافيت

صبح جو اچي ملاحن، ڄار وڌا، ٻئي مڇيون پڪڙجي پيون، وري به نيم عقل، پاڻ کي مرده ٻڌائي پاڻيءَ ۾ مٿي لڙهڻ لڳي، صياد چيو ته هن مئل ۽ حرام مڇي کي ڇا ڪنداسين، بس انهي کي به دريا ۾ اڇلائي ڇڏيائون، باقي هن نادان مڇي کي ڪابه تدبير نه آئي، جا ملاحن جي هٿ اچي تڙڦي تڙڦي مري وئي، ساهه ڏيڻ وقت هن کي پنهنجي بي عقلي جو گهڻو ڏک ٿيو، مگر انهيءَ وقت جو پڇتائڻ کهڙي ڪم جو!

جو شخص نفس کي عقل جي چنبي ۾ رکندو سو شيطان جي ڦندي ۾ اهڙي طرح ڦاسي نه سگهندو جهڙي طرح عقل واري مڇي! جو شخص شروع ۾ غافل رهي، مگر پڇاڙي تي نظر ڌري ٿو، اُهو نيم عقل مڇي وانگر آهي، جو ڦندي ۾ ڦاسڻ ڪانپوءِ به سوچ ويچار ڪري پاڻ کي بچائي وجي ٿو، جو شخص نادان مڇي وانگر سڄي عمر غافل رهي ٿو، سو شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي تڙڦي تڙڦي مري

ٿو، جو شخص هن دنيا کي وطن ڄاڻي ٿو، سو بيوقوف مڇي وانگر آهي، مومن جو اصل وطن جنت الفردوس آهي، جو هن خاڪي جسم کي بہ قيدخانہ ڄاڻي ٿو.

عقلمند انسان کي گهرجي تہ هن "مانجهاندي جي ماڳ" دنيا ۾ غفلت نہ ڪري.

## بيت

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
جو تو ساڻيهہ پانيو سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي

# سياڻو هد هد

حضرت سليمان عليہ السلام کي جهڙي بادشاهي خدا عطا ڪئي هئي. اهڙي ڪنهن کي بہ نہ ڏنائين، انسان ۽ جن، چرند ۽ پرند، ديو ۽ پريون بلڪ هوا بہ سندس فرمان جي تابع هئا. هڪ ڏينهن پاڻ سيني پکين کي دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائون، حڪم ملڻ سان خشڪي خواهہ پاڻيءَ جا سڀ پکي اچي گڏ ٿيا.

حضرت سليمان عليہ السلام سيني جانورن جون ٻوليون ڄاڻيندو هو، پاڻ حڪم ڪيائون تہ، جو ڪمال جنهن جنهن پکيءَ ۾ آهي، سو بيان ڪندا وڃو. هر هڪ پکي پنهنجو پنهنجو ڪمال بيان ڪيو. جڏهن هد هد جو وارو آيو، تڏهن هن چيو تہ، حضور مون ۾ جيڪي جوهر آهن، سي ٻئي ڪنهن بہ پکيءَ ۾ ڪين آهن. منهنجي نظر تمام تيز آهي. مان ڪيترو بہ متي اُڏامي وڃان تہ بہ زمين جو ذرو ذرو ڏسي سگهان ٿو، پاڻيءَ اندر بہ هر شيءِ جو پتو پويم ٿو. زمين جي هيٺان جيڪو پاڻي آهي، سو بہ آءٌ ڏسي سگهان ٿو. بلڪہ هي بہ خبر پوندي اٿم، تہ هي پاڻي کارو آهي يا مٺو. مطلب تہ مان هن ڳالهہ جو قابل آهيان، تہ حضور جن مون کي پنهنجي خدمت ۾ هميشہ موجود رکن. ڪانوَ جڏهن هي ڳالهہ ٻڌي تہ حسد کان جلي اڱر ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ هُد هُد جي دعوىٰ بلڪل ڪوڙي آهي، جيڪڏهن هو اهڙو چٽي نظر وارو ۽ دوربين آهي، تہ ماري جي ڦندي ۾ ڇو ڦاسندو آهي؟ هن کي زير زمين پاڻي نظر اچي ٿو، مگر ڄار ڏسڻ ۾ نہ ايندو اٿس!! ڪانوَ جو هي اعتراض بظاهرصحيح معلوم ٿي ٿيو، سيئي پکي هن جا هم نوا ۽ طرفدار ٿي چوڻ لڳا تہ يا حضرت! هُد هُد جي دعوىٰ بي دليل آهي، هن جو عقل قليل آهي، هو ڪانوَ جي ڳالهہ جو جواب ڏئي.

هُد هُد چيو تہ تجربو ڪري ڏسو، منهنجي نظر جو امتحان وٺو، ڄار ۾ ڦاسڻ جي ڳالهہ الڳ آهي، اُهو تقدير جو معاملو آهي، جڏهن تقدير ايندي آهي تڏهن تدبير واري اک ٻوٽجي ويندي آهي. پهاڪو مشهور آهي تہ،

”تدبير کند بنده، تقدير کند خنده“

انسان اشرف المخلوقات آهي، مگر انهيءَ جو عقل بہ تقدير جي پٽر اڳيان شيشي مثال آهي. . . . خدا تعالىٰ پنهنجي مصلت مطابق، انسان جي تدبير کي ٽوڙي ڇڏي ٿو. جڏهن هد هد هي جواب ڏنو، تڏهن سيني جو زبانون بند ٿي ويون، حضرت سليمان عہ بہ فرمايو تہ، هد هد جيڪي چيو سو سراسر سچ آهي، قضا اڳيان ڪنهن جي نہ هلي نہ چلي.

چون قضا آيد شود دانش بخواب
مہ سيہ گرد بگيرد آفتاب
واڳ ڏٽيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي.

# طوطو ۽ آزادي

ڪنهن ولايت جو سوداگر هڪ دفعي هندستان ۾ آيو، جتان هن کي هڪ طوطو مليو، جنهن جون ٻوليون ڏاڍيون مٺيون هُيون، سندس صورت دلپسند هئي، هو هن کي پنهنجي ملڪ ڪٺي ويو. ٻئي دفعي جنهن هو وري هندستان تي آيو، تڏهن پنهنجي ٻارڙن کي چيائين ته، اوهان لاءِ ڪهڙي سوغات آڻيان، سيني پنهنجي پسند موجب هن کي شيون چيون، سوداگر طوطي کي چيو ته، تون به چئو ته تو لاءِ ڇا آڻيان. طوطي چيو ته آقا! منهنجو هڪڙو عرض آهي، جو پورو ڪجو، سوداگر چيو ته چئو. هن چيو ته آقا! جڏهن واڻ سان فلاڻو دريا پار اُڪرو تڏهن هڪ پهاڙ نظر ايندو اُتي وڻن جو جهڳٽو آهي اُتي طوطن جو هڪ ولر نظرايندو، انهن کي سلام چئجو ته:

هئين نهي تو؟ آءٌ تيس هت بند سخت
تا اوهان موجون ڪريو هُت بر درخت
هيءَ نه چئجي سچ، ۽ وفاءِ دوستان
قيد مان هت، خوش اوهان دربوستان

الغرض، هو سوداگر هند ۾ پهتو، جڏهن انهي جاءِ تي آيو، تڏهن طوطن جو ولر ڏٺائين، گهوڙي کي اُتي جهليائين، طوطن کي پنهنجي وڇڙيل ساٿي جا سلام ڏنائين. هنن کي طوطي جا چيل لفظ ڇٽا پٽا چيائين، هي پيغام ٻڌي هڪ طوطو وڻ تان ڪري پيو، تڙپي ساهه ڏنائين، سوداگر هي حالت ڏسي حيران ٿي ويو، دل ۾ چوڻ لڳو ته ناحق مون تيز زبان کي حرڪت ۾ وجهي، هن ويچاري جي جان ضايع ڪئي. مطلب ته هو افسوس جا هٿ مهٽيندو واپس وريو. ٿوري گهڻي ڏهاڙين، جڏهن موٽي وطن آيو، تڏهن هر ڪنهن کي سوکڙين سوغاتون ورهائي ڏنائين، طوطي چيس ته، ”آقا! مون جيڪو عرض ڪيو هو، اهو اجابت هيٺ آيو هو يا نه؟“ سوداگر سرد آهه ڀري چيو ته، ڪهڙي خبر ٻڌايان! مان ته تنهنجو پيغام رسائي، ويل وهائي وينس، مون کي جئين تنهنجو پيغام طوطن کي پئي ڏنو، تيئن وڻ تان هڪ طوطو پيغام ٻڌي اچي ڪريو ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏنائين.....

آقا جي هي لفظ ٻڌي، هي طوطو به پڃري ۾ ڦٿڪڻ لڳو، ٿوري دير ۾ سرد ٿي مري ويو، سوداگر کي هاڻي ته وڏيڪ ارمان ٿيو، دل ۾ چوڻ لڳو ته مون قاصد ٿي، ٻه خون ڪيا. . .افسوس! منهنجي بي وقوفي سبب پنهنجي گهر جي سونهن طوطو، هن دنيا مان هليو ويو. سوداگر ڏاڍو رنو ۽ طوطي کي پڃري مان ڪڍي هڪ طرف اڇلايائين، طوطو اتائين ڦڙڪي پري هڪ وڻ تي وڃي وينو. سوداگر هي حالت ڏسي حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته طوطا يار هي ڇا؟

ساختي مڪر ڪو مارا سوختي
سوختي مارا وخود افروختي

طوطي چيس ته، تو نه سمجهيو ته منهنجي ياءُ مون کي ڪهڙو سبق ڏنو، هن مون کي عملي طرح سمجهايو ته قيد مان ڪهڙي طرح آزادي ملندي، تو ڏنو ته تنهنجي اڳيان مري آزادي حاصل ڪيم، افسوس منهنجي منڙي زبان مون کي قيد ڪرايو.

ڇا؟ نه فرمايو آهي، رسول اڪرمﷺ جن ته، جنهن پنهنجي زبان کي روڪيو، اهو محفوظ رهيو.

مطلب ته آزادي هڪ خدائي نعمت آهي، جيڪڏهن آقا، پيءُ جهڙو مهربان هجي ته به غلامي لعنت آهي، رب العالمين کان سواءِ ڪنهن جي غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ نه وجهجي، ائين چئي طوطو اڏامي ويو.

**شعر**

چڱو آهي ته دنيا ۾ سدا آزاد ٿي رهجي،
غلامي غير جي کان بس صفا برباد ٿي رهجي.

# سياڻي لومڙي ۽ شينهن

هڪ شينهن، بگهڙ ۽ لومڙي ٽئي ڄڻا گڏجي شڪار جي تلاش ۾ نڪتا، گهڻي ڊڪ ڊوڙ کان پوءِ، هڪ هرڻ، هڪ روجهه ۽ هڪ سهو هٿ لڳن. شينهن بگهڙ کي چيو تہ هاڻي تون شڪار جي ورهاست ڪر، بگهڙ چيو تہ، هرڻ توهان جي حوالي آهي، روجهه مان ٿو جهليان ۽ سهو، لومڙي لاءِ ڪافي آهي.

شير گفت اي گرگ چون گفتي بگو
چونکہ من باشم تو گوئي مو تو

شينهن چيو تہ تون وڏو بي حيا آهين، توکي ڪوبہ ادب ۽ سليقو نہ آهي، تنهنجي سزا موت آهي، ائين چئي شينهن اٿيو ۽ ڪاوڙ مان چنبو هڻي بگهڙ جو ڪم لاٿائين، شينهن وري لومڙيءَ کي چيو تہ هاڻي تنهنجو وارو آهي، ڏسان تہ تنهنجو عقل ڇا ٿو چوي، لومڙي با ادب سرجهڪائي عرض ڪيو تہ، حضور! هرڻ تہ هن مهل ئي ڪائو روجهه کي رات واسطي رکو، باقي سهو، سو صبوح جو نيرن ڪجو، شينهن هي ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوس ٿيو، ۽ چوڻ لڳو تہ، تون هي سليقو ڪٿان سکئين؟ لومڙي چيو تہ، بگهڙ واري واقعي مون کي سبق سيکاريو تہ، بادشاهہ اڳيان خودغرضي نہ هلائجي، ائين چي با ادب پنتي هٽي. . . . شينهن سندس ادب ۽ سليقو ڏسي نهايت خوش ٿيو ۽ ٽيئي شڪار کيس ڏئي چيائين تہ هي تنهنجي حوالي آهن آءٌ ٻيا ماري کائيندس، لومڙي شينهن کان جدا ٿي شڪرانہ جي سجدي ۾ جبين نياز رکي، دل ۾ چيائين تہ شڪار تہ شڪار جي ماڳ، اٿلو سر ويو هو، وري بہ ادب ۽ سليقو ڪم آيو.

ادب آهي چٽ، صاحب سندي ٻاجهہ جو
تنهن جو ڪونهي مٽ، جو وهي سوئي لهي.

هن حڪايت مان ٽي اخلاقي سبق پرائجن ٿا. 1: ٻين جي سزا مان، عقلمندي کان ڪم وٺي سبق حاصل ڪجي، 2: خود غرض آدمي مخدوم رهي ٿو ۽ با اخلاص مراد حاصل ڪري ٿو. 3: ادب ۽ سليقي کان ڪم وٺجي ان ۾ عزت آهي.

## شعر

خموش اي دل بهري محفل مين چلانا نهين اڇها
ادب پهلا قرينہ هي محبت کي قرينون مين.

# اٺ ۽ ڪُئو

هڪ اٺ جهنگل ۾ مهار لڙڪائيندو پئي ويو هڪ ڪئي جي مٿس نظر پئي تنهن دل ۾ چيو تہ هئن ان کي ڇڙواڳ ڇڏڻ نہ گهرجي. بس ڊڪي هن جي مهار وات ۾ جهلي هن جي اڳيان هلڻ لڳو. اُٺ بہ هن جي پنيان هلندو آيو، اوچتو واٽ تي دريا اچي ويو، ڪئو پاڻي ڏسي بيهي رهيو ۽ اٺ جو منهن تڪڻ لڳو، اٺ پاڻ کي اٽڪاڻ ۽ موڳو بنائي پڇڻ لڳس تہ اي منهنجا رهبر! تون چو ڊپ ۾ بيهي ويو آهين، اٺ چيس تہ ڊپ نہ ڪر، مان اندر ٻڏايان ٿو تہ پاڻي ڪيترو آهي. اٺ دريا ۾ گهڙيو، هلندو ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اچ پاڻي ننڍو آهي، ڏس مون کي گوڏي تي مس آيو آهي، تون ڪئين ٻڏندي؟ ڪئي چيو تہ يار تون تہ ڪو عجيب جانور آهين! جيڪو پاڻي توکي گوڏي تي ٿو اچي، اُهو تہ منهنجي مٿي کان بہ وڏو آهي.

اٺ طعنو هڻي چيس تہ واه ڙي ڪئا واه! اهڙين حالين ٿو منهنجو پيشوا ٿين. آئينده همسري جي دعويٰ پنهنجي ڪئن سان ڪج، اٺن جي ور نہ چڙهجان.

تو سري با مثل خود موشان بکن
باشتر مرموش را نبود سخن

ڪئي چيو تہ، منهنجي توبهہ آئينده اهڙي جرائت نہ ڪندس، هاڻي خدا جي واسطي مون کي پار اُڪار، اٺ کي رحم آيو، چيائينس تہ اچ اچي منهنجي پنيءَ تي ويهہ، مان تو جهڙن لکن ڪئن کي پار اُڪاري سگهان ٿو.

مولانا چوي ٿو تہ جڏهن تو ۾ بہ بادشاهہ ٿيڻ جي صلاحيت ڪانہ آهي، تہ رعيت ٿيڻجي گذارو ڪر ۽ خدمت ڪري عزت حاصل ڪر.

## شعر

خلق جي خدمت ڪري عزت پراءِ
پنهنجي وت کان ڪين رک هڪڙي وڏاءِ

# بادشاھ ۽ مصاحب

خوارزم بادشاھ جو هڪ مصاحب، ڏاڍو جان نثار ۽ فداڪار هو، هن کي بادشاھ سان اهڙو ئي عشق هو، جهڙو پرواني کي شمع سان. هڪ دفعي ان کان غلطي سرزد ٿي، جنهن کي بادشاھ ناراض ٿي، غصي ۾ اچي، تلوار ڪڍي اڳتي وڌيو ته ان مصاحب جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري. . . . هيءَ روداد ڏسي دربار ۾ سناٽو ڇانئجي ويو ڇاڪاڻ ته هن جو اهڙو قصور هوئي ڪونہ جو واجب القتل ٿئي، سيني درٻارين چاهيو ٿو ته، بادشاھ کي روڪيو مگر سر جي خوف کان ڪنهن کي جرائت ڪانہ ٿي، جو بادشاھ کي روڪي.

ان وقت دربار ۾ عماد الملڪ بہ وينو هو، جو ٻڍاپڻ سبب ناتوان ونحيف هو، هو جهٽ ڏئي اڳتي وڌيو ۽ غضبناڪ بادشاھ جي اڳيان پنهنجي گردن جهڪائي، چوڻ لڳو تہ حضور کي مصاحب ڏانهن وڌڻ جي تڪليف نہ ڏيندس، جيسائين مون کي قتل نہ ڪريو، مون بادشاھ جي نمڪ کائي هيتري عمر آندي آهي، مان واجب نٿو ڄاڻان تہ بادشاھ تي خون ناحق جو بار پوي، اميد اٿم تہ بادشاھ سلامت جن منهنجو عرض قبول ڪندا ۽ قتل جي ارادي کان پاڻ کي روڪيندا.

هي ٻڌي بادشاھ جي قهر جي باھ اجهامڻ لڳي هن تلوار هٿ مان ڪڍي ڦٽي ڪئي ۽ عماد الملڪ کي ڳلي لڳايائين ۽ سندس هٿ چمي چوڻ لڳو تہ مون مصاحب کي خطا معاف ڪئي، بيشڪ تڪڙ ڪم شيطان جو آهي.

هن مصاحب کي عماد الملڪ بچايو هو، تنهن ڪري واجب تہ ائين هو تہ عماد الملڪ جا پير ڌوئي ها. مگر هن انهيءَ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو، اها خبر جڏهن ماڻهن کي پئي تڏهن هن کي ملامت ڪرڻ لڳا، تہ واه ڙي احسان فراموش واه! هن تنهنجي جان بچائي آهي، تون رهندو هن تي ڏمريو آهين، مصاحب هنن کي هينيون عاشقانہ جواب ڏنو.

شاھ آقا آءٌ بندو شاھ جو
جو ڪري ها شاھ سو منظور هو.

## بيت

جيهي مان تيهي، ٻانهي ٻاروچن جي
هو جا پائن پير تنهن جتيءَ ناجيهي
حجت هوت پنهونءَ سان ڪميڻي ڪيهي.

# ابن سينا ۽ ڀنگي

ابن سينا کان هڪ راوي، روايت ٿو ڪري ته، ابن سينا چيو ته، مان ڪڏهن به ڪنهن جو قائل نه ٿيس، مگر مون کي هڪ خاڪروب (ڀنگي) هڪ دفعي لاجواب ڪري ڇڏيو، ڳالهه هيئن آهي ته، مان هڪ ڏينهن صبوح سير تي ٿي ويس ڇا ڏٺم ته هڪ ڀنگي گند به ڍوئي رهيو آهي ۽ شعر به پڙهي رهيو آهي.

ڏس نه تون اي نفس ذلت جي طرف

جي جيڻ چاهين ٿو با عزو شرف

مان هن جو هي شعر ٻڌي تعجب کائڻ لڳس ته، هي ڀنگي ڪم ڪهڙو ڪري رهيو آهي ۽ چوي ڇا ٿو! گند ڍوئڻ ۽ ڀوئڻ ۽ دعويٰ شرافت جي ڪرڻ! ڪهڙي نه بيوقوفي آهي. مون (ابن سيان) کان رهيو نه ويو ۽ چيومانس ته پنهنجو ڪم به ڏس ۽ شعر ڪهڙو پڙهي رهيو آهين. ڀنگي چيو ته اي ابن سينا! تو کي اهڙي ڳالهه ڪرڻ واجب نه آهي. تون ايڏو قابل، عاقل، اديب ۽ فاضل پر بادشاهن جي اڳيان هٿ ٻڌيو ٻانهو ٿيو بيٺو آهين، تون کي غيرت ۽ شرم نٿو اچي. آهه! تو پنهنجي علم و عقل ۽ شرافت تي غلاميءَ جو بدنما داغ لڳايو آهي، جيڪڏهن خودداري رکين، ته بادشاهه ۽ وزير خود توڏانهن هلي اچن، مان ڪنهن جو غلام نه آهيان، پنهنجي مرضي مطابق اٿان ويهان ٿو، شريف اُهو آهي جو پنهنجي هٿ سان پورهيو ڪري کائي پيئي ٿو، مگر ڪنهن جي اڳيان ٻانهون ٻڌي نه ٿو بيهي، شرافت انسان جي ذات آهي، ڪم ۾ نه آهي، مزدوري جو ڪهڙو به ڌنڌو گهٽ نه آهي، اي ابن سينا افسوس! تون اجان تائين ذلت ۽ شرافت ۾ تميز نه ڪري سگهيو آهين، هي ٻڌي آءٌ لاجواب ٿي ويس، سچ آهي ته جو هن آزاد حلال خور چيو، انکي هڪ خوشامدي ۽ غلام ڪهڙو جواب ڏيندو

## شعر

ذلت جي زندگي کان عزت جو موت بهتر

# ٺونشي بازي

هڪ شخص ٻئي شخص جي مٿي تي، اهڙو ٺونشو هنيو جو آواز ولايت ٻڌڻ ۾ آيو، هن کي ڏک ۽ ڏاڍو لڳو ۽ شدت ايذاءَ کان، ٺونشي هڻندڙ شخص سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو. ان تي ڏک هڻڻ واري چوڻ لڳس ته يار! تنهنجو ٺونشو سهڻ لاءِ تيار آهيان، مگر هي ته ٻڌاءِ ته اِهو آواز، منهنجي هٿ مان نڪتو يا تنهنجي مغز مان. ڏک سهڻ واري چيو ته مون کي سخت سور معلوم ٿي رهيو آهي، مون کي ايتري فرصت ڪٿي آهي، جو سوچي جواب ڏيان، ها هاڻي مون کي ٺونشو هڻڻ ڏي، پوءِ ٻئي گڏجي انهيءَ مسئلي کي حل ٿا ڪريون. توکي جڏهن ٺونشو لڳندو، تڏهن درد جو احساس ٿيندءِ.

ٻئي جي تڪليف جو قدر تڏهن پوندو جڏهن پاڻ ماڻهو ڏک ۽ تڪليف ڏسندو.

# نفعو ۽ نقصان

هڪ شخص هڪ درويش کان پڇيو ته، فقير صاحب! اوهان جي زندگي ڪيئن پئي گذري؟ درويش چيو ته، ڪهڙا حال ٿو پڇين، جنهن جي ڪمال کي ڪو زوال نه آهي، جنهن جي اشاري تي دنيا ٿي هلي، آسمان، دريا تارا، چنڊ، سج ۽ ڏينهن رات جنهن جي قبضي ۾ آهن، آدمي، جيت جڻيا، پکي پکڻ، وحيوان، جن و ملائڪ، جنهن جي حڪم جا بندا آهن، جنهن جي ارادي تي دنيا جي ڪاروبار جو مدار آهي. . . ائين چئي ماٺ ڪيائين، سائل چيو ته ائين برابر آهي، توهان جو درجو انهيءَ کان به بلند آهي، مگر ذرا پنهنجي اقوال جي سمجهاڻي ڪولي ٻڌايو ته منهنجي سمجهه ۾ اچي وڃي، درويش چيو ته ڳالهه بلڪل سنئين سڌي آهي، هن ۾ ڪابه پيچيدگي ڪانهِ آهي، جو هيئن يقين رکي ته خالق جي حڪم کان ڪوبه ٻاهر نٿو هلي، جنهن جي حڪم کان سوا هڪ پن به ڇُري نٿو سگهي ٿو، جو دوستي ۽ دشمني الله ڪارڻ رکي، جو خدا جي واسطي جيئي ۽ خدا جي واسطي مري، جنهن جي دل ۾ نه دوزخ جو ڊپ هجي، نه بهشت جي سڌ هجي، بس اهڙو انسان سڄي دنيا جو حڪمران آهي. جو شخص نفعي نقصان ۾ رضا الاهي تي راضي رهي، هو نه آرام کان بگڙي نه تڪليف جو شڪوه شڪايت ڪري، مسلم اهُو ئي آهي، جو خدا جو اڳيان سر تسليم خم ڪري هن جي ڪشتي جيڪڏهن دريا مان پار لنگهي وڃي ته شڪر ڪري، ٻڏي پوي ته هو ذري جو به غم نه ڪري، چاڪاڻ ته هن کي يقين ڪامل آهي ته:

جيڪي منجهه جهان، سو تاري تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چئي تو وٽ ڪمي آهي ڪانه.

# نمازي غلام

آڳاٽي وقت ۾ هڪ امير، نيڪ خو ۽ نهايت قابل هو، مگر شامت اعمال کان هن ۾ سستي جي خرا ب عادت هئي. ديني ڪمن ۾ ته بلڪل ڪاهل هو، پلجي به مسجد ۾ وک نه وجهندو هو، هن جو هڪڙو غلام "سنقر" نالي ڏاڍو چست هو، ديندار به ڏاڍو هو! هڪ دفعي صبح جو امير غسل جو خيال رکي، تيل، صابڻ، رومال کڻي حمام ڏانهن هليو. واٽ تي هڪ مسجد هئي، جيئن اتان لنگهيا ته بانگ آئي، بانگ ٻڌي سنقر، چيو ته آقا! بانگ آئي آهي، مون کي فجر جون ٻه رڪعتون نماز ادا ڪرڻ جي اجازت ڏي. مان جهٽ فارغ ٿي اچان ٿو. امير چيس ته تو کي رخصت آهي، منهنجي پاران به دعا گهرجان، مان ٻاهر وينو آهيان.

امير ڪجهه وقت تائين انتظار ڪيو، مگر سنقر نه آيو، سڀ نمازي فارغ ٿي نڪتا مگر هي نه نڪتو، ڪجهه وقت کان پوءِ امير، مسجد جي دروازي تي بيهي، سڏ ڪيو ته اي سنقر! تو کي ڇا ٿيو آهي؟ اچا ٻاهر نڪتو اچين. سنقر چيو ته آقا ٿورو ترسو، مون کي ٻاهر اچڻ نٿا ڏين. امير چيس ته ڪير نٿا ٻاهر نڪرڻ ڏين، سنقر چيو ته آقا مون کي اهو ٻاهر نٿو نڪرڻ ڏئي، جيڪو تو کي اندر نٿو اچڻ ڏي. سچ آهي ته سڀ ڪجهه ڏڻيءَ جي وس آهي.

# چور ۽ سندس سنگتي

رات جي پوئين پهر ۾، هڪ شخص کي پنهنجي گهر ۾ ڪنهن جي گهمڻ جو آواز معلوم ٿيو، اک کولي ڏٺائين، تہ هڪ چور گهر ۾ ڦري رهيو آهي. ۽ جستجو ۾ آهي، تہ ڪا شي هٿ لڳي تہ کڻي روانو ٿيان. گهر ڌڻي همٿ ڪري، چور کي پڪڙيو، مگر هو لڦڙ سڦڙ ڪري پڇي ويس، مگر هن وري همت ڪري گردن کان جهلي قابو ڪيس.

چور جو هڪ سنگتي، لڪو بيٺو هو، جنهن گهر واري جي جاءِ تي بيهي سڏ ڪيو تہ يارو پڄندا اچو مان هڪ ڄڻو آهيان ۽ چور ٻہ ڄڻا آهن. هي ٻڌي هُن چور کي ڇڏي اوڏانهن رخ رکيو، تہ مبادا چور ٻارن کي مارين. . . . گهر جي پرسان هن، هڪ آدمي بيٺل ڏٺو، هن چيس تہ چور ڪٿي آهي، تنهن تي هن ورندي ڏنيس تہ چور اتي هوندا اچ تہ پيرا ڏسون، آخر پيرا ڏنائون تہ، هڪڙا پير هٿا گهر ڌڻي جا ٻيا پڪڙيل چور جا، انهي تي گهر ڌڻي صحيح ڪيو تہ يا تہ هي چور جو ساٿي آهي، جنهن دوکو ڏئي چور کي ڇڏايو آهي، يا ڪو بيوقوف آهي، . . . خير ڪئين بہ هجي قصور منهنجو آهي. جو مون پڪڙيل چور کي ڇڏي ڏنو، انسان کي عقل کان ڪم وٺي ڪنهن دوکي باز جي دوکي ۾ اچڻ نہ گهرجي.

# چور ۽ دنبي وارو

هڪ شخص شوق مان هڪ دنبو ڏاريو هو. دنبو هن سان ايتري، قدر ته نهي ويو، جو جتي به هو ويندو هو ته دنبو به پنيان لڳو وتندو هوس. هڪ ڏينهن جئين دنبو هن جي پنيان پئي ويو، تيئن ڪنهن بدمعاش ڏسي ورتس ۽ دنبي کي ڪٽي هڪ طرف روانو ٿيو، شخص پنتي ڪنڌ ورائي ڏٺو ته مار! دنبو ته آهي ئي ڪونہ، ان جي تلاش ۾ هيڏي هوڏي، ڊڪڻ لڳو. بدمعاش به ڏسي ورتو ۽ جهٽ پٽ هڪ کوهہ تي ويهي روئڻ لڳو، دنبي وارو هن وٽ آيو ۽ پڇيائينس تہ، ايترو چو ٿو روئين؟ هن چيو تہ ڪهڙي خبر ٿو پڇين، منهنجي عمر جي ساري ڪمائي ڪٽ تي وئي. ناڻي واري ڳوٿري هن کوهہ ۾ ڪري پئي اٿم، جيڪڏهن ڪو ٽبي هڻي ڪڍي ڏئي تہ اڌ ناڻي جو جنهن ۾ اڍائي سو دينار ٿيندا، ان کي ڏيندس. دنبي واري جو دل سرڪڻ لڳي، سو انهيءَ وقت جتي ۽ ڪپڙا لاهي کوهہ جي مٿان رکي پاڻ گهڙي پيو کوهہ ۾ ۽ ٽبيون هڻي هڻي ٿڪجي پيو ۽ رڙ ڪري اندران چيائين تہ، اي ٿيلهي وارا! ٿيلهي تہ ڪانہ ٿي ليي. . . . مٿان ڪو جواب ڪونہ مليس، ڀلا هجي ڪو تہ هن کي ورندي ڏي.

آخر ٻاهر نڪري آيو، ڏسي تہ مار! آدمي تہ غائب آهي، مگر ڪپڙا ۽ جتي بہ ڪانہ آهي، پوءِ تہ ننگي بدن لڳو هيڏانهن هوڏانهن جانچڻ ، مگر هو حرامي تہ هٿ ڪو نہ آيس. هن جي لالچ تي لڳي، دنبو بہ وڃايائين ۽ ڪپڙا ۽ جتي بہ وڃايائين، سچ چيو اٿن: جو ماڻهو اڌ کي ڇڏي سڄي ڏانهن ڊوڙي ٿو، تنهن کي سڄي تہ ڪانہ ملي پر اڌ ڪاڻ بہ سگهي.

## بيت

طمع سندو تس، پريو پرجي ڪينڪي

# هاٿي ۽ تماشبين

چند هندستاني ملڪ ايران ۾ نمائش لاءِ هڪ هاٿي وٺي ويا، هن کي هڪ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ داخل ڪيو ويو، جئين هن کي ڪوبہ بتيءَ کان سواءِ ڏسي نہ سگهي، چار شوقين رات جو هاٿي ڏسڻ آيا، انهن کي چيو ويو تہ هي وقت هاٿي جي ڏسڻ جو نہ آهي، مگر هنن تڪرار ڀڃو تہ هاٿي ضرور هن مهل ڏسنداسين. . . . جو گهرجي سو وٺو اسان کي بتي يا چراغ جي بہ ضرورت نہ آهي. نيٺ هڪ اندر ويو، هن جو هٿ هاٿيءَ جي سونڊ کي وڃي لڳو، هو ٻاهر آيو ۽ چوڻ لڳو تہ هاٿي نلڪي وانگر گول مخروط ۽ لنبو آهي، ٻيو ويو تہ ان جا هٿ وري هاٿيءَ جي ٽنگن کي لڳا اهو ٻاهر اچي چوڻ لڳو تہ هاٿي هڪ ٿلهي ٿنڀي وانگر آهي. چوٿين جو هٿ هن جي پٺيءَ تي لڳو، جنهن چيو تہ، هاٿي تخت وانگر آهي، جيڪڏهن هنن جي هٿ ۾ شمع هجي ها تہ نڪي غلطي ۾ پون ها، نڪي منجهن اختلاف راءِ ظاهر ٿئي ها.

دنياوارن ۾ جيڪو اختلاف آهي، سو جهالت جي تاريڪي سبب آهي، جيڪڏهن هو علم جي نور سان منور ٿين نہ جيڪر نڪي پاڻ لڙن، نڪي جهڳڙو ڪن.

شعر

علم جي ڪڻ شمع، ظلمت جهل کي دنيا مان ڪڍ
جت بہ تاريڪي هجي، تون اُت وڃي تنوير ڪر.

# مڪان جي تلاش ۾

هڪ امير ماڻهو، هڪ شهر ۾ وارد ٿيو، هو اهڙي گهڙي جي تلاش ۾ هو، جو آرام ڏيندڙ هجي. هن کي ڪشادي هوادار ۽ بين خوبين واري مڪان جي ضرورت هئي. . . هن ڏاڍي جاچ ڪئي مگر هن کي اهڙي جڳهه هٿ نه آئي. هو هڪ ڏينهن جئين بازار مان پئي ويو، تيئن نندپڻ جو هڪ ڪلاسي دوست ملي ويس، ٻئي ڏاڍي سڪ ۽ محبت سان هڪٻئي کي مليا، حال احوال ڏنائون، ورتائون، ڪليا خوش ٿيا، گفتگو جي دوران امير پنهنجي دوست کي جڳهه بابت ڳالهه ڪئي، دوست چيس ته، اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، منهنجي پاڙي ۾ ئي هڪ اهڙي جاءِ آهي، جيڪڏهن هو ويران ۽ خراب ٿي نه وڃي ها، غسل خانه ڍهي نه پويس ها. . ته اهڙو عاليشان مڪان ٻيو هو ئي ڪونه.

دوست جي هيءَ ڳالهه ٻڌي، متلاشي چيو ته، يار مون کي جاءِ جي ضرورت آهي، تنهنجي انهي اگر مگر ۽ هيئن هجيس ها، سان منهنجو مطلب ڪهڙو؟ تو واه جو منهنجي مدد ڪئي.

دوست سڏائي سيڪو جاني زباني،
آهي آساني ڪم پوي ته ڪل پوي.

اگر مگر کهنا نهين مردون کا کام
کام هين شرطون سي رهتي ناتمام

# اجايو خوف

هڪ ظريف انسان، پنهنجي گهر جي در تي وينو هو ته ڏسي ته، هڪ شريف صورت انسان، دراز ريش فربہ بدن، عالمن جهڙو گول گول پٽڪو، ڍگهو جبو پايو، سهڪندو اچي ٿو. ظريف پڇيوته ايتري قدر اوهان گهبرايو ڇو ٿا؟ ڪنهن جي خوف کان اوهان جو بدن ڪنبي رهيو آهي. لب خشڪ ۽ چهرو زرد معلوم پيو ٿئي، مگر هو شخص ايتري قدر ته خوفزده هو، جو ڳالهه ڪري نہ پيو سگهي. آخر ظريف جي تسلي ڏيڻ تي چيائين ته، مان نڪي چور آهيان، نڪي خوني، مگر مون ڏٺو ته گڏه بيگر وهڻ لاءِ پڪڙيا وڃن ٿا، مون کي خوف آهي ته، متان مون کي بہ پڪڙي وڃن، انهيءَ کان مون کي بچايو.

ظريف چيو ته ڪٿي ٿيا گڏهہ ڪٿي تو جهڙو شاندار ۽ معتبر انسان. .. .تون گڏهہ آهين ڇا جو توکي پڪڙي وڃي بيگر وهائيندا؟ هن چيو ته سڀ ماڻهو تون جهڙا ”آدم شناس“ نہ آهن، هو مون کي پڪڙي وڃي سرڪار ۾ پيش ڪن ته، پوءِ ته مون لاءِ ڏاڍو آزار ٿيندو، پوءِ ته مان توکي ڳوليندو رهندس ته اي جناب اچي مون کي ڇڏاءِ.

چونکہ بي تميز و نادان سروراند
صاحب خر را بجائي خر برند

اڄڪلهہ جا سردار ۽ امير بدتميز ۽ جاهل آهن، گڏهہ جي بجاءِ گڏهہ واري کي ونيو ٿيا وڃن. انسان کي هر حال ۾ احتياط رکڻو آهي، خواه هو ڪيترو ئي نيڪ هجي، هن کي برن ۽ بڇڙن کان تڏهن بہ ڊڄڻ گهرجي، جئين هو تڪليف نہ پهچائين وڃون ڪنهن سان دشمني سبب ڏنگ نٿو هڻي، مگر هو پنهنجي بڇڙي عادت کان مجبور آهي، تنهن ڪري:

خوف رک دل ۾ تون بڇڙن جو سدا
پچ انهن کان تون پري هردم ادا

# ڪنپ پٽيندڙ مور

هڪ خوبصورت مور، جهنگل ۾ پنهنجي خوبصورت ڪنپ پٽي پٽي اڇلي رهيو هو، هڪ عقلند آدمي اها حالت ڏسي ڪيس چيو تہ تنهنجي دل ڪي اها ڳالهہ ڪيئن ٿي وڻي، جو پنهنجا خوبصورت ڪنپ پٽيو پيو اڇلين. ڇا تو ڪي خبر نہ آهي، تہ ماڻهو انهن ڪنپن ڪي ذوق شوق سان هٿ ڪري قرآن مجيد ۾ وجهندا آهن، حسين مهہ جبين انهن ڪنپن مان وڃڻا ناهي، پنهنجي ماهہ جهڙي منهن ڪي هوا هڻندا آهن، هيءَ تنهنجي وڏي ناداني ۽ بي شڪري آهي، جو اهڙي قدر ۽ شان وارن ڪنپن ڪي پٽي پيو اڇلائين.

مور اهو ٻڌي، واٽ مان ڪجهہ نہ ڪڇيو. ها، سندس اکين مان ڳوڙها نار ڪري وهڻ لڳا، ڳوڙها، درد دل جو پتو ڏئي رهيا هئا، تنهن ڪري انهن جو ڏاڍو اثر ٿيو.

گريہ باصدق برجانها زند
تاکہ چرغ و عرش راگرما کند
گريہ بي صدق بي سوزش بود
ديوارن برگريہ اش خندان شود

جيڪڏهن هو، دل جي باهہ اکين جي ڳوڙهن سان وسائي چڪو، تڏهن چوڻ لڳو تہ اي نادان انسان! منهنجي ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏ، تون منهنجي خوشنما پرن ڪي ڏسين ٿو مگر مان پنهنجي عيبن ڪي ڏسي اشڪبار آهيان نہ منهنجي گوشت ۾ مزو آهي. نہ پيرن ۾ خوبصورتي، ماڻهو منهنجي ڪنپن جي تعريف ڪندا آهن ۽ مان پيرن جي بيڊولائي ڪان شرمندو ٿيندو آهيان، خوبصورت منهنجا ڪنپ ئي آهن، جن لاءِ شڪاري منهنجي تلاشي ڪندا آهن ۽ مون ڪي مارين ٿا. ڪاش گوشت ۽ پيرن وانگر منهنجا پر بہ خراب هجن ها تہ مان شڪارين جي تيرن جو نشانو نہ بڻجان ها، مان پنهنجي پچ جا ڪنپ پٽي اڇلائي رهيو آهيان تہ مون ڪي لنبو ڏسي شڪاري مون ڪي مارڻ جي نہ ڪن. . .

هنر ۽ خوبصورتي انهي جي لاءِ سودمند آهي، جيڪي الله وارا آهن، ورنہ هنر ۽ خوبصورتي اهڙي طرح وبال جان آهن، جهڙي طرح مور لاءِ ڪنپ.

دشمن طائوس آمد پَر او
اي بسا شاه را بگشتہ فراو

# ڪئو ۽ ڏيڏر

هڪ ڪئو ۽ ڏيڏر پاڻ ۾ پڪا دوست ۽ پڳ مٽ يار هئا. هنن جي گهري دوستي ڏسندڙ ائين سمجهندا هئا ته ٻه قالب، هڪ جان آهن. هنن ۾ ايتري قدر محبت هئي جو هر وقت گڏ رهندا هئا، سندس اٿڻ ويهڻ، گهمڻ، ڦرڻ، کائڻ پيئڻ گڏ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ڪئي، ڏيڏر کي چيو ته يار! جڏهن تون پاڻي ۾ هليو وڃين ٿو، تڏهن آءٌ ڪناري تي ويهي توکي سڏيان ٿو، مگر تون منهنجي آواز نٿو ٻڌين، مان سڏي سڏي ٿڪجي پوان ٿو، جڏهن تون ڪان ڪو جواب نٿو ملي، تڏهن مون کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو، مون هڪ تجويز ڳولي ڪڍي آهي، جيڪڏهن تون به ان سان شامل راءِ ٿئين ته پوءِ اسان جي تڪليف دور ٿي ويندي. اُها رٿ هيءَ آهي ته اهڙو ڪو ڌاڳو هٿ ڪجي، جنهن جي هڪ پڇڙي تنهنجي ٽنگ ۾ ۽ ٻي منهنجي ٽنگ ۾ ٻڌل هجي، بس جنهن وقت ملاقات جو خيال ٿئي مان ٿورو ڇڪيان ته تون هڪدم ٻاهر هليو اچ، پوءِ پاڻ ۾ روح رهاڻيون ڪريون. . . ڏيڏر چيو ته تنهنجي صلاح نيڪ آهي، هو ڏس سامهون ڪوريءَ جو دڪان اٿئي، اُتان هڪ مضبوط ڌاڳو ڪتي ڪٽي اچ ته راءِ کي عملي جامو پهرايون. ڪئو هڪ ڌاڳو ڪٽي آيو، جو ٻنهي پنهنجي هڪ هڪ ٽنگ ۾ ٻڌو، ڪئو پنهنجي ٻرڙ ۾ هليو ويو ۽ ڏيڏر پاڻيءَ ۾ هليو ويو، ائين وقت پيو گذرندو هون، هڪ ڪانو اهو لقاءُ ڏٺو هو، سو دل ۾ خوش هو ته هڪ ئي تير سان ٻه شڪار ٿيندا. ڇا ڪيائين جو ڌاڳو ڇهنب ۾ ڪري وٺي مٿي اڏامڻ لڳو جنهن ۾ هڪ پاسي ڪئو ۽ ٻئي پاسي ڏيڏر لڙڪندو پئي آيو. ڏسڻ وارا عجب ۾ پيا، ته ڪانو ڏيڏر کي پاڻيءَ مان ڪيئن ڪڍيو؟ هڪ دانا انسان اتي بيٺو هو، جنهن چيو ته يارو، هن کي غير جنس سان ياراني هئي، تنهن ڪري هن پنهنجو موت سان آندو. . . هن واقعي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي ته غير جنس جي صحبت هميشه هلاڪت ۽ نقصان جو باعث بڻبي، تنهن ڪري انهيءَ کان دور رهجي.

## شعر

هم جنس باهم جنس ڪند پرواز
ڪبوتر با ڪبوتر باز با باز

# گڏھ گھوڙن ۾

هڪ غريب پخاليءَ جو هڪ وڏو متارو گڏھ هو، مگر ٿورن ڏينهن ۾ هو اهڙو لاغر ۽ هيڻو ٿي ويو، جو هوا ۾ جهوٽي سان هن کي ڪک وانگر اڏايو ٿي وئي. پنيءَ تي ڪيترن زخمن جا غار ٻڻجي ويا هئس، جن ۾ بي انداز ڪيڙا سڪونت پذير ٿي چڪا هئا. هو ۾ قدم ٻه هلي نٿي سگھيو. هڪڙي طنبيلي جي داروغي گڏھ جي مالڪ کان پڇيو ته، چو تنهنجو گڏھ هھڙو هيڻو ۽ ڏٻرو ٿي ويو آهي؟ هن جواب ڏنس ته مان مفلس آهيان مون کي پنهنجي کائڻ لاءِ ئي جڏهن ڪجھ نه آهي، تڏهن گڏھ لاءِ گاهه داڻو ڪٿان آڻيان، بکن هن کي هٽي هيڻو ڪري ڇڏيو آهي. داروغي چيس ته هن کي هڪ مهينو منهنجي طنبيلي ۾ ڇڏي وڃ، پوءِ ڏسجان ته تنهنجو گڏھ ڪهڙي ڊول ۾ ٿو ٿئي. نيٺ هو گڏھ کي ڪاهي گھوڙي جي طنبيل ۾ ويو ۽ گھوڙي سان گڏ کيس گاهه داڻو کارائڻ ۽ چنڊ ڦوڪ ڪرڻ لڳو. گڏھ جي روزاني ڏاڍي خدمت ٿيڻ لڳي، پنهنجي اهڙي حالت ڏسي گڏھ دل ۾ چوڻ لڳو ته يا خدا! جيتوڻيڪ توسان سوال جواب ڪرڻ بي ادبي ۽ گستاخي آهي، مگر مان پڇڻ کان سواءِ رهي ٻه نٿو سگھان، ته مون ۾ ۽ گھوڙن ۾ ڪهڙو فرق آهي، مون کي ٻه هن جهڙا پير ۽ ٽنگون آهن، تڏهن ٻه ايترو فرق چو رکيو ويو آهي، جو هن جي خوراڪ گاهه داڻو ۽ ٻيا مصالحه ۽ منهنجي قسمت اروڙين تي رلڻ ۽ ڏنبا جهلڻ. . . . ٿورن ڏينهن بعد لڙائي لڳي، جنهن ۾ انهي طنبيلي وارا سڀ گھوڙا ميدان جنگ ۾ موڪليا ويا. جڏهن واپس آيا ته زخمن سان چور هئا. اهوئي بدن، جو ريشم وانگر چمڪدار ۽ لسو هو، سوئي بدن رت سان ڀريل ۽ ڦٽن سان خراب ٿي چڪو هو، سيني جو بدن تيرن سان ڇلجي چڪو هو ۽ رت بند نٿي ٿين، ڪيترا تير اجا ٻه سندن جسم ۾ لڳا پيا هئا.

چون خر آن را ديد پس گفت اي خدا
من بفقر و عافيت دارام رضا
زان نوا بيزار و زين زخم زشت
هرکه خواهد عافيت دنيا بهشت

گھوڙن جي هي تڪليف ڏسي، گڏھ خود بخود پڪاري چيو ته، ياالله!جو ڪجھ مون پهريائين شڪايت ڪري چئي هئي اها سڀ بڪواس هئي، مون کي پنهنجي گستاخي جي معافي ملي. مون کي هن پخاليءَ جي پخال، اوڙي تي چرڻ ۽ بکن ۾ مرڻ منظور آهي، مگر لڙائي ۾ زخمي ٿي مرڻ منظور نه اٿم، مون کي جلد هن طنبيلي مان ڪڍ.

انسان کي گهرجي ته پاڻ کان وڏن سان ريس نه ڪري ۽ هر ڪسي را بهر ڪاري ساختن کي نظر ۾ رکي. يعني سڀ ڪنهن کي جدا جدا ڪمن ۽ فائدن لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. اها ڏاٽي جي قدرت ۽ سندس ڪم آهي جنهن کان جيڪو ڪم وٺي وني!

گھوڙن ۽ گھوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا
ڪڏهن منجھ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

# لومڙي ۽ نادان گڏهه

هڪ شينهن ۽ هاٿيءَ جو پاڻ ۾ مقابلو ٿيو، ٻنهي جي وچ ۾ زبردست لڙائي لڳي، هاٿي ته شينهن جي چنبن جا زخم سهي ويو، مگر شينهن کي تمام سخت صدما رسيا ۽ هو شڪار ڪرڻ کا بيڪار ٿي پيو. ڪيترا ڏينهن ٻک ۾ گذري ويس شينهن سان گڏ ڪي لومڙيون به رهنديون هيون، جي هن جي اوبر تي ٽڳنديون هُيون. جڏهن شينهن ئي ٻک مري رهيو هو، تڏهن هنن لومڙين جو ٻک ۾ کهڙو نه برو حال هوندو. شينهن چين ته، جيڪڏهن اِها حالت رهي ته نه توهان جيئريون رهنديون ۽ نه مان زندهه رهندس. ڪجهه حيلو ڪريو، توهان مان هڪڙي هِن سرسبز جهنگل ڏانهن وڃي ۽ ڪنهن گڏهه يا ڳئون کي ڳالهين ۾ لڳائي، مون تائين وٺي اچي، مان انهي کي ماري پاڻ به کانوان ۽ اوهان کي به ڏيان. . . .

هڪ لومڙي جا ڏاڍي چالاڪ هئي، سا ادب بجا آڻي، جهنگ ڏانهن رواني ٿي، هڪ ڏوڀي جي گڏهه کي وڃي پاسو ڏنائين، جو ٺڪرائين زمين ۾ ڪريل ڪک پن ڪائي رهيو هو ۽ پاڻي پي موت جا ڏينهن پورا ڪري رهيو هو، بار ڍوئي پني ۾ زخم ٿي پيا هئس، ٻک کان پيٽ پنيءَ سان وڃي لڳو هوس لومڙي هن سان مصروف گفتگو ٿي، ٻنهي ۾ جيڪا گفتگو ٿي سان ٻڌڻ جي قابل آهي.

لومڙي: ڀائو لاغر گڏهه اسلام عليڪم

گڏهه: ادي لومڙي وعليڪم اسلام

لومڙي: ادا ڪيستائين، هن ٺڪرائين زمين ۾ رهي ٻک جون مصيبتون سهندو رهندين.

گڏهه: ادي جيڪڏهن مان غم والم ۾ گرفتار آهيان، ته به مولىٰ سائين جو شڪر گذار آهيان، جو ڪجهه هن منهنجي ڀاڳ ۾ لکيو آهي، ان تي خوش آهيان، خدا تعالىٰ جيڪي ڪجهه منهنجي مقدر ۾ لکيو، انهي بابت شڪايت ڪرڻ ڪفر آهي، صبر جو وڏو اجر آهي. پرندا، نانگ، بلائون، مڇيون پکي پکڻ سڀ پنهنجو پنهنجو نصيب کائين ٿا. سيني جو روزي رسان، اُهو رازق عالم آهي. هن جي خزاني ۾ ڪاٻه ڪمي ڪانه آهي. ٻک وگهي ڪو ڪو نه مئو. تون جي زنده دل آهين، ته راضي برضا رهه. دوست الله آهي، ٻيا دشمن آهن. اهو احمق آهي، جو دوست جي گلا دشمن سان ڪري. تون شڪر ڪر مبادا تنهنجي حالت به بدتر ٿئي. اجائي حرص گيري نه ڪجي، خزاني جي تلاش ڪبي ته نانگن جي ور چڙهبو، گل هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنڊن جا زخم سهبا، هن دنيا ۾ خوشيءَ سان گڏ غم به آهي چاڪاڻ ته.

گنج بي مارو گلي بي خار نيست

شادي به غم درين بازار نيست

لومڙي: ادا گڏهه، حلال رزق جي تلاش ڪرڻ فرض آهي هيءَ دنيا عالم الاسباب آهي، هتي بغير ڪوشش رزق نٿو ملي، الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته، "وابتغوا من فضل الله" يعني الله جي فضل مان روزي جي تلاش ڪريو. رسول مقبولﷺ جن به فرمايو آهي ته رزق بند دروازن ۾ ڪلفن جي اندر آهي، سو تڏهن ملندو جڏهن محنت جي ڪنجي سان ڪلف ڪولبو.

بي کليداين در کشاده راه نيست
بي طلب نان سنت الله نيست
عالمِ اسباب رزق و بي سبب
مي نيا بد پس مهم باشد طلب

گڏهه: پيڻ لومڙي! خدا جتي ڪٿي رزق رسائي ٿو، بشرطيڪ پوري توڪل هجي، جنهن ڏنو آهي ساهه، اهو ئي ڏيندو گراهه. چرند ۽ پرند جيتوڻيڪ ڪو پورهيو ڪو نه ٿا ڪن، ته به رازق انهن کي رزق پيو ڏئي، هر هڪ جو نصيب ان کي پيو ملي، جو صبر ڪري ٿو، رزاق انجي جهولي رزق سان پري ٿو، بک ۾ ڪو ڪونه مري ٿو رنج ۽ ڪوشش بي صبري سبب ڪجي ٿي.

جمله را رازق روزي مي دهد
قسمت هر کس به پيشش مي نهد

لومڙي: ادا گڏه! اهڙي توڪل ڪير ٿوڪري؟ پيغمبر ڪريم جن فرمايو آهي ته، قناعت هڪ خزانو آهي، هر هڪ کي مخفي خزانو ملي نٿو سگهي، تون پنهنجي قدر سڃاڻ ۽ پنهنجي قدر کان وڌيڪ وک نه کڻ. هروپرو توڪل جو دم نه هڻ، ڪوشش ڪري، روزي لاءِ ٻاهر قدم ڌر.

جهد کن اندر طلب سعي نما
چون نداري در توکل صبر ها

گڏه: پيڻ لومڙي! تون ڪهڙين الٽيون باتيون ڪري رهي آهين، طمع ۾ وڏيون خرابيون آهن، قانع آدمي کي ڪوبه خطرو نه آهي. طمع ڪنڌ کي جان جو جوکو رسي ٿو، لالچ سان ڪو به بادشاهه بنجي نٿو سگهي رزق ته ڪتن ٻلن کي به ملي ٿو، ٻڌاءِ ته سهي ته هيءُ مينهن، جنهن تي سيني جي رزق جو مدار آهي سو ڪنهن جي ڪوشش ۽ محنت سان وسي ٿو، جهڙي طرح تون رزق تي عاشق آهين، اهڙي طرح رزق به تو تي عاشق آهي جيڪڏهن تون هن جي پنيان نه پوندينءَ ته به توکي ملي ويندو، ڇا تو هيءَ ڳالهه ڪانه ٻڌي آهي:

”هڪ زاهد رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو ته ڪو چاهي يا نه چاهي، رزق ان ڏانهن عاشق وانگر خود ئي پهچي وڃي ٿو.“

گر تو خواهي ورنه خواهي رزق تو
پيش تو آيد دوان از عشق تو

هي زاهد، انهيءَ ڳالهه کي آزمائڻ لاءِ هڪ جبل طرف ويو ۽ اُتي بڪارو هڪ هنڌ ليٽي پيو، اوچتو اُتي هڪ ماڻهو اچي نڪتو، جنهن ڏٺو ته هن خطرناڪ جڳهه ۾ بگهڙن ۽ مرن جو ڊپ آهي، هي آدمي ستو پيو آهي، هن ڪيس سڏ ڪيا ۽ اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر هو ڄاڻي واڻي چپ ڪري ستو پيو هو. تنهن تي هن آدمي سمجهيو ته هن کي بک بيحال ڪري وڌو آهي سو ڇا ڪيائين، جو پنهنجي ماني، ڇا هن کي ساڻ هئي سا گرهه گرهه ڪري هن جي وات ۾ وڌائين. . . .

زاهد دل ۾ چيو ته سچ آهي ته، رزق رزاق جي هٿ ۾ آهي جو پيو رسائي. ادي لومڙي! ڏٺئه ته رزق ڪيئن هن زاهد کي مليو. فقط توڪل ڪري صبر کان ڪم ونجي.

”رزق سوئي صابران خود مي رود“

لومڙي: پائي! اهي قصا چڏي ڏي، هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هڻي فقر و فاقو دور ڪر، دنيا جو ڪم هڪ ٻئي جي مدد سان هلي ٿو. سڀ ڪو آدمي، سڀ ڪم پورا نٿو ڪري سگهي، ڪو ڪپڙا ٿو اُڻي، ڪو پوک ٿو ڪري، جيڪڏهن سڀ ڪوئي توڪل ڪري ويهي رهي ته دنيا جو چرخو ڪيئن چلي.

گڏه: ادي لومڙي! تو اجائي اها چه چه ڪڻي مچائي آهي، مان نٿو سمجهان ته، توڪل کان وڌيڪ ڪو ڏنتو يا هنر آهي.

خود توکل بهتر اين کسبها ست

زانکه در هر کسب دستت بر خدا ست

جيترو خدا جو شڪر ڪبو ادا، اوترو هو زياده رزق ڪندو عطا! يا خدا! مون ڪي توڪل تي ثابت قدر رکي، چاڪاڻ جو توڪلي مرد ڪنهن جو نه آهي محتاج، نه پري محصول نه ڏئي ڍل يا خراج.

جڏهن انهن سوالن جوابن ۾ لومڙيءَ جو چارو نه چليو تڏهن گفتگو جو موضوع بدلايائين، چوڻ لڳي ته تو الله تعاليٰ جو حڪم نه ٻڌو آهي ته، ”پاڻ ڪي پاڻهي هلاڪت ۾ نه وجهو“ خشڪ ۽ سنگلاخ زمين ۾ صبر ڪرڻ ۽ خدا جي سرسبز زمين کي ڇڏي ٻکون ڪاٽڻ ناداني آهي. هتان پرسان ئي سرسبز چراگاهه موجود آهي، جنهن مان نهرون پيون وهن، گاهه ۽ چاري جو اتو متو ڪونهي، اُتي جيڪو جانور وڃي ٿو، سو ڪايو خوش ٿيو پيو موج ماڻي. گڏه کي اها به سمجهه نه آئي ته جڏهن اهڙو ڪاڏو موجود آهي ته تڏهن تون چو سڪي ڪنڊا ٿي آهين؟ تنهنجو جسم، چو لاغر ۽ نحيف ٿيو آهي، تنهن جو اڪيون چو ڏار ڏئي رهيون آهن پاسريون چو نڪري آيون اٿئي. . . . جيڪڏهن تون گلزار جنت مان آئي آهين، ته تحفي طور گلدستو ڪٿي آهي؟ لومڙي جو حال ته ان اٺ جهڙو هو، جو گوڏهن تائين مٽيءَ سان پريل هو. ڪنهن پڇيس ته ڪٿان پيو اچين؟ چيائين ته اجهو تنهنجي حمام خاني مان تڙ ڪيو پيو اچان. پڇڻ واري چيس ته نيڪ آهي، تڏهن ته تون گوڏن تائين مٽيءَ ۾ پريل آهين نه. گڏه اڳ ۾ ٻئي دفعه لومڙيءَ کي سوال جواب ڏئي دليلن سان مڃايو هو، مگر جيئن ته هن کي پنهنجو عقل ئي ڪونه هو، هو ٻڌيل ڳالهين تي هو، سو لومڙين جي هن دام فريب ۾ جڪڙجي ويو، ڪاڻ جي حرص ۾ سڀ ڪجهه وسري ويس. جنهن شخص ۾ پنهنجو عقل ۽ سمجهه نه آهي، اُهو ڪهڙا دليل ڏئي سگهندو!

هڪ بزدل شخص جي ڪنهن بدمعاش بيعزتي ڪئي، بزدل شخص جي چيلهه ۾ خنجر ٻڌل هو، هن بدمعاش چيس ته اها تلوار چو ٻڌي اٿئي؟ هن چيو ته هي خنجر انهيءَ لاءِ رکيو اٿم، ته جيڪو منهنجي بيعزتي ڪندو، انهيءَ جو پيٽ ڦاڙيندس، بدمعاش چيس ته الحمدالله جو مون تنهنجي بيعزتي نه ڪئي آهي.

”جي نه مڙسي آهه خنجر چا ڪندو“

مطلب ته لومڙي، گڏه کي هيڏانهن،هوڏانهن جون خبرون ٻڌائي ريهي رييي، شينهن ڏانهن وٺي هلي، جڏهن ڪجهه اڳتي هليا، تڏهن شينهن گڏه کي ايندو ڏسي، خوشي کان وٺي چال ڏنو ۽ گجگوڙ ڪئي، گڏه اتان ئي پوئتي پير ڪيا ۽ سهڪندو سهڪندو اچي جاءِ تي پهتو. لومڙي اِهو حال ڏسي

شينهن کي چيوته واه! سائين واه! دم به ترسي نٿي سگهيو، تڪڙي ڪري، ڪٿيل راند هارائي ڇڏيو توهان کي خبر نه آهي:

مڪر شيطان آهه تعجيل ۽ شتاب

لطفِ رحمان آهي صبر و احتساب

شينهن چيوته مون کي خبر ئي نه رهي، مون شڪار کي ايندو ڏسي، دل ۾ چيو ته مون ۾ اُها ساڳي اڳين طاقت آهي مان ڪمزوري واري حالت ئي پُلائي وينس، بک منهنجو صبر کوهي ڇڏيو، تنهنجو وڏو احسان ڄاڻندس جيڪڏهن مون کي گڏهه سان ملائين ته. . . . لومڙي چيس ته دلجاءِ ڪريو، مان وري به هن کي ڪنهن حيلي مڪر سان هت آڻي ڪيان ٿي، آخر ته گڏهه گڏهه آهي. . . . مگر ايترو ته ڪجو، جو تڪڙ کي ڇڏي ڏجو. . . .

شير چيو ته مان هڪ ڀيري تجربو ڪري چڪو آهيان، تون رڳو هن کي هت آڻ. . .

لومڙي چيو ته اي جهنگل جا بادشاهه تون دعا پيو ڪر جيتوڻيڪ گڏهه عهد ڪيو آهي ۽ توبهه ڪئي اٿس ته ڪنهن سان رلجي نه ويندس، مگر مان هن جي عقل تي غالب پئجي سندس عهد ۽ توبهه ٽوڙيندس، جڏهن هو عهد ۽ توبهه ڀڃي چڪو تڏهن هن جي بربادي يقيني ٿيندي. اصحاب سبت جڏهن منع ڪيل مڇين جو شڪار ڪري ڪيل عهد ڀڳو تڏهن هنن جو شڪليون ئي بدلجي ويون هو باندر ٿي ويا. هاڻي رسول الله صلي الله عليه وآليه وسلم جن جي مهرباني سبب سندس امت جي بد عهدن جون شڪليون ته نه بدلبيون، مگر منڪرن جون دليون سو بي نور ۽ انڌيون ٿي پونديون، گڏهه انجام پڇيندو ۽ پڪ منهجي ور چڙهندو.

”جيڪو توبه ٿو ڀڃي، ٽوڙي قسم،

موجبِ لعنت ٿئي سو انهيءَ دم.“

لومڙي اهڙا خيال پچائيندي، وک وڌائيندي، گڏه وٽ آئي، گڏهه هن کي ڏسي چيو ته، وه ڙي ادا واه! تون ڏاڍي مڪريلڻ آهين، تون جهڙو دوست هجي، ته دشمن جو ضرور نه آهي، مون توسان ڪهڙي دشمني ڪئي، جو شينهن جي وڙ تي چاڙهيئه، تنهنجو به وچون وانگر نيش زني ڪرڻ ڪم آهي، جهڙي طرح شيطان خواه مخواه آدم جو دشمن بڻجي ويو، تون به اهڙي طرح آهين.

لومڙي: ادا گڏه! تون آخر گڏهه جو گڏهه نڪتين، توکي خبر نه آهي ته، حقيقتاً ڪو شينهن هتي رهي ئي ڪونه ٿو صرف جادو جو ڪيل آهي، جو شينهن جي ڏيکاري ٿو ڏئي اهو طلسم انهي ڪري بنايو ويو ته، جيئن هر هڪ گنجو لولو هن مرغزار ۾ دخل انداز نه ٿئي. . . ورنه تون ڄاڻين ٿو، هاڻي ۾ گينڊي جهڙا وڏا وڏا جانور، جيڪر هي چراگاهه ڪائي، ڪپائي ڇڏين ها، ڏس مان ڪهڙي نه ڪمزور آهيان، جيڪڏهن شينهن هجي ها ته مون کي ڪائي نه ڇڏي ها.

گڏهه: اي مڪار، هڪدم مون ڪان پري ٿي وڃ، مان تنهنجي شڪل ڏسڻ گناهه ڄاڻان ٿو. تون منهنجي خون جي پياسڻ آهين، مون خدا خدا ڪري پنهنجي جان بچائي آهي، تون مون کي پنهنجي ڦند ۾ ڦانسائڻ گهرين ٿي، ائين برابر آهي، ته مان گڏهه آهيان، مان ڄاڻان ٿو ته شينهن تو کي موڪليو آهي،

تہ وري تون مون کي گرفتار ڪري وٺي هلين، سياڻن سچ چيو آهي تہ بچڙي دوست کان تہ زهري نانگ ڀلو آهي.

”مار بچڙو زخم ٿو ڏئي جان کي،
يار بچڙو ٿو لٽي ايمان کي.“

لومڙي: اڙي ڀائو!! تو کي اجايو وهم وينو آهي، وهم و گماني اهڙي بيماري آهي، جنهن جو علاج لقمان وٽ بہ ڪونہ آهي، وهم واري کي دوست بہ دشمن پيو نظر ايندو، نوڙي ڪيس نانگ ڏيکاري ڏيندي.

”وهم جڏهين ڪنهنجي دل ۾ ٿو وهي،
ڪنهن بہ حيلي کان نٿو ان کان لهي.“

وهم، وڏن وڏن بزرگن کي بہ دوکي ۾ وجهندو آهي، خبر نہ اٿئي حضرت ابراهيم خليل الله سج ۽ چنڊ کي ڏسي چيو هو تہ، هي آهي مون جو رب، اِهو بہ هن کي وهم ئي وينو هو.

حضرت عمر رضہ جي عهدِ حڪومت ۾ هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي پِرن جو وار چنڊ جي ڏيکاري ڏئي رهيو هو، سو بہ وهم و گمان هو. توتي بہ وهم جو ڀوت سوار ٿيو آهي، تڏهن ٿو، مون جهڙي رهبر ۽ خيرخواه کي دشمن ڄاڻين، افسوس ڪابہ سمجهہ نٿو آڻين، گڏهہ هِن روباه کي گهڻا ئي جواب ڏنا، مگر گڏهہ سوئي گڏهہ.

ڏوڀي منجهہ درياءَ تہ بہ اوجهہ نہ ڇڏي اوجهري! بک جي بلا، نيٺ وري بہ سندس عقل تي غالب اچي وئي، حرص صبر تي قابض ٿيو. افسوس مانيءَ جي ٽڪرن جي عشق ڪيترن جا ڪم لاهي ڇڏيا، ”بک بچڙو ٿول دانا ديوانا ڪري“ فقر و فاقہ بي صبرن کي ڪفرانہ ڪلما چوائي ڇڏي.

گڏهہ دل ۾ چيو تہ، جيڪڏهن لومڙي فريب ٿي ڪري تہ بہ هن بک جي عذاب کان اُهو مرڻ ڀلو آهي. حرص انڌو بنائي، بيوقوفن کي آسانيءَ سان موت جي منهن ۾ ڏيندو آهي. جنهن بدبخت کي جاودان زندگي حاصل نہ هوندي آهي، انهيءَ کي موت جي لاءِ جرائت ڪرڻ سندس احمقانہ فعل آهي. گڏهہ کي پنهنجي خالق، مالڪ ۽ رازق تي اعتماد ۽ ايمان ڪونہ هو، تہ ڪيس غيب مان روزي رسائيندو. هن بکون بہ ڪاٽيون مگر انهن بکن هن کي ڪو فائدو ڪونہ رسايو، خدا جا بندا تہ بکن مان وڏو فيض حاصل ڪندا آهن، بک کان سندس ايماني قوت زياده ٿئيي ٿي. هڪ شخص جَوَن جي پوري سوري ماني کائيندو هو، ٻئي پڇيس تہ، هن مان توکي طاقت ڪيئن ٿيندي آهي؟ هن چيو تہ جڏهن بک، صبر سان ملي ٿي، تڏهن هيءَ جون جي ماني بہ حلوه بڻجي ٿي وڃي. . . .

آخر روباه، بدخواه، گڏهہ کي ريهي ريپي شينهن وٽ وٺي ويو، شينهن بہ ڪيترن ڏينهن جو هو باڙيل، سو هڪ ئي ڏڪ سان، سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيائين ڪجهہ نيرن ڪري، پاڻي پيئڻ ويو، پوئتان لومڙيءَ کي لڳو وجهہ، سو گڏهہ جي دل ۽ جگر کائي هضم ڪري ڇڏيائين، شينهن واپس اچي، انهن ٻنهي عضون جي تلاش ڪئي، آخر لومڙيءَ کان پڇيائين، هن چيو تہ حضور هن گڏهہ کي نہ دل هئي نہ جگر! جيڪڏهن هن کي دل ۽ جگر هجي ها، تہ ڀهرئين دفعي موت ڏسي هليو نہ اچي ها؟

دل ۾ جيڪڏهن نور نہ آهي، تہ اُها دل، دل نہ آهي، مگر مٽيءَ جو پنوڙو آهي. مصباح (چراغ) جو نور الله جو عطا ڪيل نور آهي، چمني ۽ بئٽري بندن جي مصنوعات آهي، جنهن الاهي نور کي ڏٺو، سو مومن بڻجي ويو، جنهن چمني کي ڏٺو، سو مشرڪ ٿيو، مومن جي نظر روح تي آهي انهي کي خليل و مصطفیٰ عليهما الصلواة والسلام هڪ نظر اچن ٿا، يهودي جي نگاهہ وجود ظاهري آهي، تنهن ڪري هو، شيش و نوح عليہ السلام کي الڳ الڳ ڄاڻي ٿو.

"دل جنهين ۾ نور ناهي چئو نہ دل،
سمجهہ سان، ڄڻ آهي گويا گِل جي گِل."

# گاھہ ۽ اٺ، ڏاند ۽ دنبو

هڪ اٺ، دنبو ۽ ڏاند واٽ وٺيو پئي ويا، تہ گاھہ جو مڇو نظر آين، هر هڪ جي دل سرڪي تہ، اِهو آءٌ کائوان، مگر دنبي چين تہ يائرو! اچ وقت برو آيو آهي جتي ڊپ هوندو آهي، اتي وڏن کي اڳ ۾ ڪيو وجي ٿو، جتي آرام ملي ٿو اتي وڏن کي پويان ڪيو وجي ٿو. مگر حضور پر نورﷺجو ارشاد آهي تہ، بزرگن کي هميشہ مقدم رکيو وجي، تنهن ڪري هي گاھہ جو مُڇو انهي جو حق آهي، جيڪو اسان مان وڏو هوندو. اهو شرط پيش ڪندي، دنبي چيو تہ يائرو! آءٌ توهان کي پنهنجي عمر بابت ڇا ٻڌايان، ايترو ياد اٿم، تہ جيڪو دنبو اسماعيل عہ تان قربان ٿيو هو، ان سان گڏ مان بہ بهشت ۾ چرندو هوس.

ڏاند چيو تہ بس، تنهنجي عمر اها آهي نہ! مان تہ انهي ڏاند جو جوڙيوال هئس، جيڪو حضرت آدم عليہ السلام جو هر ڪاهيندو هو، اٺ جڏهن ٻنهي جي اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن ڪنڌ هيٺ ڪري، گاھہ کي ڳِڙڪائي چوڻ لڳو تہ، هيڏي وڏي جسم ۽ وڏي ڳچيءَ واري کي پنهنجي عمر ۽ تاريخ ٻڌائڻ جي حاجت نہ آهي. هر عقلمند ايئن چوندو تہ، هي توهان کان وڏو آهي.

# احسان فراموش دهقاني

هڪ دهقاني، ڪم ڪار سان ڪنهن شهر ۾ ايندو هو، هن هڪ شهري خواجہ سان دوستي ڳنڍي، جڏهن بہ شهر ۾ ايندو هو، تہ هن وٽ رهندو هو، مهينن جا مهينا خواجہ وٽ ٽڪي، کائيندو پيئندو ۽ موجون ماڻيندو هو، جڏهن پنهنجي ڳوٺ روانو ٿيندو هو، تہ خواجہ صاحب کي پاڻ وٽ اچڻ جي پرتڪلف دعوت ڏيندو هو، خواجہ صاحب هن سان نهڪر ڪندي، اٺ سال گذاري ڇڏيا، آخر دهقاني نائين ڏهين سال، خواجہ کي چيو تہ، "مان اوهان جي مهمان نوازي جي احسانن، جي بار ڪان دٻجي رهيو آهيان، اوهان کي واجب آهي، هاڻي هڪ دفعي مون وٽ هلو ۽ مون کي خدمت گذاري جو موقعو ڏيو... . خواجہ صاحب کي ڪجھ پنهنجو ۽ ڪجھ سندس پٽن جو خيال ٿيو، تنهنڪري هن جي دعوت قبول ڪيائين، جيتوڻيڪ اِهو بہ سُجهيس ٿي تہ، هن وٽ پهچڻ لاءِ صحرا جون سختيون سهڻيون پونديون، خطرات کي منهن ڏيڻو پوندو، مگر پٽن جي زور پرڻ تي سفر جو سامان تيارڪرڻ خواجہ صاحب، اهل و عيال سوڌو هن دهقاني، ميزبان جي دعوت کائڻ لاءِ روانو ٿيو. هن کي اميد هئي تہ سندن ميزبان، زمين ۽ باغن جو مالڪ آهي، هو اسان جي هر طرح خدمت چاڪري ڪندو، مگر ڪيس اِها خبر ئي ڪانہ هئي تہ، جيڪو هڪ ڏينهن شهر ڇڏي دهقان ۾ رهي ٿو، تنهن جو مهيني جو عقل گم ٿئي ٿو، جو مهينو ٽڪيو سو جڻ ڪافي مدت تائين جهالت جي ڪڏ ۾ ڪريو. . .

مطلب تہ خواجہ صاحب منزلِ مقصد ڏانهن هلڻ لڳ راھ ۾ سفر جون سختيون ۽ تڪليفون صبر سان سهندا پئي ويا، چاڪاڻ جو اميد هُين تہ هن دهقاني وٽ پهچڻ سان، سندس "سون ورهن جا ڏاڪڙا هڪ لحظي ۾ لهي ويندا" مهيني تائين، هن ڳوٺ کان هن ڳوٺ تائين پڇائيندا رهيا، چاڪاڻ جو ڪين هن دهقانيءَ جو پورو پتو بہ معلوم نہ هو. آخر "انڌن بہ ملتان لڌو آهي." جي مصداق مهيني کان پوءِ ان ڳوٺ ۾ وارد ٿيا، هڏانهن هنن جو سيڌو سامان گاھ پنو، سپ ختم ٿي ويو هو، پر اميد هُين تہ هاڻي وسهَن ۾ آهيون. مگر جڏهن هن دهقاني بي ايمان کي سندس اچڻ جو پتو پيو تڏهن وٺي جهنگ منهن ڪيائين، روپوش ٿي ويو سچ چيو آهي مولانا تہ،

آن چنان روکہ همہ زرق و شر است

از مسلمانان نهان، اولیٰ تر است

يعني تہ اهڙو منهن، جو مڪر و فريب ۽ شرارت سان پريل هجي، سو مسلمانن جي منهن ئي نہ چڙهي تہ بهتر آهي. جڏهن مسافرن کي معلوم ٿيو تہ، سندس گهر هي آهي تڏهن پنهنجو گهر ڄاڻي اوڏانهن هلڻ لڳا، مگر ڏٺائون تہ دروازو بند هو، انهيءَ تي خواجہ حيران ٿيو، پنجن ڏينهن تائين دروازي تي وينا رهيا، مگر هو نامراد نہ آيو. هڪ ڏينهن اوچتو سندن دهقاني ميزبان منهن چڙهي وين، خواجہ صاحب اسلام عليڪم چئي، چيس تہ يار مان فلاڻوآهيان، تنهنجي دعوت موجب هتي آيا آهيون...تنهن تي:

هُن چيس ڄاڻان ٿئو آهين تون ڪير،
چو وَڏائين منهنجي گهر ڏي تون ٿو پير،
آءٌ تو ڪي بس سڃاڻان ڪين ٿو،
ڪير آهيو سو تہ ڄاڻان ڪين ٿو.

خواجہ هي سندس رکو جواب ٻڌي چيس تہ، آءٌ اُهو آهيان، جنهن جي شاهانہ دسترخوان تي سالن جا سال پليو هئين، اڄ نٿو سڃاڻين. ..

دهقاني چيو تہ مان تو کي نٿو سڃاڻان اجائي بڪ بڪ نہ ڪر. خير اهڙي طرح خواجہ صاحب کي اهل وعيال سميت پنج ڇهہ ڏينهن ٿي ويا، رات جو سردي ۽ ڏينهن جو اُس کيس سخت ستايو، اوچتو هڪ رات برسات پوڻ شروع ڪيو... اِهوحال ڏسي هن آزي نيازي ڪري دهقاني کي چيو تہ، يار افسوس! تون سڀ احسان وساري ڇڏيا، هاڻي برسات کان اسان کي بچاءِ اِهو تہ پال پلاءِ. دهقاني چيس تہ باغ ۾ هڪ جهوپڙي ڏيانوَ ٿو، مگر شرط هي آهي تہ تير و ڪمان کڻي سڄي رات پهرو ڏيندين، جيئن ڪو جانور وغيره باغ ۾ گهڙي زيان نہ ڪري وڃي.

خواجہ ويچاري اهو شرط قبول ڪيو ۽ باغ ۾ وڃي رهيو، اُها جاءِ ڏاڍي تنگ هئي، مڇرن جو خاص ماڳ هئي، خواجہ ويچارو ڊپ کان مڇرن جا ڏنگ سهندو رهيو، آڌي رات جو کيس ڪنهن جانور جي اندر اچڻ جو آواز معلوم ٿيو، سو تير ڪمان کڻي نڪاءُ ڪيرايائين، تير بہ نيڪ وڃي لڳو ۽ اُهو جانور زخمي ٿي ڪري پيو. . .ڪرڻ کان پوءِ اُهو جانور زور سان ٽٽ ڏيڻ لڳو جي ٻڌي هن دهقاني رڙ ڪئي تہ اي خواجہ تو منهنجو گڏهہ ماري وڌو. خواجہ چيو تہ نہ نہ، مون ظالم بگهڙ کي ماريو آهي، دهقاني ڪاوڙ مان چوڻ لڳو تہ نہ، تو منهنجو گڏهہ ماريو آهي، مان هُن جي هوا معلوم ڪري ويو آهيان. خواجہ صاحب چيو تہ، انڌاري رات ۾ سخت جهڙ ۽ برسات ۾ ڪيئن پتو پيئہ. دهقاني ورندي ڏني تہ ڪهڙي بہ اونده هجي ڪهڙي بہ هوا پئي گهلي، مان پنهنجي گڏهہ جي باد مخالف سڃاڻي ويو آهيان، اِهو ٻڌي خواجہ صاحب هن کي گريبان کان پڪڙي چيو تہ:

درسہ تاريکي، شناسي باد خر
چون نداني مر مرا اي خيره سر
آنکہ داند نيم شب گو سالہ را
چون نداند همره ده سالہ را

اي بي حيا! تو اهڙي اونده ۾ گڏهہ جي ٽٽن جي هوا کي سڃاتو، مگر مون ڏهن سالن جي رفيق کي نہ ڄاتو، افسوس تنهنجي حال تي، اِها ڪجروي ڇڏي ڏي، پاڻ کي ٻنهي جهانن ۾ رسوا نہ ڪر.

هن حڪايت مان نتيجو نڪري ٿو تہ ڪي ڪي ماڻهو ڏاڍا دوکيباز مڪار ۽ احسان فراموش ٿيندا آهن. تنهن ڪري داناءُ انسانن جو ڪم آهي تہ سوچي سمجهي قدم کڻن. انڌا پهريائين جڳهہ جانچي ڏسي پوءِ قدم رکندا آهن.

# نوٽ

هن ڪتاب جون جملي حڪايتون بنام روميءَ جون رهاڻيون، مرحوم و مغفور محمد ابراهيم عباسي، پنهنجي خرچ سان، پنهنجي ۽ منهنجي نالي سال 19ع ۾ شايع ڪرايون. ۽ اهو ڪتاب اسڪولن ۽ ڪاليجن لاءِ، انعامي ۽ لائبريري طور منظور ڪرايو، پهرين ايڊيشن ختم ٿي ويئي، ٻيهر شايع ڪرائڻ جو ارادو هوس، مگر ائين نہ ڪري سگهيا ۽ رحلت ڪري ويا. مون ڪي بہ چار سَو ڪن رپيا ڏنا هئائون، الله تعالىٰ شال کين جنت ۾ جايون ڏيندو.

والسلام
آصف عفي عنہ
بقلم خود